امام مهدي (عج) جي حڪومت

ليکڪ :

نجم الدين طبسي (حفظ الله تعالىٰ)

سنڌيڪار:

نجف علي لغاري

ابوطالب (ع) اسلامڪ انسٽيٽيوٽ لاهور پاڪستان

نام کتاب: چشم انداز حکومت امام مهدی(عج)

نام مؤلف: شیخ نجم الدین طبسی (حفظه الله تعالی)

نام مترجم: نجف علی لغاری

این کتاب در پژوهشگاه بین المللی المصطفی(ص) ترجمه شده است

سيئي حق ءِ واسطا محفوظ آهن

- ❖ **کتاب جونالو : امام مهدي (عج) جي حکومت**
- ❋ **تاليف : شيخ نجم الدين طبسي (حفظه الله تعالیٰ)**
- ❋ **سنڌيڪار : نجف علي لغاري**
- ❋ **تصحيح : مولانا معشوق علي مهدوي**
- ❋ **کمپوزنگ : اداره ولايت اکيڈمي پاکستان**
- ❋ **تعاون : پڑهشگاه بين المللي المصطفیٰ (ص)**
- ❋ **چپائيندڙ : ابوطالب(ع) اسلامک انسٽيٽيوٽ لاهور پاکستان**
- ❋ **چاپو : پهريون سال ١٤٣٦ مطابق سال ٢٠١٥ عيسوي**
- ❋ **تعداد : ١٠٠٠**

بسم الله الرحمن الرحيم

فهرست

سنڌيڪار جو مقدمو ۱۹

مؤلف جو مقدمو ۲۱

باب پهريون ۲۴

حڪومت ۲۵

الف) حڪومتن جا ظلم ۲۵

ب) حڪومتن جي ترڪيب ۲۷

ج) حڪومتن ۾ عورتن جو اثر رُسُوخ ۲۸

د) ٻارن جي حڪومت ۲۸

ھ) حڪومتن جو مضبوط نہ ھجڻ ۲۹

و: ملڪ جي جوڙجڪ ۾ حڪومتن جي ٻيوسي ۳۰

باب ٻيو ۳۱

ماڻهن جي ديني حالت ۳۱

الف) اسلام ۽ مسلمان ۳۱

ب) مسجدون ۳۲

ج) فقيهه ۳۳

د) دين کان پاسو ۳۴

ھ) دين فروشي ٣٤
باب ٽيون ٣٦
ظهور کان پهرين اخلاقي حالتون ٣٦
الف) انساني جذبن جو ٽڏو ٽي وڃڻ ٣٦
ب) اخلاقي فساد ٣٧
ج) گهٽ اولاد جي تمنا ٣٩
د) بنا سرپرست خاندانن جي گهٽائي ٤٠
باب چوٿون ٤١
ظهور کان پهريان امن امان جو نه هجڻ ٤١
الف) بد نظمي ۽ ناامني ٤١
ب) رستن جو غير محفوظ هجڻ ٤٢
ج) خوفناڪ ڏوهه ٤٣
د) موت جي آرزو ڪرڻ ٤٥
ھ) مسلمانن جو قيدٿي وڃڻ ٤٦
و) زمين ۾ دٻجي وڃڻ ٤٧
ز) اچانڪ موت ۾ اضافو ٤٧
ح) دنيا وارن جي نجات کان ناميدي ٤٨
ط) مددگارن جي گهٽتائي ٤٨
ي) جنگ، قتل ۽ فتنو ٤٩

باب پنجون ۵۲
ظهور مهل دنيا جي اقتصادي حالت ۵۲
الف) بارشن جي گهٽتائي ۽ بنا موقعي بارشون ۵۲
ب) دريائن ۽ سمندن جو خشڪ ٿيڻ ۵۳
ج) مهانگائي، بک ۽ غربت ۵۴
د) ڪاڌي جي عيوض عورتون ۵۴
باب ڇهون ۵۶
اميد جي جهلڪ ۵۶
الف) حقيقي مؤمن ۵۶
ب) شيعه عالمن جو ڪردار ۵۷
ج) آخري زماني ۾ قم شهر جو ڪردار ۵۹
د) قم اهلبيت عليهم السلام جو حرم ۵۹
قم شهر وارن جو ٻين ماڻهن تي حجت هجڻ ۶۰
قم اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي جو مرڪز ۶۱
قم جي فڪري روش جي حمايت ۶۲
امام مهدي عليه السلام جا انصار ۽ مددگار ۶۳
ايران امام زمانه عليه السلام جو ملڪ ۶۳
ايرانين جي عظمت ۶۴

باب پهريون ٦٨
امام زمانہ عليه السلام جو قيام ٦٩
الف) ظهور جو اعلان ٧٠
ب) پرچم جي علامت ٧٠
ج) قيام سان ڪائنات جي خوشحالي ٧١
د) محروم ۽ مايوس ماڻهن جي نجات ٧٢
قيام جي وقت عورتن جو ڪردار ٧٣
باب ٻيو ٧٥
قيام جو ليڊر (اڳواڻ) ٧٥
الف) جسماني خاصيتون ٧٥
١ : خوف خدا ٧٧
٢ : پرهيزگاري ٧٨
٣ : لباس ٧٩
۴ : هٿيار ٨٠
۵ : مُنهن مان سڃاڻڻ ٨٠
ڪرامتون ٨٢
١ : پڪي جوڳالهائڻ ٨٢
٢ : زمين مان غذا حاصل ڪرڻ ٨٣
٣ : طيّ الارض ۽ پاڇولي جو نہ هجڻ ٨٣

۴ : سفر جو ذريعو ۸۴
۵ : زماني جي رفتار ۾ سُستي ۸۵
۶ : تڪبير جي طاقت ۸۵
۶ : پاڻي جي مٿان گذرڻ ۸۵
۸ : مريضن کي شفا ۸۶
۹ : هٿ ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي عصا ۸۶
۱۰ : بادل جي ندا ۸۷
امام عليه السلام جا سپاهي ۸۸
الف) لشڪر جا سپهه سالار ۸۸
۱ : حضرت عيسيٰ عليه السلام ۸۸
۲ : شعيب بن صالح عليه السلام ۸۹
۳ : اسماعيل بن امام صادق عليه السلام ۽ عبدالله بن شريڪ ۹۰
۴ : عقيل ۽ حارث ۹۰
۵ : جبير بن خابور ۹۰
۶ : مفضّل بن عمر ۹۱
۷ : اصحاب ڪهف ۹۱
ب) سپاهين جي قوميت ۹۲
۱ : ايراني ۹۲
قم ۹۲

خراسان ۹۳
طالقان ۹۳
۲ : عرب ۹۴
مختلف دينن جا پيروڪار ۹۴
۴ : جابلقا ۽ جابرسا ۹۵
ج) سپاهين جو تعداد ۹۶
۱ : خاص فوجي ۹۷
۲ : امام مهدي عليه‌السلام جي فوج ۹۷
۳ : حفاظتي گارد ۹۸
و) سپاهين جو ميڙ (اجتماع) ۹۸
ھ) سپاهين جي انتخاب جون شرطون ۽ امتحان ۹۹
و) سپاهين جون خاصيتون ۱۰۲
۱ : عبادت ۽ پرهيزگاري ۱۰۲
۲ : امام سان عشق ۽ سندن اطاعت ۱۰۲
۳ : طاقتور بدن ۽ نوجوان ۱۰۳
۴ : چونديل سپاهي ۱۰۴
۵ : شهادت جا شوقين ۱۰۴
باب چوٿون ۱۰۶
امام جون جنگيون ۱۰۶

الف) شهيدن ۽ مجاهدن جي جزا ١٠٦
ب) جنگي هٿيار ۽ سامان ١٠٧
ج) امام جو انسانيت کي نجات ڏيارڻ لاءِ دنيا تي قبضو ١٠٨
فساد کرڻ وارن کي سزا ١١٠
ھ) جنگن جو خاتمو ١١٢
باب پنجون ١١٤
غيبي امداد ١١٤
الف) ڊپ ۽ دهشت ١١٤
ب) فرشتا ۽ جِن ١١٥
ج) زمين جا فرشتا ١١٦
ھ) تابوت موسيٰ عليه السلام ١١٨
باب ڇهون ١٢٠
دشمنن سان سلوڪ ١٢٠
الف) دشمنن جي مقابلي ۾ امام عليه السلام جي ثابت قدمي ١٢٠
١ : جنگ ۽ قتل ١٢١
٢ : قاسي ۽ جلاوطني ١٢٢
٣ : هٿ ڪاٽي ڇڏڻ ١٢٣
ب) مختلف ٽولن سان واسطا ١٢٣
١ : عرب قوم ١٢٤

٢ : اهل ڪتاب ١٢٤
٣ : باطل ۽ ڦريل فرقا ١٢٥
۴ : ظاهري طور دين جو ڏيک ڏيندڙ ماڻهو ١٢٦
۵ : ناصبي ١٢٧
٦ : مُنافِقُ ١٢٨
٧ : شيطان ١٢٩
باب ستون ١٣٠
سنت محمدي کي زنده ڪرڻ ١٣٠
الف) نوان احڪام ١٣٢
١ : زناڪار ۽ زڪوات جي منڪر کي ڦاسي ڏيڻ ١٣٢
٢ : وراثت جو قانون ١٣٣
٣ : ڪوڙن جو قتل ١٣۴
۴ : جزيہ جي حڪم جو خاتمو ١٣۴
۵ : امام حسين عليه السلام جي قاتلن کان انتقام ١٣۵
٦ : رهن ۽ وثاقت جو حڪم ١٣٦
٧ : تجارت جو فائدو ١٣٦
٨ : ديني پاڻ جي هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ ١٣٧
٩ : قطائع جو حڪم ١٣٧
١٠ : خزانن جو حڪم ١٣٧

ب) اجتماعي اصلاح ۽ مسجدن جي عمارتن جي تجديد ۱۳۸
۱ : مسجد کوفو جي ويراني ۽ ان جي قبلي کي درست کرڻ ۱۳۸
۲ : رستن تي واقع مسجدن جي ويراني ۱۳۹
۳ : مينارن جي ويراني ۱۴۰
۴ : مسجدن جي چتن جي تعمير ۽ منبرن جي ويراني ۱۴۰
۵ : مسجدالحرام ۽ مسجدالنبوي کي اصلي حالت ۾ آڻڻ ۱۴۱
ج) قضاوت ۱۴۱
باب پهريون ۱۴۶
حق جي حڪومت ۱۴۶
الف) دلين تي حڪومت ۱۴۸
ب) گاديءَ جو هنڌ ۱۵۰
ج) حڪومت مهدي جا خدمتگذار ۱۵۰
د) حڪومت جي مدت ۱۵۲
باب ٻيون ۱۵۵
علم ۽ اسلامي تهذيب ۾ ترقي ۱۵۵
الف) علم ۽ صنعت جي بهار ۱۵۷
ب) اسلامي تهذيب جو رواج ۱۶۰
۱ : اسلامي معارف ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ۱۶۱
۲ : مسجدن جي تعمير ۱۶۲

٣ : اخلاق ۽ معنويت جي ترقي ١٦٢
باب ٽيون ١٦٦
امن ۽ امان ١٦٦
الف) عمومي امن و امان ١٦٧
ب) پُر امن سفر ١٦٨
ج) فيصلن تي اعتماد ١٧٠
باب چوٽون ١٧١
اقتصاد ١٧١
الف) اقتصاد ۽ اجتماعي بهبود ۾ رونق ١٧٢
١ : مال ۽ دولت جي تقسيم ١٧٢
٢ : سماج مان فقيري ۽ تنگدستي جو خاتمو ١٧٣
٣ : محروم ۽ ڪمزور ماڻهن جي پشت پناهي ١٧٦
ب) آبادڪاري ١٧٦
ج) زراعت ١٧٨
١ : بارشن جي ڪثرت ١٧٩
٢ : فصلن جي پيداوار جي گهٽائي ١٧٩
٣ : حيوانن کي پالڻ جو رواج ١٨١
۴ : تجارت ١٨١
باب پنجون ١٨٣

صحت ۽ علاج ۱۸۳
الف) بيمارين جو رواج ۽ ناگهاني موت ۾ اضافو ۱۸۴
ب) صحت ۽ تندرستي ۱۸۵
ج) علاج ۱۸۶
امام عليه السلام جي شهادت ۱۸۷

ناشر پاران

هن وقت دنيا ۾ ڪل آبادي جو پنجون حصو مسلمانن تي مشتمل آهي پوري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسلام جا پيروڪار موجود آهن، ۽ ڪيترن ئي غير مسلم ملڪن ۾ به مسلمان آباد آهن، جن جي علمي اُڃ اُجهائڻ لاءِ ضروري هو ته هڪ اهڙو ادارو قائم ڪجي جيڪو اسلام جي باري ۾ پيش اچڻ وارن نون نون اعتراضن ۽ شُبهن جا علمي جواب ڏئي، جيئن ولي امر مسلمين حضرت آيت الله امام خامنہ اي دام ظلہ العالي به ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته " اسان کي ان ڳالهه جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي ته عوام ۽ نوجوانن جي ذهنن ۾ ڪو شُبهو اچي بلڪ اسان کي پهرين کان انهن شُبهن جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ معتبر علمي منابع مان فائدو وٺندي انهن جو جواب ڏيڻ گهرجي".

انهي ضرورت کي نظر ۾ رکندي ابو طالب (ع) انٽرنيشنل اسلامڪ انسٽيٽيوٽ جو افتتاح ڪيو ويو ته جيئن نوجوانن جي علمي اُڃ اُجهائي سگهجي.

۽ الحمد الله انهي مقصد ۾ هن اداري تمام گهٽي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ تمام گهٽ عرصي ۾ ۳۰ کان وڌيڪ موضوعن تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مفت پهچايائون، ۽ اهو سلسلو اڄ به مؤمنن جي سهڪار سان جاري آهي. ياد رهي ته هي ادارو برصغير جو

اهو ادارو آهي جنهن سڄي دنيا ۾ ڪيترين ئي زبانن ۾ مفت ڪتابون پهچائڻ جي ذميواري سنيالي آهي.

انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي هي ڪتاب آهي جنهن ۾ امام مهدي (عج) جي حڪومت تي روشني وڌي ويئي آهي، اميد آهي ته اسان جا مؤمن پائر هن ڪتاب مان فائدو حاصل ڪري امام زمان (عج) جي حقيقي معرفت حاصل ڪندا.

آخر ۾ دل جي گهراين سان برادر حجة الاسلام مولانا سيد عزادار حسين نقوي جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جيڪو هن اداري جو روح آهي. اهڙي طرح برادر محترم نجف علي لغاري صاحب جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي زحمت ڪئي.

والسّلام

اداري جو باني

ناظم حسين اڪبر

سنڌيڪار جو مقدمو

انهيءَ ڳالهه تي پوري امت جو اتفاق آهي تہ آخري زماني ۾ رسول خدا ﷺ جي اولاد منجهان هڪ شخص ظهور ڪندو جيڪو دنيا کي اهڙي ريت عدل سان پُر ڪري ڇڏيندو جهڙي نموني اها ظلم سان پرجي چُڪي هوندي، ۽ اهو اتفاق انهن صحيح حديثن جي ڪري آهي جيڪي ان سلسلي ۾ نبي اڪرم ﷺ کان نقل ٿيون آهن پاڻ فرمائن ٿا تہ: "جنهن بہ مهدي عليه السلام جي ظهور جو انڪار ڪيو ان ڄڻ ڪفر اختيار ڪيو."

اُمّ المؤمنين بيبي اُمّ سلمہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: مهدي عليه السلام منهنجي عترت مان حضرت فاطمہ زهرا عليها السلام جي اولاد مان هوندو.

پاڻ مؤمنن جي دلين جي اميد آهن اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ جنهن بہ جاءِ تي ڪنهن مؤمن تي ظلم ٿئي ٿو تہ اهو ظلم کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ امام عليه السلام سان ئي لنئون لڳائي ٿو ۽ سندن ظهور جي اميد رکي ٿو تہ جيئن هن ظلم کان نجات ملي سگهي.

هيءُ ڪتاب (حڪومت امام مهدي عليه السلام) هڪ بهترين محقق جناب شيخ نجم الدين طبسي جي قيمتي تحقيق آهي جنهن هن ڪتاب ۾ امام مهدي عليه السلام جي قيام ۽ سندن عالمي حڪومت جي بابت بحث ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪجھ اھڙا مطلب ذڪر ٿيل آھن جن جي ضرورت کي محسوس ڪندي پنھنجي سنڌ واسين جي لاءِ آسان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو اٿم تہ جيئن ھر سنڌي زبان سمجھندڙ ھن ڪتاب مان پرپور فائدو حاصل ڪري سگھي، ۽ پنھنجي رھبر معصوم امامعليه‌السلام جي حقيقي معرفت حاصل ڪري سگھي. ۽ ھن ڪتاب جي ترجمي ۾ محترم ياءُ معشوق علي مھدوي جن اسان جي تمام گھڻي مدد ڪئي آھي اسان اھڙي سھڪار تي سندن ٿورائتا آھيون.

والسّلام

نجف علي لغاري

مؤلف جو مقدمو

ڪتاب (حڪومت امام مهدي عليه السلام) تي نظر ثاني ۽ ان جي حاشيه ۾ ڪجھ مطالب جي اضافي، خاص طور تي عربي روايتن جي متن ۽ وڌيڪ متعدد منابع کي ذڪر ڪرڻ ۽ ان جو نئون نالو (حڪومت موعود جون نشانيون) انتخاب ڪرڻ کان پوءِ، ڪجھ دوستن خاص ڪري منهنجي گهري دوست حجة الاسلام والمسلمين جناب سيد ڪاظم شمس هيءَ تجويز (صلاح) ڏني تہ جيڪڏهن هن ڪتاب کي خلاصو ڪري پيش ڪيو وڃي تہ مناسب رهندو تہ جيئن عام ماڻهن ۽ مختلف طبقن سان تعلق رکڻ وارن جي لاءِ وڌيڪ مفيد ٿئي.

ڇاڪاڻ تہ نون مطالب جي واڌاري کان پوءِ ڪتاب پنهنجي اندازي کان وڏي ڇڪو آهي ۽ هيءُ ڪتاب شايد هڪ تخصّصي شڪل ۽ صورت اختيار ڪري ڇڪو آهي يا هڪ خاص گروهہ ئي هن مان فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو.

مون بہ دوستن جي ڳالهہ کي رکندي انهيءَ تجويز کي قبول ڪيو ۽ ان ڪتاب جو خلاصو ڪيم ۽ اها ڪوشش رهي تہ هر فصل ۾ فقط واضح روايتن تي ئي اڪتفاء ڪرڻ کپي ۽ حاشيہ ۽ وضاحت جي ذڪر کان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ گهرجي، جيتوڻيڪ انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ئي ڇو نہ هجي. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو تہ ڪتاب اندازي طور اڌ تي اچي پهتو ۽ اهو ڪتاب هن موجوده صورت ۾ سامهون آيو.

ان سان گڏوگڏ آئون حجة الاسلام داداش زاده جو بہ تمام گھٹو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جي خلاصي ڪرڻ ۾ منهنجي گھڻي مدد ڪئي.

نجم الدّين طبسي

١٧ربيع الاوّل ١٤٢٦ هجري قمري

حصو پهریون

ظهورکان پهرین دنیا جونقشو

باب پهريون

حڪومت

رسول خدا ﷺ جن پنهنجي پوري ڪوشش اسلامي حڪومت جي اڏاوت ۽ بناوت ۾ خرچ ڪري ڇڏي ۽ مديني جي شهر ۾ انهيءَ جو بنياد وڌو، پر سندن رحلت کان پوءِ جيتوڻيڪ معصومين عليهم السلام ۽ عالم دين، اسلامي حڪومت جي آرزو رکندا هئا، پر افسوس جو ڪجهه حڪومتن کان سواءِ ڪا به حڪومت الله واري حڪومت نه هئي. ۽ اهڙي طرح حضرت مهدي(عجل الله تعالىٰ فرجه الشريف) جي ظهور تائين اڪثر حڪومتون باطل هونديون.

رسول خدا ﷺ ۽ ائمه اطهار عليهم السلام کان جيڪي روايتون اسان تائين پهتيون آهن انهن ۾ حضرت مهدي (عج) جن جي قيام کان پهريان حڪومتن جو مستقبل بيان ڪيو ويو آهي جن منجهان ڪجهه ڏانهن هتي اشارو ڪجي ٿو.

الف) حڪومتن جا ظلم

ظهور کان پهرين جيڪي مسئلا انسانن جي لاءِ اذيت جو سبب بڻجندا انهن منجهان حڪومتن جي طرفان ماڻهن تي

ظلم ڪرڻ ۾ آهي. انهي سلسلي ۾ نبي اڪرمﷺ جن فرمائن ٿا تہ:

زمين ظلم ۽ ستم سان پرجي چُڪي هوندي ايستائين جو گهرن ۾ خوف ۽ هراس جي حڪمراني هوندي.[١]

امام محمد باقرعليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

حضرت امام مهدي (عج) اهڙي زماني ۾ قيام ڪندو جڏهن هر طرف خوف ۽ هراس پکڙجي چُڪو هوندو.[٢]

هتي هڪ نڪتو قابل غور آهي تہ مسلمان فقط غيرن جي حڪومت مان پريشان نہ ٿيندا بلڪ پنهنجي خود مختار ۽ ظالم حڪومت مان بہ ڪين تڪليف پهچندي، ۽ اها بہ ايتري قدر جو زمين وسيع هجڻ جي باوجود بہ انهن جي لاءِ سوڙهي ٿي ويندي، ۽ آزادي جي احساس جي باوجود پاڻ کي قيد خاني ۾ محسوس ڪندا. جيئن تہ اڄ بہ اسلام ۽ تشيّع جي مرڪز (ايران) کان سواءِ ٻين اسلامي ملڪن جي حڪمرانن جو مسلمانن سان سنو سلوڪ ناهي ۽ انهن سان ڏارين وارو برتاءُ ڪن ٿا.

حضور پاڪﷺ جن فرمائن ٿا تہ:

---

١. مصنف ابن ابي شيبہ، جلد١٥، صفحو٨٩؛ ڪنزالعمال، جلد١٤، صفحو٥٨٤.
٢. امالي شجري، جلد٢، صفحو١٥٦.

آخري زماني ۾ مسلمان حڪمرانن جي طرفان منهنجي امت تي تمام گهڻي مصيبت ايندي ايستائين جو زمين جي وسيع هجڻ جي باوجود به انهن تي سوڙهي ٿي ويندي ۽ ظلم ۽ ستم سان پرجي ويندي، جيتوڻيڪ مؤمن ظلم کان چوٽڪاري جي لاءِ پناه جو طلب ڪندڙ هوندو پر ڪيس پناه جي لاءِ کا به جڳهه نه ملندي.[١]

انهن روايتن ۾ رسول خداﷺ جن کان پوءِ قائم ٿيڻ وارين ٽن حڪومتن جو ذڪر آيو آهي: خلافت، امارت ۽ ملوڪيت ۽ پوءِ جابر ۽ ظالم حڪمرانن جون حڪومتون.

ب) حڪومتن جي ترڪيب

ماڻهو ان وقت چَين ۽ خوشيءَ جي زندگي گذاري سگهن ٿا جڏهن حڪمران باشعور ۽ نيڪ هجن.

نبي اڪرمﷺ جن فرمائن ٿا ته:

هڪ زمانو ايندو جڏهن حاڪم، قاضي ۽ وزير، ظالم ۽ دغاباز بڻجي ويندا.[٢]

---

١. مستدرڪ حاڪم، جلد٤، صفحو٤٦٥؛ عقدالدرر، صفحو٤٣؛ احقاق الحق، جلد١٩، صفحو٦٦٤

٢. امالي شجري، جلد٢، صفحو٢٢٨

ج) حڪومتن ۾ عورتن جو اثر رُسُوخ

آخري زماني ۾ حڪومتن کي پيش ايندڙ مسئلن ۾ هڪ مسئلو عورتن جو قبضو ۽ غلبو آهي يا ته عورتون سڌو سنئون ماڻهن تي حاڪم هونديون(جيئن ته ڪجھ ملڪن ۾ عورتون حاڪم آهن) يا حڪومت ڪرڻ وارا انهن جي چَوَڻ ۾ هوندا، حضرت علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

اهڙو زمانو اچڻ وارو آهي جو فاسد ۽ زناڪار ماڻهو ناز ۽ نعمت سان آسودا هوندا، حيثيت کان ڪريل ماڻهو مقام ۽ منصب حاصل ڪري ونندا ۽ انصاف ۽ عدالت پسند ماڻهو ضعيف ۽ ڪمزور هوندا، ڪانئن پڇيو ويو ته: اهو زمانو ڪڏهن ايندو؟ پاڻ فرمايائون ته: اهو زمانو ان وقت ايندو جڏهن عورتون ۽ ڪنيزون ماڻهن جي ڪمن تي قابض ٿي وڃن ۽ بار حاڪم بڻجي وڃن.[١]

د) بارن جي حڪومت

هن سلسلي ۾ به روايتون ذڪر ڪجن ٿيون: نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ته:

بارن جي حڪومت کان الله پاڪ کان پناھ گھرجي.[٢]

---

١. اصول ڪافي، جلد٨، صفحو٦٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٦٥
٢. مسند احمد، جلد٢، صفحو٣٢٦، ٣٥٥ ۽ ٤٤٨

سعيد بن مسيّب چوي ٿو تہ: هڪ اهڙو فتنو پڌرو ٿيندو جنهن جي شروعات ٻارن جي راند آهي.[١]

ھ) حڪومتن جو مضبوط نہ هجڻ

آخري زماني ۾ حڪومتون مظبوط نہ هونديون ڪڏهن ائين بہ ٿيندو تہ صبح جو حڪومت جوڙي ويندي تہ اها سج لٿي ختم ٿي ويندي.

انهيءَ سلسلي ۾ امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

ان وقت توهان ڪيئن هوندؤ جڏهن بنا ڪنهن امام، هادي علم ۽ دانش جي زندگي گذاري رهيا هوندؤ ۽ هڪ ٻئي کان بيزاري ۽ نفرت طلب ڪندؤ؟ ۽ جڏهن توهان آزمايا وجو ۽ توهان مان سُنا ۽ خراب ماڻهو جدا ڪيا وڃن... انهيءَ وقت جڏهن تلوارون ڪڏهن مياڻ ۾ تہ ڪڏهن ٻاهر هونديون. جنگ جي باه جا مچ ٻري رهيا هوندا هڪ حڪومت صبح جي وقت جوڙي ويندي ۽ انهيءَ ڏينهن سج لهڻ کان پهرين قتل ۽ غارت سان نابود ٿي ويندي.[٢]

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٦٠.
٢. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٣٤٨.

و: ملڪ جي جوڙجڪ ۾ حڪومتن جي بيوسي

قرآن جي هي آيت ﴿حَتَّى إِذَا رَأَوْا مَا يُوعَدُونَ فَسَيَعْلَمُونَ مَنْ أَضْعَفُ نَاصِرًا وَأَقَلُّ عَدَدًا﴾[١] (ايستائين غفلت ۾ رهندا) جيسين جنهن شيءِ جو ساڻن واعدو ڪيو ويو آهي سو ڏسن پوءِ جاڻندا تہ مددگار جي ڪري وڌيڪ هيٺو ۽ ڳاٽيٽي جي ڪري تمام ٿورو ڪير آهي؟

انهيءَ جي روشنيءَ ۾ حضرت امام سجادعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ: هن آيت ۾ جيڪو واعدو ڪيو ويو آهي اهو حضرت قائم (عج) جي اصحابن ، مددگارن ۽ سندن دشمنن جي باري ۾ آهي، جڏهن پاڻ قيام ڪندا تہ سندن دشمن ڪمزور، بي سگها ۽ سيني کان تمام گهٽ فوج ۽ هٿيار رکندا هوندا.[٢]

---

١. سورت جن، آيت٢٤

٢. كافي، جلد١، صفحو٤٣١؛ نورثقلين، جلده، صفحو٤٤١؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٢٩؛ ينابيع المودة، صفحو٤٢٩

باب ٻيو

ماڻهن جي ديني حالت

روايتن جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ انهي زماني ۾ اسلام ۽ قرآن پاڪ جو فقط نالو ئي رهندو. مسلمان فقط نالي جا مسلمان هوندا، مسجدن ۾ واعظ ۽ نصيحت نالي ڪا بہ شيءِ نہ هوندي، انهي زماني جا فقيهہ زمين تي بدترين فقيهہ هوندا، دين کي گهٽ قيمت ۽ سستين شين جي عيوض ۾ وڪڻي ڇڏيندا.

الف) اسلام ۽ مسلمان

اسلام تمام دينن منجهان سڀ کان وڌيڪ ڪامل ۽ سعادت بخش دين آهي، جيڪو انسان جي ديني ۽ دُنياوي سعادت جو ضامن آهي. جيڪا ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي اها اسلام ۽ قرآن جي احڪامن تي عمل ڪرڻ آهي.

آخري زماني ۾ هر شيءِ ابتڙ هوندي يعني اسلام جو فقط نالو رهجي ويندو قرآن پاڪ معاشري ۾ موجود هوندو پر فقط لکائي جي صورت ۾ جيڪا ڪاغذن تي پاتي ويندي ۽ مسلمان فقط نالي جا مسلمان رهجي ويندا اسلام جي ڪا بہ علامت پاتي نہ ويندي.

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: منهنجي امت تي هڪ اهڙو وقت اچڻ وارو آهي جو اسلام جو فقط نالو هوندو ۽ قرآن پاڪ لکائي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو، مسلمانن کي مسلمان تہ سڏيو ويندو پر اسلامي تعليم جي باري ۾ انهن کي ڪا بہ معلومات نہ هوندي.[١]

ب) مسجدون

مسجد الله پاڪ جي عبادت، دين جي تبليغ ۽ ماڻهن جي هدايت جي جڳهہ آهي اسلام جي شروعاتي زماني ۾ جهاد جو پروگرام بہ مسجد ۾ ٺهندو هو پر آخري زماني ۾ مسجدون پنهنجي اهميت وڃائي ويهنديون ۽ ديني رهنمائي هدايت ۽ ديني تعليم کي ڇڏي مسجدن جي تعداد ۽ خوبصورتي ۾ اضافو ٿيندو جڏهن تہ مسجدون مؤمنن کان خالي هونديون. رسول پاڪﷺ جن فرمائن ٿا تہ: ان زماني ۾ مسجدون آباد ۽ خوبصورت هونديون پر ارشاد و هدايت جي ڪا خبر نہ هوندي.[٢]

---

١. ثواب الاعمال، صفحو٣٠١؛ جامع الاخبار، صفحو٣٢٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو١٩٠

٢. تفسير فرات، صفحو٤٤

ج) فقيهه

زمين تي خدا جي دين جا محافظ، علماء ۽ مسلمان دانشور آهن ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائي انهن جي ذمي آهي جڏهن ته آخري زماني ۾ حالت بدلجي ويندي ان زماني جا عالم بدترين عالم هوندا. نبي ڪريمﷺ جن فرمائن ٿا ته: ان زماني جا فقيهه بدترين فقيهه هوندا جيڪي آسمان هيٺيان زندگي گذاري رهيا هوندا فتنو ۽ فساد انهن کان شروع ٿيندو ۽ انهي فتني فساد کي انهن ڏانهن موٽايو ويندو.[1]

هن جاءِ تي اهو چئي سگهجي ٿو ته انهيءَ مان مراد اُهي درباري علماء آهن جيڪي جابر ۽ ظالم بادشاهن جي گناهن جي حمايت ڪندا آهن ۽ انهي کي اسلامي رنگ ڏيندا آهن، ۽ اهڙا ماڻهو هر گناهگار سان هٿ ملائڻ لاءِ تيار هوندا آهن جيئن سلاطين جا واعظ جيڪي وهابيت سان ڳنڍيل آهن ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل سان جنگ ڪرڻ شريعت جي خلاف سمجهن ٿا، اهڙن ماڻهن جي لاءِ اهو چوڻ صحيح هوندو ته هي اُهي ئي بدترين فقيهه آهن جن کان فتني ۽ فساد جي شروعات ٿيندي.

---

١. ثواب الاعمال، صفحو٣٠١؛ جامع الاخبار، صفحو١٢٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو١٩٠

د) دين کان پاسو

آخري زماني جي علامتن منجهان هڪ علامت هيءَ به آهي ته ماڻهو دين کان الڳ ٿي ويندا. هڪ ڏينهن امام حسين عليه السلام حضرت اميرالمؤمنين عليه السلام جن وٽ آيا پاڻ ڏنائون ته سندن چؤڏاري ڪجهه ماڻهو وينا آهن ۽ پاڻ انهن کي فرمايائون ته: حسين عليه السلام توهان جو اڳواڻ آهي رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن کين سيد ۽ سردار جي لقب سان نوازيو آهي ۽ سندن نسل منجهان هڪ مرد ظهور ڪندو جنهن جو اخلاق ۽ ان جي صورت مون وانگر هوندي اهو دنيا کي اهڙي طرح عدل ۽ انصاف سان پري ڇڏيندو جيئن انهي کان پهرين ظلم ۽ ناانصافي سان پرجي ڇُڪي هوندي. پڇيو ويو ته اهو قيام ڪڏهن ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون ته: افسوس! جڏهن توهان دين کان الڳ ٿي ويندؤ...[1]

ه) دين فروشي

آخري زماني ۾ ماڻهو پنهنجو دين معمولي ۽ ٿوري قيمت تي وڪٽي ڇڏيندا. صبح جو مؤمن هوندا ته شام جو ڪافر. رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم انهي باري ۾ فرمائن ٿا ته: حَيف هجي عربن تي ان شر ۽ برائي جي ڪري جيڪا انهن جي نزديڪ ٿي چڪي آهي ۽ انهن فتنن جي ڪري جيڪي تاريڪ راتين

---

١. ابن طاؤس، ملاحم، صفحو١٤٤.

وانگر آهن انسان صبح جو مؤمن هوندو تہ رات جي وقت ڪافر ٿي ويندو ڪجھ ماڻھو پنهنجو دين معمولي قيمت تي وڪڻي ڇڏيندا اهڙي زماني ۾ جيڪو شخص پنهنجي دين کي بچائي وٺي يا ان تي عمل بہ ڪري تہ اهو انهيءَ شخص وانگر هوندو جيڪو پنهنجي هٿن ۾ ٽانڊا کنيو بيٺو هجي يا ڄاڱُري ٻير جي ڪنڊن کي هٿن ۾ نپوڙي رهيو هجي.[١]

١. احمد، مسند، جلد٢، صفحو٣٩٠

باب ٽيون

ظهور کان پهرين اخلاقي حالتون

آخر الزّمان جي نشانين منجهان روشن ۽ چٽي نشاني خانداني بنياد جو ڪمزور هجڻ، رشتيداري، دوستي، رحمدلي ۽ انساني محبت جو ختم ٿي وڃڻ آهي.

الف) انساني جذبن جو ٽٽڻ ۽ ٿي وڃڻ

رسول خداﷺ جن ان زماني جي خيال ۽ احساس جي باري ۾ هن ريت فرمائن ٿا ت: ان زماني جا وڏا ماڻهو ننڍن ۽ پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن تي رحم نه ڪندا ۽ سَگهه وارا ڪمزورن تي رحم نه ڪندا، ان وقت الله پاڪ (امام مهديعليه السلام) کي قيام ۽ ظهور جي اجازت ڏيندو.[1]

پاڻ اهو پڻ فرمائن ٿا ت:

قيامت جي نشانين منجهان هڪ نشاني پاڙيسرين سان خراب سلوڪ ۽ رشتيداري کي ختم ڪرڻ آهي.[2]

---

١. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٥٣٨ ۽ جلد٣٦، صفحو٣٣٥.

٢. اخبار اصبهان، جلد١، صفحو٢٧٤؛ فردوس الاخبار، جلد٤، صفحو٥؛ الدرالمنثور، جلد٦، صفحو٥٠؛ کنزالعمال، جلد١٤، صفحو٢٤٠

جيئن تہ ڪجھ روايتن ۾ (الساعة) جي تاويل حضرت امام مهدي عليه السلام جي ظهور واري زماني سان ڪئي وئي آهي[١]

تنهن ڪري اسان روايتِ (اشراط الساعة) کي ظهور جي علامتن ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ب) اخلاقي فساد

جنسي فساد کان علاوه هر فساد برداشت ڪري سگهجي ٿو، پر جنسي فساد غيرتمند ۽ شريفن جي لاءِ تمام ڏکيو ۽ سَهپ کان ٻاهر هوندو آهي، ظهور کان پهرين نافرماني ۽ فساد ۽ بدترين ماحول جنهن ۾ معاشرو جڪڙيل هوندو اهو نامُوس ۽ ننگ جو ناامُن هجڻ آهي. ايتري قدر فساد پکڙجي ويندو جو تمام گهٽ ماڻهو ان کي روڪڻ جي هِمت رکندا. محمد رضا پهلوي جي حڪومت (١٩٧٠) ۾ ٢٥٠٠ سئو سالن جو جشن ملهايو ويو جنهن ۾ انساني زندگي جي بدترين نُمائِش ٿي ۽ ان کي (هنر شيراز) جو نالو ڏنو ويو تہ ايران جي اسلامي معاشري ان تي تمام شديد اعتراض ڪيو، جڏهن تہ ظهور کان

---

١. تفسير قمي، جلد٢، صفحه٣٤٠؛ ڪمال الدين، جلد٢، صفحه٤٦٥؛ تفسيرصافي، جلده، صفحه٩٩؛ نور ثقلين، جلده، صفحه٧٥؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحه٥٥٣؛ البيان، شافعي، صفحه٥٢٨؛ الصواعق المحرقة، صفحه١٦٢؛ لفظ يوم ظهور، يوم الكره، يوم القيامة جي تحقيق لاءِ تفسير الميزان، جلد٢، صفحه١٠٨ کي ڏسو.

پهرين ان اعتراض جي ڪابہ خبر نہ هوندي، فقط ايتري حد تائين اعتراض هوندو تہ اهڙا عمل روڍن ۾ چوراهن تي ڇو انجام ڏنا وڃن ٿا؟ اهو ئي سڀ کان وڏو نهي عن المنڪر هوندو جنهن تي عمل ڪيو ويندو ۽ اهڙو شخص پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو عابد ۽ پرهيزگار سمجهيو ويندو. رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: تيسين قيامت نہ ايندي جيسين ڇٽن ڏينهن ۾ عورتن کي پڪڑي ظاهر ظهور رستن تي انهن سان زيادتي نہ ڪئي وڃي، نہ ڪو ماڻهو ان ڪم کي بُرو سمجهندو ۽ نہ ئي وري ان کي روڪڻ لاءِ ڪو قدم کڻندو، ان وقت بهترين انسان اهو هوندو جيڪو اهو چوندو تہ ڪاش رستي تي اهڙو ڪم نہ ڪيو وڃي ها![1]

رسول خداﷺ جن هڪ ٻئي مقام تي فرمائن ٿا تہ:

اُهي ماڻهو حيوانن وانگر رستن ۾ هڪٻئي تي حملا ڪندا ۽ پاڻ ۾ جنگ ڪندا، ان وقت اُهي هڪٻئي جي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءُ سان رستي تي زنا ڪندا پوءِ ٻين ماڻهن کي زيادتي جو موقعو ڏيندا پر نہ تہ ڪو ان بدڪرداري کان روڪڻ وارو هوندو ۽ نہ وري ڪو ان حالت کي بدلڻ جي ڪوشش ڪندو. ان وقت ماڻهن منجهان سڀ کان بهترين شخص اهو هوندو جيڪو

---

[1]. عقد الدّرر، صفحو٣٣٣؛ مستدرک حاڪم، جلد٤، صفحو٤٩٥

هي چوندو تہ جيڪڏهن ماڻهن کان لکي ڪري اهو ڪم ڪيو وڃي ها تہ بهتر هو.[١]

ج) گهٽ اولاد جي تمنا

حضور پاڪ ﷺ جن فرمائن ٿا تہ:قيامت ان وقت ايندي جڏهن پنجن ٻارن وارا چئن، ۽ چار وارا ٽن جي تمنا ڪندا، ٽن وارا ٻن جي ٻن وارا هڪ جي اهڙي طرح هڪ وارو هي تمنا ڪرڻ لڳندو تہ ڪاش مونکي اولاد نہ هجي ها![٢]

رسول خدا ﷺ جن فرمائن ٿا تہ: قيامت ان وقت ايندي جڏهن اولاد گهٽجڻ لڳندو.[٣]

انهن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهو ان زماني ۾ حمل ساقط ڪري اولاد جي واڌاري ۾ رڪاوٽ بڻجندا. يا اولاد غم ۽ ڳڻتي جو سبب ٿيندو شايد انهيءَ جو سبب مالي مشڪل يا آبادي تي ڪنٽرول جي لاءِ ڪيل تبليغ هجي.

---

١. المعجم الكبير، جلد٩، صفحو١١٩؛ فردوس الاخبار، جلد٥، صفحو٩١؛ مجمع الزوائد، جلد٧، صفحو٢١٧

٢. فردوس الاخبار، جلد٥، صفحو٢٢٧

٣. الشيعة والرجعة، جلد١، صفحو١٥١؛ المعجم الكبير، جلد١٠، صفحو٢٨١

د) بنا سرپرست خاندانن جي گهٽائي

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: قيامت جي هڪ علامت هيءَ آهي تہ مرد گهٽ ۽ عورتون گهٽيون هونديون، ايستائين جو هر پنجاهه عورتن جو سرپرست هڪ مرد هوندو.[١]

شايد اهڙي صورتحال مَردن جي جاني نقصان جي ڪري پيدا ٿي وجي، جيڪا لڳاتار طولاني جنگين جي ڪري پيدا ٿيندي. ۽ رسول خداﷺ اهو پڻ فرمائن ٿا تہ: قيامت ان وقت ايندي جڏهن هڪ مرد جي پويان ٽيهه (٣٠) عورتون هونديون ۽ هر هڪ ان کي شاديءَ جي درخواست ڪندي.[٢]

---

١. مسند طيالسي، جلد٨، صفحو٢٦٦؛ مسند احمد، جلد٣، صفحو١٢٠؛ سنن ترمذي، جلد٤، صفحو٤٩١.
٢. فردوس الاخبار، جلد٥، صفحو٥٠٩.

باب چوٿون

ظهور کان پهريان امن امان جو نه هجڻ

الف) بدنظمي ۽ ناامني

وڏين طاقتن جي زيادتي ۽ تجاوز جي ڪري ننڍيون ننڍيون حڪومتون ۽ ڪمزور، قومن جي درميان امن امان جو خاتمو ٿي ويندو ايستائين جو امن ۽ آزادي جو نالو به ختم ٿي ويندو. رسول خداﷺ جن انهيءَ زماني کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

ويجهڙائي ۾ امتون (بين مڪتبن جون پيروڪار) توهان جي خلاف قدم کڻنديون جهڙي طرح بکايل ماڻهو کاڌي جي ٿانون تي ڪري پوندا آهن. هڪ شخص عرض ڪيو: ڇا انهي جي ڪري ائين هوندو ته اسان گهٽتائي (اقليت) ۾ هوندا سين ۽ اهڙي حملي جو نشانو بڻجندا سين؟ الله جي رسولﷺ فرمايو ته : توهان جو تعداد ان وقت گهڻو هوندو پر جهاڳ وانگر پاڻي جي سطح تي رهندؤ. الله پاڪ اوهان جو ڀؤ (ڊپُ) ۽ عظمت توهان جي دشمنن جي دلين مان ڪڍي ڇڏيندو، ۽ اوهان جي دلين تي سُسُتي سوار ٿي ويندي. ڪنهن پڇيو ته يا رسول اللهﷺ! انهي سُسُتي جو سبب ڇا هوندو؟ پاڻ فرمايائون ته: مال، ملڪيت ۽ دنيا سان محبت ۽ موت کي پلو نه سمجهڻ.[١]

---

١. مسند طيالسي، صفحو١٣٣؛ ابي داؤد، سنن، جلد٤، صفحو١١١؛ المعجم الڪبير، جلد٢، صفحو١٠١

هي ۽ خراب عادتون جيڪي رسول خداﷺ ياد ڏياريون آهن، ماڻهن کي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي منصب جو دفاع ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ لاءِ ڪافي آهن ۽ انهن کي هر طرح جي شرطن ۾ ذلت واري زندگي گذارڻ تي مانُوسُ ڪن ٿيون، جيتوڻيڪ اُهي دين ۽ اصول مڪتب کي هٿان وڃائي ويهڻ ڇو نه هجي.

ب) رستن جوغيرمحفوظ هجڻ

بد نظمي ۽ ناامني جو دائرو رستن تائين پکڙجي ويندو بي رحمي وسيع ٿي ويندي اهڙي وقت ۾ الله پاڪ حضرت امام مهديعليه‌السلام کي ظاهر ڪندو ۽ ان جي طاقتور هٿن جي ذريعي گمراهي جي ڪوٽن کي ڪيرائي ڇڏيندو.

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا ته:

ان خدا جو قسم! جنهن مونکي مبعوث ڪيو آهي يقيناً هن امت جو مهدي، حسينعليه‌السلام جي نسل منجهان آهي، جڏهن دنيا ۾ ناامني ۽ بدنظمي عام ٿي ويندي، فتنا ظاهر ٿيندا، رستا ناامن ٿي ويندا ۽ ڪجهه ماڻهو ٻين تي حملا ڪرڻ شروع ڪندا، نه وڏو ننڍي تي رحم ڪندو ۽ نه ننڍو وڏي جو احترام ڪندو، انهيءَ مهل الله تعالىٰ حسن ۽ حسينعليهما‌السلام جي نسل

منجهان هڪ شخص کي مبعوث ڪندو جيڪو گمراهي جي ڪوٽن کي دَرهَم بَرهَم ڪري انهن کي فتح ڪندو...[١]

ج) خوفناڪ ڏوهه

رهيو سوال انهن ڏوهن جو جيڪي امام مهدي (عجل الله تعالىٰ فرجه) جن جي ظهور کان پهريان ظاهر ٿيندا، اُهي اهڙا خطرناڪ ڏوهه آهن جن جو فقط تصور ئي ڪري سگهجي ٿو. مثال طور ننڍڙن ٻارن کي قاهِي ڏيڻ ، انهن کي باهه ۾ ساڙڻ، پاڻي ۾ ٻوڙڻ، ماڻهن کي لوهه جي سيخن (شِيخن) سان ٽُڪڑا ٽُڪڑا ڪرڻ ۽ چَڪِين ۾ پيهڻ وغيره.

هي اهڙا اڻ وڻندڙ حادثا آهن جيڪي عدالت تي قائم عالمي حڪومت جي قيام کان پهرين حقوق بشر جي دفاع جون دعويدار حڪومتن کان ظاهر ٿيندا. اهڙي وحشت کان پوءِ امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي قدر ۽ قيمت جو اندازو ٿيندو، جنهن کي حديثن ۾ محرومن جي اَجهي سان تعبير ڪيو ويو آهي.

حضرت علي عليه السلام اهڙن ڏينهن کي ڪجهه هن ريت بيان ڪن ٿا: ان وقت سُفياني هڪ ٽولي کي مقرر ڪندو ته جيئن اهو

---

١. عقد الدرر، صفحه١٥٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحه١٥٤؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحه١١٦؛ الاربعون حديثاً (ابونعيم) ذخائر العقبىٰ، صفحه١٣٥؛ ينابيع المودة، صفحه٤٢٦

ٻارن کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪري ۽ انهن کي ساڙڻ جي لاءِ تيل ٿهڪايو ويندو، ٻار چوندا جيڪڏهن اسان جي وڏن مخالفت ڪئي آهي ته انهيءَ ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهه آهي ته اسان ضرور بہ ضرور ساڙيا وجو. پوءِ هو انهن ٻارن مان حسن ۽ حسين جي نالي وارن ٻارن کي تخت تي لٽڪائيندو، ان کانپوءِ ڪوفي جي طرف روانو ٿيندو، ۽ اها ساڳي وحشتناڪ حرڪت اُ تي جي ٻارن سان بہ انجام ڏيندو ۽ انهن نالي وارن ٻارن کي مسجد ڪوفہ جي دروازي جي پرسان تخت تي لٽڪائيندو ۽ اتان ٻاهر نڪري پوءِ وڌيڪ ظلم ڪندو ۽ هٿ ۾ نيزا کڻي حامله عورت کي قيد ڪري ۽ ان کي پنهنجي ڪنهن دوست جي حوالي ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي حڪم ڏيندو تہ وچ رستي تي ان سان زيادتي ڪري ۽ اهو سندس دوست زيادتي کان پوءِ ان عورت جو پيٽ ڪٽي ٻار کي ٻاهر ڪڍندو ۽ ٻيو ڪير بہ نہ هوندو جيڪو ان خوفناڪ حالت کي بدلائي سگهي.[1]

ارطات چوي ٿو تہ: سفياني پنهنجي مخالفت ڪرڻ وارن کي قتل ڪري ڇڏيندو ۽ آري سان ان جا بہ ٽڪرا ڪري انهن کي

---

[1]. عقدالدرر، صفحو٩٤؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو١٥٥.

ديڳ ۾ وجهي نابود ڪري ڇڏيندو ۽ اهو ظلم ڇهن مهينن تائين جاري رهندو.[١]

د) موت جي آرزو ڪرڻ

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا : ان ذات جو قسم جنهن جي قدرت ۾ منهنجي جان آهي دنيا ختم نہ ٿي سگهندي پر اهو وقت اچي ويندو جڏهن ڪو مرد قبرستان کان گذرندو تہ پنهنجي پاڻ کي قبر ۾ ڪيرائيندو ۽ چوندو تہ: اي ڪاش هن جي جاء تي مان هجان ها! جڏهن تہ ان جي مشڪل قرض نہ هوندي پر زماني جي مصيبت ۽ زماني جو ظلم هوندو.[٢]

نبي اڪرمﷺ جن جو صحابي حضرت حذيفہ يمانيؓ نقل ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو:

يقيناً هڪ اهڙو وقت ايندو جڏهن ماڻهو مرڻ جي آرزو ڪندا ۽ اها تمنا غريبي ۽ تنگدستي جي ڪري نہ هوندي.[٣]

---

١. مستدرک حاڪم، جلد٤، صفحو٥٢٠؛ منتخب ڪنزالعمال، جلد٦، صفحو٣١ (حاشيہ مسند احمد) احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢٩٣.

٢. مسند احمد، جلد٢، صفحو٦٣٦؛ صحيح مسلم، جلد٤، صفحو٢٣١؛ المعجم الڪبير، جلد٩، صفحو٤١٠.

٣. مصنف، ابن ابي شيبہ، جلد١٥، صفحو٩١؛ موطا امام مالڪ، جلد١، صفحو٢٤١؛ صحيح مسلم، جلد٨، صفحو١٨٢؛ مسند احمد بن حنبل، جلد٢، صفحو٢٣٦؛ بخاري، جلد٩، صفحو٧٣.

ھ) مسلمانن جو قيدٿي وڃڻ

حضرت حذيفہ يماني چوي ٿو تہ: رسول خداﷺ جن مسلمانن کي پيش اچڻ وارين مشڪلاتن کي بيان ڪندي فرمايو تہ:

انهن تي ايڏو تہ دباءُ وڌو ويندو جنهن جي ڪري آزاد ماڻهن کي وڪٽي ڇڏيندا عورتون ۽ مرد سپ غلامي جو اقرار ڪندا، مشرڪَ پنهنجي غلامي ۽ نوڪري لاءِ مسلمانن کي استعمال ڪندا ۽ انهن کي شهرن ۾ وڪرو ڪندا ۽ ڪوبہ ان تي پريشان نہ ٿيندو، نہ مؤمن ۽ نہ وري بدڪار و بدڪردار، اي حذيفہ! ان زماني جي ماڻهن تي گرفتاري قائم هوندي ۽ ايتري قدر مايوس هوندا جو ظهور کان بي اعتبار ٿي ويندا ان وقت الله پاڪ منهنجي پاڪيزه عترت منجهان هڪ نيڪ فرزند کي جيڪو عادل، مبارڪ ۽ پاڪيزه هوندو ان جي ذريعي بدعتن کي ختم ۽ فتنن کي نابود ڪري ڇڏيندو حق جي دروازن کي کولي ڇڏيندو ۽ باطل جي دروازن کي بند ڪري ڇڏيندو ۽ اسير مسلمان جتي بہ هوندا انهن کي پنهنجي وطن روانو ڪندو.[1]

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو ١٣٢.

و) زمين ۾ ديجي وڃڻ

حضور پاڪ ﷺ جن فرمائن ٿا تہ: يقيناً ان امت تي اهو زمانو ايندو جو ڏينهن کي رات ڪري ڇڏيندو جڏهن تہ هرڪو هڪ ٻئي کان سوال ڪندو تہ اڄ رات زمين ڪنهن کي کائي ڇڏيو، اهڙي طرح ماڻهو هڪ ٻئي کان سوال ڪندا تہ فلاڻي قبيلي مان ڪو زندهہ بچيو آهي؟[1]

شايد اهو اشارو هجي آخري زماني جي ماروماري ۽ جنگ ۽ جدال ڏانهن ڇو جو جديد هٿيارن جي استعمال سان هر روز وڏي تعداد ۾ ماڻهو ماريا ويندا ۽ شايد گهٽن گناهن جي ڪري زمين پنهنجي مٿان رهڻ وارن کي ڳڙڪائڻ لڳي.

ز) اچانڪي موت ۾ اضافو

رسول اڪرم ﷺ جن فرمائن ٿا تہ:

قيامت جي هڪ نشاني فالج جي بيماري ۽ ناگهاني (اوچتو) موت آهي.[2]

---

١. المطالب العاليہ، جلد٤، صفحو٣٤٨.
٢. امالي شجري، جلد٢، صفحو٢٧٧.

وڌيڪ فرمايائون تہ: قيامت ان وقت ايندي جڏهن سفيد موت ٽيڙ لڳي. ماڻهن سوال ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ! سفيد موت ڇا آهي؟ فرمايائون : ناگهاني (اوچتو) موت.[١]

ح) دنيا وارن جي نجات کان نااميدي

جناب ابوحمزه ثمالي نقل ڪري ٿو تہ امام محمد باقر عليه السلام فرمايو تہ: حضرت امام مهدي (عج) جو قيام ان وقت ٽيندو جڏهن ماڻهو پنهنجون مشڪلون حل نہ ٽيڙ کان ۽ سندن ظهور کان مايوس ٿي ويندا.[٢]

رسول خدا ﷺ جن ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ: اي علي عليه السلام! مهدي (عج) جو ظهور ان وقت ٽيندو جڏهن شهرن ۾ هلچل مچي ويندي، خدا جا بندا ضعيف ۽ ڪمزور ۽ سندن ظهور کان مايوس ٿي ويندا ان وقت منهنجي اولاد مان مهدي عليه السلام ظاهر ٽيندو.[٣]

ط) مددگارن جي گهٽتائي

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: توهان ماڻهو جنهن جي انتظار ۾ آهيو ان کي ڏسي نہ سگهندؤ، پر ان وقت

---

١. الفائق، جلد١، صفحو١٤١.
٢. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٤٨.
٣. ساڳيو.

جو جڏهن توهان ان مئل ٻڪري وانگر ٿي وجو جيڪا ڪنهن وحشي جانور جي چنبي ۾ اچي وئي هجي ۽ ان لاءِ ڪو فرق نه هجي ته ان کي ڪٽان پڪڙيو وجي. ان وقت ان ظلم کان بچڻ لاءِ پري پري تائين ڪوبه علائقو نه هوندو جتي وجي سگهو ۽ نه وري ڪا پناهگاه هوندي جتي پناه وٺي سگهو.[1]

ي) جنگ، قتل ۽ فتنو

حديثن ۽ روايتن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته امام مهدي عليه السلام جي قيام کان پهرين پوري دنيا ۾ قتل ۽ خونريزي عام ٿي ويندي ۽ ڪجهه حديثون فتنن جي باري ۾ ٻڌائين ٿيون ته ڪجهه لڳاتارجنگ جي خبر ڏين ٿيون، اهڙي طرح ڪجهه حديثون وري وبائي بيمارين ۽ جنگ جي سبب انسانن جي قتل ۽ خونريزي کي بيان ڪن ٿيون.

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ته: مون کان پوءِ اهڙا ته فتنا اٿندا جو انسانن کي ان کان نجات نه ملندي. ان ۾ جنگ، فساد ۽ آوارگي هوندي ان کان پوءِ اهڙا فتنا اٿندا جيڪي پهرين فتنن کان به سخت هوندا اجا هڪ فتنو خاموش نه ٿيندو ته وري ٻيو فتنو شروع ٿيندو ايتري قدر جو عرب جو ڪو به گهر ان فتني جي باهه کان محفوظ نه رهي سگهندو ۽ ڪو به مسلمان

---

١. احقاق الحق، جلد١٩، صفحو٦٧٩.

اهڙو نہ هوندو جيڪو ان فتني کان بچيل هجي. اهڙي ماحول ۾ منهنجي خاندان منجهان هڪ شخص ظهور ڪندو.[١]

هنن روايتن ۾ انهن فتنن جي باري ۾ ڳالهيون آهن جيڪي امام مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهرين ظاهر ٿيندا، پر بين حديثن ۾ واضح طرح جنگن جو ذڪر آيو آهي.[٢]

ڪجهه حديثون امام مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهرين قتل ۽ خونريزي جي خبر ڏين ٿيون ۽ ڪجهه روايتن ۾ فقط قتل ۽ غارت جو ذڪر آهي ۽ ڪجهه ۾ قتل ۽ غارت جي وسيع هجڻ کي به بيان ڪيو ويو آهي.

اُن باري ۾ امام رضا عليه السلام فرمائن ٿا تہ: ماڻهو امام مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهرين لڳاتار بنا ڪنهن وقفي جي قتل ٿيندا.[٣] اميرالمؤمنين عليه السلام فرمائن ٿا تہ: حضرت مهدي عليه السلام ان وقت ظهور ڪندا جڏهن ماڻهن جو ٽيون حصو باقي بچندو ۽ ٻيا قتل ٿي چڪا هوندا يا پنهنجي موت مري چڪا هوندا.[٤]

متي ذڪر ڪيل حديثن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ:

---

١. عقدالدرر، صفحو٥٠.
٢. غيبة طوسي، صفحو٤٤١؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢١٢.
٣. قرب الاسناد، صفحو١٧٠؛ غيبة نعماني، صفحو٢٧١.
٤. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٥٨؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢٩.

١: حضرت مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهريان تمام گهٽي خونريزي ٿيندي، انسانن جي اڪثريت قتل ٿي ويندي، ۽ باقي جيڪي زنده رهجي ويندا انهن جو تعداد مقتولن کان گهٽ هوندو.

٢: ڪجهه ماڻهو جنگ جي ڪري قتل ٿيندا ۽ ڪجهه ماڻهو وبائي بيمارين جي ڪري مرندا ۽ اها وبائي بيماري گهٽو ڪري جنگ جي سبب مري ويلن لاشن جي ڪري پيدا ٿيندي، يا ڪيميڪل هٿيارن جي استعمال سبب اُهي بيماريون وجود ۾ ايندیون.

٣: انهن باقي بچي وڃڻ وارن ۾ امام عليه السلام جا مڃڻ وارا شيعہ هوندا، انهي لاءِ ته هي اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي امام عليه السلام جي بيعت ڪندا. جيئن ته امام جعفر صادق عليه السلام جن کان نقل ٿيل هڪ حديث ۾ آيو آهي ته: ڇا توهان انهي ڳالهه تي راضي ناهيو ته توهان انهن باقي ٽئين حصي بچيل ماڻهن منجهان هجو؟

باب پنجون

ظهور مهل دنيا جي اقتصادي حالت

حديثن جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ پروڙ پوي ٿي تہ فساد ۽ تباهي جي پڪڙجڻ محبت ۽ صلي رحمي ختم ٿيڻ ۽ جنگن جي ڪري پوري دنيا جون اقتصادي حالتون خراب ٿي ويندیون ايستائين جو آسمان بہ انهن تي رحم نہ ڪندو، بارش جو وسڻ جيڪا الله جي رحمت آهي غضب ۽ آفت ۾ تبديل ٿي ويراني جو سبب بڻجي ويندي.

ماڻهو پيٽ پرڻ جي ڪري پنهنجن عورتن ۽ نوجوان ڇوڪرين کي بازار ۾ وڻي ايندا ۽ ٿوري ڪاڌي جي بدلي انهن جو وڪرو ڪري ڇڏيندا، انهن حالاتن مان ڪجهہ کي هتي ذڪر ڪجي ٿو.

الف) بارشن جي گهٽتائي ۽ بنا موقعي بارشون

رسول خدا ﷺ جن فرمائن ٿا تہ: ماڻهن تي اهڙو وقت اچڻ وارو آهي جو الله پاڪ انهن کي بارش کان محروم ڪري ڇڏيندو ۽ بارش نہ ٿيندي، جيڪڏهن ٿي تڏهن بہ بي موسمي هوندي.[1]

---

[1]. جامع الاخبار، صفحو١٥٠؛ مستدرک الوسائل، جلد١١، صفحو٣٧٥

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ت: گرميءَ جي موسم ۾ بارش ٿيندي.[١]

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ت: امام مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهرين هڪ سال اهڙو هوندو جنهن ۾ شديد بارش ٿيندي جنهن ڪري ميوا (قَلَ) خراب ٿي ويندا ۽ کجور(ڪتل) وٽن ۾ ئي زيان ٿي ويندي ان وقت ڪنهن شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا نه رهجو.[٢]

ب) دريائن ۽ سمندن جو خشڪ ٿيڻ

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ت: درياء نيل جي خشڪ ٿيڻ جي ڪري مصر جا شهر تباه ٿي ويندا.[٣]

روايتن ۾ آهي ت طبرستان جو دريا خشڪ ٿي ويندو کجين جا وڻ سڪي ويندا ۽ زعر نالي چشمو(جيڪو شام ۾ آهي) زمين جي تري ۾ هليو ويندو.[٤]

---

١. دوحة الانوار، صفحو٥٠؛ الشيعه والرجعه، جلد١، صفحو١٥١؛ كنزل العمال، جلد١٤، صفحو٢٤١.

٢. ارشاد شيخ مفيد، صفحو٣٦١؛ غيبة شيخ طوسي، صفحو٢٧٢؛ اعلام الوري، صفحو٤٢٨؛ خرائج، جلد٣، صفحو١١٦٤؛ ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٢٥.

٣. مصنف عبدالرزاق، جلد٣، صفحو١٣٤.

٤. فتن ابن حماد، صفحو١٤٨.

ج) مهانگائي، بک ۽ غربت

هڪ شخص رسول خداﷺ کان سوال ڪيو تہ: قيامت ڪڏهن ايندي؟ پاڻ فرمايائون تہ: قيامت جون ڪجهہ نشانيون آهن انهن مان هڪ تقارب بازاري آهي. سوال ڪيو ويو تہ: تقارب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: تمام گهٽي مهانگائي ٿيندي ۽ بارشون تہ ٿيندیون پر گاهہ نہ ڦُٽندو.[١]

حضرت امام علي عليه السلام جن ابن عباس کي فرمايو تہ: تجارت ۽ معاملات (خريد ۽ فروش) تمام گهٽا هوندا، پر ماڻهن کي انهي منجهان گهٽ فائدو ٿيندو ۽ ان کان پوءِ سخت ڏُکار ايندو.[٢]

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جڏهن سفياني خروج ڪندو تہ ڪائڻ پيئڻ جي شين ۾ گهٽتائي اچي ويندي ڏُکار واري حالت هوندي ۽ بارشون گهٽ ٿيندیون.[٣]

د) ڪاڏي جي عيوض عورتون

ابومحمد مغربي روايت ڪري ٿو تہ: حضرت مهدي عليه السلام ان وقت ظهور ڪندا جنهن وقت ماڻهو بک ۽ غربت جي ڪري

---

١. الترغيب والترهيب، جلد٣، صفحو٤٤٢.
٢. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٣٣.
٣. ساڳيو.

پنهنجين نوجوان نياڻين کي بازارِ وٺي اچي چوندا تہ ڪير آهي جيڪو اسان کان هنن چوڪرين کي خريد ڪري ۽ انهيءَ جي عيوض ڪاڏو ڏئي؟ اهڙي ماحول ۾ حضرت مهدي عليه السلام ظهور ڪندا.[1]

[1] .ساڳيو، صفحو٥٩.

باب ڇهون

اميد جي جهلڪ

گذريل بحثن ۾ حديثن جي روشنيءَ ۾ ظهور کان پهرين دنيا جي حالتن کان ڪنهن حد تائين آگاهه ٿياسين. جيتوڻيڪ انهن حديثن منجهه محتاجي ۽ مشڪلاتن جو ذڪر ٿيل آهي جنهن سان ممڪن آهي انسان مايوس ۽ نا اميد ٿي وڃي، پر بين حديثن ۾ شيعه ۽ مؤمنن جي لاءِ اميد جي جهلڪ ۽ روشن مستقبل جي طرف اشارو ڪيو ويو آهي.

الف) حقيقي مؤمن

ڪڏهن اهڙيون حديثون به سامهون ايندیون آهن جيڪي ڪنهن جي جواب ۾ بيان ڪيون ويون آهن، جنهن مان هيءُ گمان ٿيندو آهي ته هڪ اهڙو زمانو ايندو جيڪو مؤمن جي وجود کان خالي هوندو. امام عليه السلام اهڙي زماني جي نفي ڪئي آهي ۽ هر زماني ۾ مؤمنن جي وجود جي خبر ڏني اٿئون.

زيد زراد چوي ٿو ته: مون امام جعفر صادق عليه السلام کي عرض ڪيو ته: آءٌ ڊڄان ٿو ته مان متان مؤمن نه رهان. امام عليه السلام فرمايو ته: ائين چو ٿو سوچين؟ زيد زراد چيو: ان ڪري جو مان ڏسان ٿو ته اسان جي وچ ۾ ڪو به اهڙو نه آهي جيڪو

پنهنجي پاڻ کي درهم ۽ دينار تي مقدم ڪري، پر اهو ضرور ڏسي رهيو آهيان تہ درهم ۽ دينار کي برادر ديني(جنهن تي حضرت امام علي عليه السلام جي ولايت اسان سيني کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو آهي) تي ترجيح ڏئي ٿو. امام عليه السلام فرمايو تہ: ائين نہ آهي جيئن تون چئي رهيو آهين توهان ماڻهو صاحب ايمان آهيو پر توهان جو ايمان امام مهدي عليه السلام جي ظهور وقت مڪمل ٿيندو، ان وقت الله پاڪ توهان جي عقل کي ڪامل ڪري ڇڏيندو ۽ توهان ڪامل مؤمن بڻجي ويندؤ.

ان خدا جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! سڄي دنيا ۾ اهڙا انسان بہ موجود آهن جن جي نگاھ ۾ سڄي دنيا هڪ مڇر جي پر برابر بہ اهميت نٿي رکي.[1]

ب) شيعہ عالمن جو ڪردار

حضرت امام علي نقي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جيڪڏهن امام مهدي عليه السلام جي غيبت جي زماني ۾ علماء نہ هجن ها، ماڻهن کي ان جي طرف هدايت ۽ رهنمائي نہ ڪن ها، الله جي حجت جي ذريعي دين جو دفاع نہ ڪن ها، ۽ ضعيف شيعن کي شيطان جي جار، ڏوڪي ۽ ان جي پيروڪارن کان نجات نہ ڏين ها، ۽ ناصبين (دشمن اهلبيت عليهم السلام) جي شر کان محفوظ نہ رکن

---

١. بحارالانوار، جلد٦٧، صفحو٣٥١.

ها تہ ڪو بہ شخص پنهنجي دين تي ثابت قدم نہ هجي ها ۽ سڀ مرتد ٿي وڃن ها، پر اُهي شيعن جي ضعيف ۽ ڪمزور دلين جي رهبري پنهنجي ذمي ڪٽي انهن جي اهڙي طرح حفاظت ڪندا آهن جهڙي طرح مَلاح ٻيڙي تي سوار ماڻهن ۽ ٻيڙي جي قانون جي حفاظت ڪندو آهي. تنهن ڪري اُهي الله پاڪ جي نزديڪ وڏي شان وارا انسان آهن.[١]

رسول خداﷺ جن هر صدي ۾ دين کي زنده ڪرڻ وارن جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ: الله پاڪ اسلامي امت لاءِ هر صدي جي شروعات ۾ هڪ شخص کي مبعوث ڪندو آهي تہ جيئن هو دين کي زنده رکي.[٢]

يقيناً هن مطلب جو ثبوت ان زماني ۾ دليل ۽ برهان جو محتاج ناهي، انهيءَ لاءِ تہ امام خميني رحمه الله جو ڪردار دشمنن جي ناپاڪ سازشن کي خاڪ ۾ ملائڻ ۾ ڪنهن تي لِڪل ناهي، اُهي دشمن جن دين کي خطري ۾ وجهي چڏيو هو.

---

١. تفسير امام حسن عسكري، صفحو٣٤٤؛ احتجاج، جلد٢، صفحو٢٦٠؛ بحارالانوار، جلد٢، صفحو٦.

٢. عن النبيﷺ عن الله تعالى يبعث لهذه الامة على راس كل مائة سنة من يجددلها دينها، **سنن ابي داؤد، جلد٤، صفحو١٠٩؛ مستدرک حاڪم، جلد٤، صفحو٥٢٢؛ تاريخ بغداد، جلد٢، صفحو٦١ منهنجي تحقيق مطابق هي روايت ڪنهن شيعہ ڪتاب ۾ موجود نہ آهي...**

بيشڪ اڄ جيڪا عزت ۽ سربلندي اسلام کي ملي آهي اها ايران جي اسلامي انقلاب ۽ ان جي باني امام خميني رحمه الله جي برڪت سان آهي.

ج) آخري زماني ۾ قم شهر جو ڪردار

اهڙيون حديثون تمام گهٽيون ملن ٿيون جيڪي هن مقدس شهر ۽ هن جي لائق ماڻهن کي ساراهيندي نظر اچن ٿيون اهڙا ماڻهو جيڪي مڪتبِ اهلبيت عليهم السلام جي صاف ۽ شفاف چشمي مان سيراب ٿي پيغام پهچائڻ جي ذميواري قبول ڪئي اٿن.

د) قم اهلبيت عليهم السلام جو حرم

ڪجهه حديثن منجهان جاڻ ملي ٿي ته قم ۽ قم وارا ولايت ۽ تشيع جي لاءِ نمونو، ان جا راز ۽ اُهجاڻ (رمز) هوندا، انهيءَ ڪري حديثن ۾ جنهن کي اهل بيت عليهم السلام جي دوستن ۾ شمار ڪيو ويو ان کي قمي جو لقب ڏنو ويو.

صفوان چوي ٿو ته: هڪ ڏينهن آءٌ ابوالحسن امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي خدمت ۾ هئس ته قم وارن ۽ امام مهدي عليه السلام سان محبت جي ڳالهه نڪتي ته ستين امام عليه السلام فرمايو ته: الله پاڪ انهن تي رحمت نازل ڪري ۽ انهن سان راضي رهي، ان کان پوءِ پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي فرمايائون: بهشت جا

اٺ دروازا آهن جن منجهان هڪ دروازو قم وارن لاءِ کلندو ملڪن ۾ شهرن منجهان اُهي ماڻهو اسان جا نيڪ ۽ معتبر شيعہ آهن.

الله پاڪ اسان جي ولايت ۽ دوستي کي انهن جي خلقت ۽ طبيعت ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.[١]

قم شهر وارن جو پين ماڻهن تي حجت هجڻ

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: مشڪلاتون ۽ پريشانيون قم ۽ سندس رهواسين کان پري آهن ۽ هڪ اهڙو ڏينهن ايندو جو قم جا رهواسي تمام ماڻهن تي حجت هوندا ۽ اهو زمانو اسان جي قائم عليه السلام جي غيبت ۽ ظهور جو زمانو هوندو جيڪڏهن ائين نہ هجي تہ زمين پنهنجي رهواسين کي گيهي ڇڏيندي. بلا شڪ فرشتا قم ۽ قم جي رهواسين کي بلائن کان محفوظ رکن ٿا. ۽ ڪوبہ ظالم قم جو ارادو ناهي ڪندو مگر هي تہ الله پاڪ ان جي چيلهہ کي پيچي ڇڏيندو، ۽ ان کي دردن بلائن يا دشمنن ۾ وکوڙي ڇڏيندو آهي. الله پاڪ قم ۽ سندس رهواسين جو نالو ظالمن جي ذهنن مان ائين مٽائي ڇڏيندو جيئن انهن الله سائين کي وساري ڇڏيو هوندو.[٢]

---

١. بحارالانوار، جلد٦٠، صفحو٢١٦.
٢. ساڳيو، صفحو٢١٣

قم اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي جو مرڪز

حديثن ۾ گذريل ڳالهين کان علاوه قابل غور ڳالهه هيءَ آهي ته غيبت جي زماني ۾ هيءُ شهر اسلام جي پيغام پهچائڻ جو مرڪز بڻجي ويندو ۽ هتان زمين تي وسندڙ ڪمزور ماڻهن جي ڪنن تائين اسلام جو آواز پهچندو ۽ قم جا عالم دين ۽ دانشور دنيا تي حجت بڻجي ويندا.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن ان باري ۾ فرمائن ٿا ته: اوير ۽ اولهه جي دنيا ۾ قم کان علم ۽ دانش رائج ٿيندو ۽ سڄي دنيا تي حجت تمام ٿي ويندي ۽ اهڙي طرح ڪوبه اهڙو شخص باقي نه رهندو جيڪو علم جي نور کان محروم هجي. ان وقت حضرت مهدي عليه السلام جو ظهور ٿيندو. ۽ ڪافرن تي ان جي ذريعي الله پاڪ جو عذاب نازل ٿيندو. ڇاڪاڻ ته الله پاڪ پنهنجن بندن کان ان وقت تائين انتقام ناهي وٺندو جيستائين انهن تي پنهنجي حجت تمام نه ڪري.[1]

هڪ ٻي حديث ۾ ڪجهه هن ريت بيان ٿيو آهي ته:

جيڪڏهن قم وارا نه هجن ها ته دين ختم ٿي وڃي ها.[2]

---

١. ساڳيو، صفحو٢١٣؛ سفينة البحار، جلد٢، صفحو٤٤٥.
٢. بحارالانوار، جلد٦٠، صفحو٢١٧

قم جي فڪري روش جي حمايت

ڪجھ حديثن جي مطالعي ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ ائمہ معصومين عليهم السلام قم جي علماء جي حمايت ڪئي آهي. جيئن تہ حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: قم جي بلندي تي هڪ فرشتو آهي جيڪو پنهنجي ٻنهي پَرن کي ڦڙڪائيندو رهندو آهي ۽ ڪو بہ ظالم انهن جي لاءِ خراب ارادو ناهي ڪندو مگر هي تہ الله پاڪ ان کي لوڻ وانگر پاڻي ۾ ڳاري ڇڏيندو آهي. ۽ پوءِ عيسىٰ بن عبدالله قمي جي طرف اشارو ڪري فرمايائون تہ: قم وارن تي الله پاڪ جو درود ۽ سلام هجي، الله پاڪ انهن جي سرزمين کي پاڻي سان زرخيز ڪندو، ۽ انهن تي پنهنجون برڪتون نازل ڪندو ۽ گناهن کي نيڪين ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو، هي ماڻهو رڪوع، سجود، قيام ۽ قعود وارا آهن، جهڙي طرح فقيهہ ۽ دانشمند هوندا آهن. هي ماڻهو دانا، عقلمند، نيڪ ۽ عبادت گذار واري بصيرت رکڻ وارا آهن.[1]

---

١. ساڳيو

امام مهدي عليه السلام جا انصار، مددگار

قابل غورنُڪتو هيءُ آهي تہ قم وارن ۽ اُهي ماڻهو جيڪي اهلبيت عليهم السلام جو انتقام ونڊ وارا آهن انهن جا نالا روايتن ۾ موجود آهن.

عفان بصري چوي ٿو تہ: امام جعفر صادق عليه السلام مونکان سوال ڪيو تہ ڇا توکي خبر آهي تہ قم کي قم ڇو چوندا آهن؟ تہ مون عرض ڪيو تہ الله پاڪ ۽ ان جو رسول صلى الله عليه وآله وسلم ۽ توهان بهتر ڄاڻو ٿا. انهي تي امام عليه السلام فرمايو تہ: قم کي انهيءَ ڪري ان نالي سان سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ ان جا رهڻ وارا قائم آل محمد حضرت امام مهدي (عج) جي چوڌاري گڏ ٿيندا ۽ ساڻن گڏ قيام ڪندا، انهي رستي ۾ ثابت قدمي ۽ مضبوطيءَ جو ثبوت پيش ڪندا ۽ سندن مدد ڪندا.[1]

ايران امام زمانہ عليه السلام جو ملڪ

ائمہ معصومين عليهم السلام جي حديثن ۾ ٿورو غور ۽ فڪر ڪرڻ سان هن نتيجي تي پهچندا سين تہ ائمہ عليهم السلام ايران ۽ ايرانين تي خاص توجهہ ڏني آهي ۽ مختلف جڳهن تي دين جي مدد ۽ امام مهدي عليه السلام جي ظهور لاءِ رستو هموار ڪرڻ وارن ۾ ايرانين

---

١. بحارالانوار، جلد٦٠، صفحو٢١٧

جو ذڪر ۽ انهن جي عظمت کي بيان ڪيو آهي. اسان هن جاءِ تي انهن حديثن منجهان ڪجهه کي بيان ڪريون ٿا.

ايرانين جي عظمت

حضرت عبدالله بن عباس چوي ٿو ته: رسول خداﷺ وٽ ايرانين جو ذڪر ٿيو پاڻ فرمايائون ته: فارس وارا اسان اهلبيتعليهم‌السلام منجهان آهن.[1]

هڪ ڏينهن اشعث، حضرت امام عليعليه‌السلام تي اعتراض ڪندي چيو ته: اي اميرالمؤمنين! هي (گونگا) ڇا جي لاءِ توهان جي چوڌاري جمع ٿيا آهن ۽ اسان کان اڳتي وڌڻ چاهين ٿا؟ پاڻ ڪاوڙ جي حالت ۾ جواب ڏيندي فرمايائون ته: ڪير آهي جيڪو مونکي معذور قرار ڏيندو اهڙن طاقتور ماڻهن جي مقابلي ۾ جن مان هر هڪ پنهنجي ٻڌندڙ ڪنن سان بستر ۾ آرام ڪري رهيا هوندا آهن، ۽ اُهي ماڻهو فخر ڪندي هڪ قوم کان منهن موڙي ويندا آهن، تون مونکي انهن کي پاڻ کان پري ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ چاهين ٿو؟ خدا جو قسم! آءٌ هرگز انهن کي پاڻ کان پري نه ڪندس. خدا جو قسم! جنهن ٻج جي سيني کي چيريو ۽ مخلوقات کي خلق ڪيو. هي ماڻهو

---

١. ذڪر اصبهان، صفحو١١

توکي دين جي طرف موٽائڻ ۾ توسان ائين جنگ ڪندا جيئن تون انهن تي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ تلوار هلائيندو آهين.[١]

حضرت امام مهدي عليه السلام جي ظهور کان پهرين جا واقعا ۽ سندن انصار جي باري ۾ جيڪي قابل غور ڳالهيون حديثن ۾ بيان ٿيل آهن اهي ايران ۽ ايرانين جي باري ۾ مختلف تعبيرن سان ڪڏهن جيئن اهل فارس، عجم، اهل قم، اهل طالقان ۽ اهل رَي وغيره جو ذڪر ٿيو آهي، ان سلسلي ۾ تمام حديثن جي تحقيق کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته ايران ۾ ظهور کان پهرين الله واري حڪومت قائم ٿيندي جيڪا ائمه عليهم السلام جو دفاع ڪرڻ واري ۽ امام زمانه عليه السلام جي عنايت جو مرڪز هوندي ۽ ايراني، امام عليه السلام جي قيام ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا، جيئن ته قيام جي بحث ۾ ان جو ذڪر ڪيو ويندو، هتي فقط بن حديثن تي اڪتفاء ڪجي ٿي.

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ته:

اوپر طرف جي سرزمين کان هڪ شخص قيام ڪندو ۽ اهو حضرت مهدي عليه السلام جي قيام جي راه هموار ڪندو.[٢]

---

١. الغارات، جلد٦٤، صفحو٤٩٨؛ سفينة البحار، جلد٢، صفحو٦٩٣.

٢. سنن ابن ماجه، جلد٢، صفحو١٣٦٨؛ المعجم الاوسط، جلد١، صفحو٢٠٠؛ مجمع الزوائد، جلد٧، صفحو٣١٨؛ كشف الغمه، جلد٣، صفحو٢٦٨.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ: اوپر طرف کان اهڙا ڪاري پرچم وارا ايندا جن جون دليون فولادي هونديون ان ڪري جيڪو بہ انهن جي تحريڪ کان آگاھ هجي اهو انهن جي طرف وڃي ۽ بيعت ڪري پوءِ چاهي برف تي هلي ڪري وڃڻو پوي.[١]

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ: جيئن آءٌ هڪ اهڙي قوم کي ڏسي رهيو آهيان جيڪا اوپر ۾ قيام ڪري چُڪي آهي ۽ اها حق جي گهُر ڪري رهي آهي پر ان کي حق نہ ٿو ملي، وري بيهر حق جي گهُر ڪري ٿي پوءِ بہ ڪيس حق نٿو ڏنو وڃي، تنهن ڪري تلوارون مياڻ مان ڪڍي جنگ لاءِ تيار بينڊي آهي ان وقت دشمن ان جي مرادن کي پورو ڪري رهيا آهن، پر هوءَ قبول نہ ٿي ڪري ۽ قيام ۾ آهي، اُها حق جي مالڪ کي ئي حق ڏيندي ان جا مقتول شهيد آهن ۽ جيڪڏهن آءٌ ان کي درڪ ڪيان ها تہ پنهنجي پاڻ کي صاحب امر جي (نُصرت) لاءِ تيار ڪريان ها.[٢]

---

١. عقدالدرر، صفحو١٢٩؛ شافعي، بيان، صفحو٤٩٠؛ كشف الغمة، جلد٣، صفحو٢٦٣.

٢. غيبة نعماني، صفحو٣٧٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٤٣؛ ابن ماجہ سنن، جلد٢، صفحو١٣٤٤.

حصو پيون

امام مهدي عليه السلام جو

عالمي انقلاب

باب پهريون

امام زمانہ عليه السلام جو قيام

امام مهدي عليه السلام جي قيام جي سلسلي ۾ مختلف حديثون آهن ڪجھ حديثن ۾ قيام جو ڏينهن نوروز يعني ٢١ مارچ ۽ ڪجھ ۾ عاشور يعني ڏهين محرم جي ڏينهن جو اعلان ڪيو ويو آهي؛ اهڙي طرح ڪجھ ۾ جمعي جو ڏينهن ۽ ڪجھ ۾ وري چنڇر جي ڏينهن جو ذڪر ٿيو آهي.

هڪ ئي ڏينهن نوروز ۽ عاشور جو واقع ٿيڻ ممڪن آهي ڇاڪاڻ تہ نوروز شمسي سال جو ڏينهن آهي ۽ عاشور قمري سال جو، تنهن ڪري انهن جو گڏجڻ ممڪن آهي. باقي جيڪا مشڪل ڏسجي ٿي اها جمعي ۽ چنڇر جو پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ آهي جن کي قيام جو ڏينهن بيان ڪيو ويو آهي ان ڪري تہ بَئِي هفتي جا ڏينهن آهن جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ گڏجي نہ ٿا سگهن، جيتوڻيڪ ان جي بہ دليل ٿي سگهي ٿي تہ جمعي جي ڏينهن قيام ٿيندو ۽ چنڇر جي ڏينهن الله واري حڪومت قائم ٿيندي ۽ دشمن نابود ٿي ويندا. باقي مخفي نہ هجي تہ جيڪي روايتون چنڇر جي ڏينهن کي بيان ڪري رهيون آهن اهي سند جي لحاظ کان ضعيف آهن، جڏهن تہ جمعي جي ڏينهن قيام کي بيان ڪرڻ وارين روايتن جي سند ۾ ڪنهن بہ قسم خَدشو موجود نہ آهي.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: اسان جو قائم عليه السلام جمعي جي ڏينهن قيام ڪندو.[١]

حضرت امام محمّد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جيئن آءٌ ڏسي رهيو آهيان تہ حضرت مهدي عليه السلام روز عاشور چنچر جي ڏينهن رڪن ۽ مقام جي درميان بينا آهن ۽ حضرت جبرائيل سندن سامهون بينل ماڻهن کي امام عليه السلام جي بيعت ڪرڻ جي دعوت ڏيئي رهيو آهي.[٢]

الف) ظهور جو اعلان

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن آسمان تان ندا ايندي تہ حق آل محمد صلى الله عليه وآله وسلم سان گڏ آهي جيڪڏهن توهان نيڪي جا خواهشمند آهيو تہ پوءِ آل محمد جي دامن کي مضبوطيءَ سان پکڙيو، حضرت مهدي عليه السلام ظهور ڪري رهيو آهي.[٣]

ب) پرچم جي علامت

هر حڪومت جو هڪ پرچم هوندو آهي جيڪو ان جي سچاڻپ جو نشان هوندو آهي. اهڙي طرح قيام ۽ انقلاب بہ هڪ خاص پرچم رکن

---

١. اثبات الهداة، صفحو٤٩٦؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٧٩.
٢. غيبت طوسي، صفحو٢٧٤؛ كشف الغمة، جلد٣، صفحو٢٥٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٩٠.
٣. الحاوي للفتاوىٰ، جلد٢، صفحو٦٨؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٢٤.

ٿا، ۽ ان تي لڳل نشان (مونوگرام) هڪ حد تائين انهن جي رهبرن جي مقصدن کي ظاهر ڪري ٿو. حضرت مهدي عليه السلام جو پرچم (عَلم) به مخصوص مونوگرام (نشان ۽ علامت) رکندو هوندو ۽ ان تي هڪ اعلان (شعار) لکيل هوندو مونوگرام تي لکيل اعلان ۾ ڪجهه اختلاف آهي، پر هن ڳالهه تي سڀني جو اتفاق آهي ته اهو نشان ماڻهن کي امام عليه السلام جي اطاعت جي دعوت ڏيندو. هڪ بي حديث ۾ آهي ته: امام مهدي عليه السلام جي پرچم تي لکيل هوندو ته: ڪن کولي رکو ۽ حضرت مهدي عليه السلام جي اطاعت ڪريو.[١]

بي جاءِ تي ملي ٿو ته امام مهدي عليه السلام جي پرچم جو نعرو "البيعة لله" بيعت خدا جي لاءِ آهي، هوندو.[٢]

ج) قيام سان ڪائنات جي خوشحالي

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ته:

حضرت مهدي عليه السلام جي قيام سان تمام زمين ۽ آسمان وارا پڪي، حيوان، درندا ۽ سمنڊ جون مڇيون سڀ شاد ۽ خوشحال هوندیون.[٣]

انهيءَ سلسلي ۾ حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ته: جڏهن امام مهدي عليه السلام ظهور ڪندا ته سندن نالو مبارڪ هر عام ۽ خاص جي

---

١. اثبات الهداة، جلد٢، صفحو٥٨٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٠٥.
٢. فتن ابن حماد، صفحو٩٨؛ ابن طاؤس، ملاحم، صفحو٦٧؛ القول المختصر، صفحو٢٤.
٣. عقدالدرر، صفحو٨٤ ۽ ١٤٩؛ البيان، صفحو١١٨؛ حاكم مستدرک، جلد٤، صفحو٤٣١؛ الدرالمنثور، جلد٦، صفحو٥٠؛ نورالابصار، صفحو١٧٠؛ ابن طاؤس، ملاحم، صفحو١٤٢.

زبان تي هوندو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ سندن عشق ۽ محبت پريل هوندي، اهڙي طرح جو سندن نالي مبارڪ کان سواءِ نہ ڪو ٻيو نالو زبانن تي هوندو ۽ نہ وري ڪو ٻيو نالو ياد رهندو ۽ امام عليه السلام جي محبت جي مهراڻ سان پنهنجي روحن کي سيراب ڪندا.[١]

روايت ۾ "يشربون حبّه" يعني ماڻهو امام عليه السلام جي محبت سان پنهنجي اُڃ اُجهائيندا جي تعبير سان امام عليه السلام سان رابطي ۽ تعلق کي پاڪ ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي سان پيٽ ڪرائي ويئي آهي، جنهن کي ماڻهو پوري محبت ۽ شوق سان پيئندا آهن ۽ سندن محبت ۽ عشق انهن جي وجود ۾ سمائجي ويندو.

د) محروم ۽ مايوس ماڻهن جي نجات

ان ۾ ڪو به شڪ نہ آهي تہ حضرت مهدي عليه السلام جو قيام عدالت جي برقراري ۽ انساني سماج مان محروميت جي پاڙ پٽڻ آهي، هن حصي ۾ سندن قيام جي وقت محرومين جي سلسلي ۾ امام عليه السلام جي اُپائن کي بيان ڪنداسين جيڪي محرومين جي نجات جو سبب بڻجندا.

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

---

١. الحاوي للفتاوىٰ، جلد٢، صفحو٦٨؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٢٤

منهنجي امت منجهان حضرت مهدي (عج) ظهور ڪندو، الله پاڪ کين انسانن جي پناهگاھ بڻائي موڪلیندو ۽ ان زماني ۾ ماڻهو نعمت ۽ آرام سان زندگي گذارينداً.[١]

پاڻ سڳورن ﷺ جن دانهون ٻڌندڙ کي ڪنهن گروھ، امت، قوم يا قبيلي سان مخصوص ناهي ڪيو پر لفظ (ناس) جي ذريعي تمام انسانن کي نجات ڏيندڙ ڄاڻايو آهي.

قيام جي وقت عورتن جو ڪردار

ظهور کان پهريان ۽ بعد ۾ عورتن جي ڪردار سان تعلق رکندڙ روايتن جي روشني ۾ چند قابل غور نُڪتا سامهون اچن ٿا، جيتوڻيڪ ڪجھ روايتن جي مطابق دجال جي پيروي ڪندڙ اڪثر يهودي ۽ عورتون هونديون.[٢]

پر ان جي ٻيٽ ۾ ٻئي پاسي مؤمن ۽ پاڪدامن عورتون به آهن جيڪي پنهنجي عقيدي جي گهڻي حفاظت ڪنديون، ظهور کان اڳ جي حالتن کان تمام گهڻو متاثر هونديون ۽ ڪجھ عورتون مضبوط قدم ۽ مجاهدانہ طاقت رکنديون هونديون، اُهي جيڏانهن به ويندیون ماڻهن کي دجال جي خلاف جنگ جي تبليغ ڪنديون.

---

١. عقدالدرر، صفحو١٦٧.

٢. مسنداحمد، جلد٢، صفحو٧٦؛ فردوس الاخبار، جلد٥، صفحو٤٢٤؛ مجمع الزوائد، جلد٧، صفحو١٥.

ڪجهه حديثن جي مطابق قيام جي وقت چارسئو عورتون امام عليه السلام جون مددگار هونديون ۽ انهن جي اکثريت دوا، علاج معالجي ۾ مصروف هوندي، باقي قيام جي وقت عورتن جي تعداد جي باري ۾ اختلاف آهي، ڪجهه حديثن ۾ ١٣ عورتن جا نالا آهن جيڪي ظهور جي وقت امام عليه السلام سان گڏ هونديون، شايد اُهي عورتون سندن ابتدائي فوج ۾ هجن ۽ ڪجهه ٻين حديثن ۾ سندن مددگار عورتن جو تعداد ست هزار اٺ سئو(٧٨٠٠) ذڪر ٿيو آهي ۽ هي اُهي عورتون آهن جيڪي قيام کان پوءِ ساٺن گڏجي سندن ڪمن ۾ مدد ڪنديون.

مفضل بن عمر چوي ٿو ته: امام صادق عليه السلام جن فرمايو ته:

حضرت قائم (عج) سان گڏ ١٣ عورتون آهن، مون عرض ڪيو ته: اهي ڇا ڪنديون ۽ انهن جو ڪردار ڪهڙو هوندو؟ پاڻ فرمايائون ته: زخمين جي مَرهم پٽي وغيره ۽ بيمارن جي خدمت چاڪري ڪنديون، جهڙي طرح رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم سان گڏ مددگار هيون. مون ٻيهر عرض ڪيو ته: انهن ١٣ عورتن جا نالا ٻڌايو؟ پاڻ فرمايائون ته: قنوا بنت رشيد هجري، اُم ايمن، حبابه والبيه، سميه مادر ياسر، زبيده، اُم خالد احمسيه، اُم سعيد حنفيه، صيانته ماشطه ۽ اُم خالد جهنيه.[١]

جي ها! هي اُهي ئي دردمند عورتون آهن جن هي ثابت ڪري ڏيکاريو ته اُهي عالمي حڪومت جي هن سخت وزن کي ڪنهن حد تائين سنيالي سگهن ٿيون.

---

١. دلائل الامامه، صفحو٢٥٩؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٧٥.

باب ٻيو

قيام جو ليڊر (اڳواڻ)

هن باب ۾ امام مهدي عليه السلام جي جسماني ۽ اخلاقي خاصيتن جي باري ۾ گفتگو ڪندا سين.

الف) جسماني خاصيتون

عمران بن حصين چوي ٿو ته: مون رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: ان شخص (مهدي) جو مونکي تعارف ڪرايو ۽ ان جي باري ۾ ڪجهه بيان ڪريو؟

پاڻ فرمايائون ته: اهو منهنجي اولاد منجهان آهي سندس جسم بني اسرائيل جي مردن جيان سخت ۽ سهڻو آهي، منهنجي امت جي مصيبت جي وقت قيام ڪندو، ان جي چهري جو رنگ عربن وانگر آهي، چاليهن سالن جي مرد جهڙو هوندو، صورت چند جي ٽڪري وانگر چمڪندي هوندي، زمين کي اهڙي نموني عدل ۽ انصاف سان پري ڇڏيندو جهڙي طرح اها پهرين ظلم ۽ ستم سان پرجي چڪي هوندي، ويهن سالن تائين حڪومت جون مهارون پنهنجي هٿن ۾ ونندو ۽ سيني ڪافر ملڪن تي مثال طور: قُسطنطنيہ ۽ روم تي قبضو ڄمائيندو.[1]

---

[1]. ملاحم ابن طاؤس، صفحو ١٤٢.

اميرالمؤمنين حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن مهدي عليه السلام قيام ڪندو ته سندن سن مبارڪ ٣٠ ۽ ٤٠ سالن جي وچ ۾ هوندو.[١]

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

بيشڪ خدا جا ولي حضرت ابراهيم عليه السلام وانگر ١٢٠ سال جي عمر تائين پهچندا، سندن چهرا ۽ رخسار ٣٠ سالن جي ڪامل جوان وانگر هوندا.

مرحوم علامه مجلسي (رح) فرمائي ٿو ته: ٿي سگهي ٿو انهيءَ مان مراد حڪومت ۽ سلطنت جي مدت هجي يا هي ته حضرت جي عمر ايتري ئي هئي پر الله پاڪ طولاني ڪري ڇڏي.

ريّان بن صلت چوي ٿو ته: مون امام رضا عليه السلام کي عرض ڪيو ته: ڇا توهان صاحب امر آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته آءٌ امام ۽ صاحب امر آهيان پر اهو صاحب امر جيڪو زمين کي عدل ۽ انصاف سان پري ڇڏيندو، جڏهن اها ظلم ۽ ستم سان پرجي چُڪي هوندي، آءٌ ڪيئن اهو صاحب امر ٿيندس جڏهن ته منهنجي جسم جي ناتواني ڏسي رهيو آهين؟ حضرت قائم عليه السلام اُهو آهي ته جڏهن اهو ظهور ڪندو پوڙهن واري عمر هوندس، پر صورت نوجوانن جهڙي هوندي، طاقتور ۽ تندرست جسم جو مالڪ هوندو، جيڪڏهن ڪنهن وڏي کان وڏي وڻ

١. احقاق الحق، جلد١٩، صفحه٦٤٥.

جي طرف هٿ وڌائيندو ته ان کي پاڻان پٽي اڇلائيندو، جيڪڏهن جبلن جي درميان آواز ڏيندو ته جبل پنهنجي جڳهه تان هٽي ويندا، جناب موسىٰ عليه السلام جي لٺ (عصا) ۽ حضرت سليمان عليه السلام جي مُندي ان وٽ هوندي.[١]

ب) اخلاقي ڪمال

ائمہ معصومين عليهم السلام ڪامل انسان، هر لحاظ کان بشريت جي لاءِ نمونہ عمل ۽ بهترين اخلاق جي اعلىٰ مرتبن تي فائز آهن.

حضرت امام رضا عليه السلام جن فرمائن ٿا ته: حضرت مهدي عليه السلام ماڻهن منجهه سيني کان وڌيڪ عقلمند، بُردبار ۽ پرهيزگار آهي، هو تمام انسانن کان وڌيڪ خيرات ڪرڻ وارو، عابد ۽ بهادر آهي.[٢]

١ : خوف خدا

ابن طاؤس نقل ڪيو آهي ته: حضرت مهدي عليه السلام جو خشوع الله پاڪ جي سامهون نيزي جي ٻن طرفن سان پيٽ ڪرايو ويو آهي، نيزي جو پنهنجي نشاني تي لڳڻ ان جي ٻن طرفن سان تعلق رکي ٿو

---

١. كمال الدين، جلد٢، صفحه٤٨؛ اعلام الورىٰ، صفحه٤٠٧؛ كشف الغمه، جلد٣، صفحه٣١

٢. ينابيع المودة، صفحه٤٠١؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحه٣٧٦؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحه٥٣٧.

جيڪي بن پرن وانگر هوندا آهن جيڪڏهن هڪ طرف ڦڏو ٿي وڃي تہ نيزو پنهنجي نشاني تي نہ لڳندو.[١]

ٿي سگهي ٿو انهيءَ منجهان مراد هيءَ هجي تہ حضرت امام مهدي عليه السلام جي قدرت ۽ طاقت، الله پاڪ جي طرفان آهي ۽ ان جي مدد سان تعلق رکي ٿي.

٢ : پرهيزگاري

عثمان بن حماد چوي ٿو تہ: اسين امام جعفر صادق عليه السلام جي محفل ۾ هئا سين تہ هڪ شخص سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: حضرت علي عليه السلام معمولي ۽ سادو لباس پائيندا هئا جنهن جي قيمت چار درهم هوندي هئي، پر توهان قيمتي لباس پائيندا آهيو؟ انهيءَ تي پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ: حضرت علي عليه السلام اهڙو لباس اهڙي زماني ۾ استعمال ڪيو جڏهن ڪو اعتراض ڪرڻ وارو نہ هو. هر زماني جو بهترين لباس ان زماني جي ماڻهن جو آهي جڏهن اسان جو قائم عليه السلام ظهور ڪندو تہ حضرت علي عليه السلام جو لباس پائيندو ۽ سندن سياست ۽ رستي جي پيروي ڪندو.[٢]

---

١. ابن حماد، فتن، صفحو١٠٠؛ عقدالدرر، صفحو١٥٨؛ ملاحم، صفحو٧٣.
٢. كافي، جلد٦، صفحو٤٤٤؛ بحارالانوار، جلد٤١، صفحو١٥٩.

٣ : لباس

روايتن ۾ ظهور جي وقت امام مهدي عليه السلام جي مخصوص لباسن جو ذڪر ٿيو آهي، ڪٿي رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جو لباس، ڪٿي حضرت يوسف عليه السلام جي پهراڻ کي سندن لباس جي عنوان سان بيان ڪيو ويو آهي.

يعقوب بن شعيب چوي ٿو ته: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمايو ته:

چا تون نٿو چاهين ته آءٌ توکي اهڙو لباس ڏيکاريان جيڪو حضرت قائم عليه السلام ظهور جي وقت زيبِ تن ڪندو؟ مون چيو چو نٿو ڏسڻ چاهيان، امام عليه السلام هڪ صندوق گهرائي ۽ انهي کي کولي ڪپهه جي ڏاڪي سان بٽيل لباس ڪڍيائون ڏٺم ته ان جي کابي پاسي رت جو نشان هو، امام عليه السلام فرمايو هيءُ رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جو لباس آهي، جنهن ڏينهن جنگ احد ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جا چار ڏند شهيد ٿيا هئا ته کين هيءُ لباس پهريل هو، حضرت قائم عليه السلام اهو ئي لباس پائي قيام ڪندا، مون انهيءَ خون (رت) کي چميو ۽ اکين سان لڳايو، پوءِ امام عليه السلام لباس وري صندوق اندر رکي ڇڏيو.[١]

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٤٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٤٢؛ حلية الابرار، جلد٢، صفحو٥٧٥.

۴ : هٿيار

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

حضرت مهدي عليه السلام کي ظهور جي وقت رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جو اهو ئي لباس پهريل هوندو جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جنگ احد ۾ پاتو هو ۽ اها ئي زِرهَ ۽ عمامو هوندو جيڪو رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم کي پاتل هو، ۽ ذوالفقار هٿ ۾ کڻي اٺن ۸ مهينن تائين بي دينن کي قتل ڪندا.[1]

۵ : مُنهن مان سجاٽ

امام مهدي عليه السلام جي هڪ خاصيت هيءَ هوندي ته پاڻ انسانن جي اندرين شخصيت کي انهن جي مُنهن مان سجاٽيندا، نيڪ ماڻهن کي بدڪردارن کان جدا ڪندا ۽ فساد ڪرڻ وارن کي انهيءَ سجاٽپ جي مطابق انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائيندا.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن حضرت قائم عليه السلام ظهور ڪندو تڏهن ڪو به اهڙو انسان نه هوندو جنهن کي امام عليه السلام سجاٽي نه سگهي ته هيءُ نيڪ انسان آهي يا فاسق ۽ بدڪردار؟[2]

---

١. غيبة نعماني، صفحو٣٠٨؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٢٣؛ ارشاد، صفحو٢٧٥.

٢. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦١٨؛ خرائج وجرايح، جلد٢، صفحو٩٣٠؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٣.

معاويہ ڏهني چوي ٿو تہ: حضرت امام صادق عليه‌السلام آيت مجرمين جنهن ۾ آهي تہ اهي پنهنجي چهرن مان سڃاتا ويندا ۽ پوءِ کين جُنڊن ۽ پيرن مان پڪڙيو ويندو؛ (يعرف المجرمون بسيماهم فيؤخذ بالنواصی و الاقدام)[1] جي باري ۾ مون کان سوال ڪيو تہ: اي معاويہ! ان سلسلي ۾ ٻيا ماڻهو ڇا ٿا چون؟ مون چيو تہ: انهن جو خيال آهي تہ الله پاڪ قيامت واري ڏاڻي گنهگارن کي انهن جي شڪل مان سڃاڻيندو، ۽ انهن کي وارن ۽ پيرن کان پڪڙي جهنم ۾ اڇلائيندو، امام عليه‌السلام فرمايو تہ: الله کي ڪهڙي ضرورت آهي جو انهن کي سندن شڪلن مان سڃاڻي جڏهن تہ الله پاڪ پاڻ انهن کي پيدا ڪيو آهي. مون چيو تہ: پوءِ ان آيت جي معنيٰ ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: جڏهن حضرت قائم (عج) ظهور ڪندا تہ الله پاڪ کين چهرا سڃاڻڻ جو علم ڏيندو ۽ حضرت قائم عليه‌السلام حڪم ڏيندا تہ ڪافرن کي وارن ۽ پيرن کان پڪڙي مٿن سخت ضرب لڳائي وجي.[2]

---

١. سورت الرحمٰن، آيت٤١.

٢. اختصاص، صفحو٣٠٤؛ نعماني غيبة، صفحو١٢٨؛ بصائرالدرجات، صفحو٣٦٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٢١؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٤٣١؛ المحجہ، صفحو٢١٧؛ ينابيع المودة، صفحو٤٢٩.

ڪرامتون

١: پڪي جوڳالهائڻ

حضرت علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: حضرت مهدي عليه السلام رستي ۾ هڪ حسني سيد سان ملاقات ڪندو جنهن وٽ هزارنهن هزار سپاهين جو لشڪر هوندو اهو حسني سيد اعتراض ڪندو ۽ پنهنجي پاڻ کي رهبريءَ جو وڏيڪ حقدار سمجهندو، حضرت ان جي جواب ۾ چوندو تہ: "آءٌ مهدي آهيان" سيّد حسني، امام عليه السلام کي چوندو تہ: چا توهان وٽ ڪا علامت يا نشاني آهي تہ مان بہ توهان جي بيعت ڪيان؟ پاڻ آسمان تي اُڏامندڙ پکيءَ جي طرف اشارو ڪندا تہ اهو پکي هيٺ لهي ايندو ۽ سندن هٿن تي ويهي خدا جي قدرت سان ڳالهائندو ۽ سندن امامت جي گواهي ڏيندو. ان حسني سيد کي وڏيڪ خاطري ڏيارڻ لاءِ امام عليه السلام جن سُڪل ڪاني کي زمين ۾ لڳائيندا تہ اها سائي ٿي ويندي ۽ ان جون ٽاريون ۽ پن نڪري ايندا ۽ پوءِ پٿر جي هڪ ٽڪڙي کي زمين تان ڪٽي ٿوري زور ڏيڻ کان پوءِ ذرا ذرا ڪري ان کي ڳوهيل اٿي جيان نرم ڪري ڇڏيندا.

سيّد حسني اُهي سڀ ڪرامتون ڏسڻ کان پوءِ مٿن ايمان آڻيندو ۽ پنهنجي تمام فوج سان گڏ امام عليه السلام جي سامهون سر جهڪائي سندن

پيروڪار ٿي ويندو، امام عليه السلام ان کي هر فوج جي پهرئين ٽولي جو ڪمانڊر بڻائيندو.[١]

٢ : زمين مان غذا حاصل ڪرڻ

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جڏهن حضرت قائم عليه السلام ظهور ڪندو تہ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جو پرچم، حضرت سليمان عليه السلام جي منڊي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي لٺ (عصا) ۽ پٿر ان سان گڏ هوندا، پوءِ سندن حڪم سان سپاهين ۾ اعلان ٿيندو تہ ڪو بہ پنهنجي ڪاڏي پيتي ۽ جانورن جي ڪاڏي پيتي جو انتظام نہ ڪري، ڪجهہ ماڻهو پنهنجن ساٿين کي چوندا تہ: هو اسان کي ۽ اسان جي سوارين کي بکيو ۽ پياسو مارڻ چاهي ٿو، پهرئين مقام تي پهچندي ئي امام عليه السلام جن زمين ۾ پٿر نصب ڪندا، تہ فوج جي ڪاڏي پيتي ۽ جانورن جي گاهہ جو انتظام ٿي ويندو، نجف اشرف پهچڻ تائين ان مان ئي فائدو حاصل ڪندا رهندا.[٢]

٣ : طيّ الارض ۽ پاڇولي جو نہ هجڻ

حضرت امام رضا عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جڏهن حضرت مهدي عليه السلام ظهور ڪندا تڏهن زمين الله جي نور سان روشن ٿي ويندي ۽ حضرت

---

١. عقدالدرر، صفحو٩٧، ١٣٨ ۽ ١٣٩؛ القول المختصر، صفحو١٩؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٣٢١.

٢. ڪمال الدين، صفحو٦٧٠؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥١؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٢.

مهديعليه‌السلام جي قدمن جي هيٺان تيزي سان اڳتي وڌندي جنهن جي ڪري پاڻ تيزيءَ سان رستي جو سفر پورو ڪندا ۽ سندن پاڇو(سايو) نه هوندو.[١]

۴ : سفر جو ذريعو

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن "سوره" نالي هڪ شخص کي فرمايو ته: ذوالقرنين کي اختيار ڏنو ويو ته هو نرم ۽ سخت بن بادلن مان ڪنهن هڪ کي انتخاب ڪري، ان نرم بادل کي انتخاب ڪيو ۽ سخت بادل حضرت صاحب الامر جي لاءِ ذخيري طور رهجي ويو، سوره پڇيو ته: سخت بادل ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: جن بادلن ۾ گجگوڙ ۽ ڪِنوَرُ هوندي آهي. صاحب الامر ان تي سوار هوندا ۽ ان جي ذريعي آسمان جي بلندي جي طرف ويندا ۽ ستن آسمانن ۽ زمين جو سفر پورو ڪندا. انهن ستن زمينن منجهان پنج زمينون آباد آهن ۽ ٻه زمينون ويران آهن.[٢]

---

١. ڪمال الدين، صفحو٦٨٠؛ ڪفاية الاثر، صفحو٣٢٣؛ اعلام الوري، صفحو٤٠٨؛ ڪشف الغمه، جلد٣، صفحو٣١٤؛ ينابيع المودة، صفحو٤٨٩؛ نورالثقلين، جلد٤، صفحو٤٨؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو٥٧.

٢. اختصاص مفيد، صفحو١٩٩؛ بصائرالدرجات، صفحو٤٠٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٢١.

۵ : زماني جي رفتار ۾ سُستي

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جڏهن امام مهدي عليه السلام ظهور ڪندا تہ ڪوفي جي طرف حرڪت ڪندا پوءِ اُتي ست سال حڪومت ڪندا، جنهن جو هر سال ڏهن سالن جي برابر هوندو. انهي کان پوءِ جيڪو الله پاڪ چاهيندو اهو ئي انجام ڏيندا.[1]

٦ : تڪبير جي طاقت

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ: حضرت مهدي عليه السلام قسطنطنيہ جي سامهون لهندو ان وقت ان قلعي کي ست پٽيون هونديون، پاڻ ست تڪبيرون چوندو تہ پٽيون زمين ۾ دٻجي ويندیون، ۽ گهٽن ئي رومين جي قتل کان پوءِ اها جڳهہ سندن استعمال ۾ اچي ويندي ۽ اهو ٽولو اسلام قبول ڪندو.[2]

٦ : پاڻي جي مٿان گذرڻ

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: منهنجي والد گرامي فرمايو: جڏهن حضرت مهدي عليه السلام قيام ڪندا تہ سپاهين کي قسطنطنيہ شهر تائين روانو ڪندا ايستائين جو اُهي سپاهي خليج تائين پهچي ويندا، ۽ اُهي پنهنجي پيرن (قدمن) تي هڪ جملو لکندا ۽ پاڻي جي

---

١. ارشاد مفيد، صفحو٣٦٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٨؛ الشيعہ و الرجعة، جلد١، صفحو.٤٠٠

٢. عقد الدرر، صفحو١٣٨.

مٽان گذري ويندا ۽ جڏهن رومي انهيءَ عظمت ۽ معجزي کي ڏسندا، هڪ ٻئي کي چوندا تہ امام زمانہ عليه السلام جا سپاهي اهڙا آهن تہ پاڻ کيڏو نہ صاحب ڪرامت هوندو! اهڙي طرح اُهي دروازا کولي ڇڏيندا ۽ لشکر شهر ۾ داخل ٿي ويندو، ۽ امام عليه السلام جن اُتي حڪومت ڪندا.[1]

٨ : مريضن کي شفا

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: حضرت مهدي عليه السلام پرچمن کي لُڏائي معجزا ظاهر ڪندو، الله پاڪ جي اجازت سان شين کي نابودي (عدم) مان وجود ۾ آڻيندو ۽ ڦٽ ڦُرڙي جي مريضن کي شفا ڏيندو.[2]

٩ : هٿ ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جي عصا

حضرت امام محمّد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

حضرت موسىٰ عليه السلام جي عصا پهريان حضرت آدم عليه السلام وٽ هئي جيڪا منتقل ٿيندي حضرت شعيب تائين پهتي، ان کان پوءِ موسىٰ بن عمران عليه السلام جي حوالي ڪئي ويئي، اها ئي عصا هينئر مون وٽ آهي اها عصا اجا تائين سائي آهي جڏ تہ انهيءَ کي تازو وڻ مان وڍيو ويو آهي...جڏهن ان عصا کان سوال ڪيو وجي تہ تہ اها ڳالهائي ٿي آخر ۾ اها حضرت مهدي عليه السلام وٽ هوندي ۽ جيڪو ڪم انهيءَ کان حضرت

---

١. غيبة النعماني، صفحو١٥٩؛ دلائل الامامہ، صفحو٢٤٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٥.
٢. الشيعہ و الرجعة، جلد١، صفحو١٢٩.

موسيٰ ونندو هو اهو ئي ڪم حضرت قائمعليه‌السلام جن بہ ونندا. ان عصا کي جيڪو حڪم ڏنو ويندو آهي اها ائين ئي ڪندي آهي ۽ ان کي جتي بہ اڇلايو ويندو تہ اها جادو کي ڳڙڪائي ويندي.[١]

١٠: بادل جي ندا

حضرت امام صادقعليه‌السلام فرمائن ٿا تہ: حضرت مهديعليه‌السلام آخري زماني ۾ ظهور ڪندا، سندن سر مبارڪ تي هڪ بادل هوندو جيڪو ساڻن گڏ گڏ حرڪت ڪندو تہ جيئن کين سڄ جي تپش کان محفوظ رکي ۽ وڏي آواز ۾ ندا ڏيندو تہ "هيءُ مهديعليه‌السلام آهي".[٢]

١. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦٧٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣١٨؛ ڪافي، جلد١، صفحو٢٣٢.

٢. تاريخ مواليد آئمہ، جلد٢، صفحو٦٧٣؛ ڪشف الغمہ، جلد٣، صفحو٢٦٥؛ بحارانوار، جلد٥١، صفحو٣٤٠.

باب ٽيون

امام عليه السلام جا سپاهي

امام مهدي عليه السلام جي سپاهين جو تعلق مختلف قومن ۽ ملڪن سان هوندو، ۽ قيام جي وقت انهن کي خاص انداز ۾ دعوت ڏني ويندي جيڪي ماڻهو پهرين کان ئي ڪماندر مقرر ڪيا ويا هوندا، لشڪر جي رهنمائي ۽ جنگ جا طريقا سيکارڻ جي ذميواري سنيالينداء جيڪي سپاهي امام عليه السلام جي لشڪر ۾ خاص شرطن سان داخل ڪيا ويندا اُهي پاڻ ئي ڪجهه خاصيتن جا مالڪ هوندا.

الف) لشڪر جا سپهه سالار

روايتن ۾ اهڙن ماڻهن جا نالا موجود آهن جيڪي يا تہ فوجي مشقون ڪرائيندا يا انهن جي سالاري ڪندا، ۽ انهن جا نالا هن ريت آهن:

١ : حضرت عيسىٰ عليه السلام

اميرالمؤمنين حضرت علي عليه السلام هڪ خطبي ۾ فرمائن ٿا تہ:

دجال اهو آهي جيڪو پوري دنيا تي قبضو ڪري وٺندو ۽ پوءِ انساني نسل کي پنهنجي طرف دعوت ڏيندو، جيڪو قبول ڪندو انهيءَ تي ان جي خاص عنايت هوندي جيڪو انڪار ڪندو انهيءَ کي قتل ڪري ڇڏيندو. مڪي، مديني ۽ بيت المقدس کان سواءِ باقي پوري

دنيا تباھ برباد ڪري ڇڏيندو، ۽ جيترو بہ ناجائز اولاد ھوندو اُھو ان جي لشڪر سان گڏجي ويندو... اُن وقت امام مهدي عليه السلام دجال تي حملي ڪرڻ لاءِ حضرت عيسىٰ عليه السلام کي پنھنجو جانشين بڻائيندو ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام اُن کي جھنم حوالي ڪرڻ لاءِ ان جي تلاش ۾ نڪرندو... حضرت عيسىٰ عليه السلام جي صفتن ۾ آھي تہ جڏھن دشمن ان کي ڏسندو تہ موت کي ياد ڪرڻ لڳندو، جڏ تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام ان کي قتل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آھي.[1]

٢ : شعيب بن صالح عليه السلام

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: سُفياني ۽ ڪاري پرچم وارا ھڪ ٻئي جي سامھون ٿيندا، جڏھن تہ ڪاري پرچم وارن جي درميان بني ھاشم منجھان ھڪ نوجوان ھوندو جنھن جي ڪابي ھٿ تي ڪارو نشان ھوندو ۽ لشڪر جي اڳيان اڳيان بني تميم قبيلي منجھان شعيب بن صالح ھوندو.[2]

حضرت عمار ياسر فرمائي ٿو تہ: شعيب بن صالح امام مهدي عليه السلام جو علمدار آھي.[3]

---

١. فتن ابن حماد، صفحو١٦١.
٢. فتن بن حماد، صفحو١٨٦؛ عقدالدرر، صفحو١٢٧؛ كنزالعمال، جلد١٤، صفحو٥٨٨.
٣. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٥٣؛ الشيعة و الرجعة، جلد١، صفحو٢١١.

٣ : اسماعيل بن امام صادق عليه السلام ۽ عبدالله بن شريڪ

ابو خديجہ چوي ٿو تہ: امام جعفر صادق عليه السلام فرمايو تہ: مون الله پاڪ کان چاهيو تہ منهنجي جڳهہ تي (منهنجي فرزند) اسماعيل کي قرار ڏئي، پر الله پاڪ کيس ان جي عيوض هڪ ٻيو مقام عطا ڪيو. هو انهن ڏهن صحابين منجهان پهريون صحابي آهي جيڪي حضرت قائم عليه السلام جي ظهور جي وقت ساٺن ڪڏ هوندا ۽ عبدالله بن شريڪ بہ انهن ڏهن ماڻهن منجهان هڪ آهي جيڪو انهن جو پرچمدار هوندو.[١]

٤ : عقيل ۽ حارث

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

حضرت مهدي عليه السلام لشڪر کي وني روانو ٿيندا ايستائين جو عراق ۾ داخل ٿي ويندا، جڏهن تہ سپاهي اڳيان اڳيان ۽ پاڻ پويان پويان حرڪت ڪري رهيا هوندا، اڳين لشڪر جو سالار عقيل نالي شخص هوندو ۽ پوئين لشڪر جو سالار حارث نالي هڪ شخص هوندو.[٢]

٥ : جبير بن خابور

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام، اميرالمؤمنين عليه السلام کان نقل ڪن ٿا پاڻ عليه السلام فرمايائون تہ: هي شخص (جبير) جبل الاهواز تي چار هزار جي

---

١. الايقاظ من الهجعہ، صفحو٢٦٦؛ ڪشي اختيار معرفة الرجال، صفحو٢١٧؛ ابن داؤد، رجال، صفحو٢٠٦.
٢. الشيعہ و الرجعة، جلد١، صفحو١٥٨.

لشڪر سان گڏ تلوار هٿ ۾ ڪري اسان اهلبيت عليهم السلام جي قائم جي ظهور جو انتظار ڪري رهيو هوندو پوءِ امام عليه السلام سان گڏجي سندن دشمنن سان جنگ ڪندو.[١]

٦ : مفضّل بن عمر

حضرت امام صادق عليه السلام جن مفضّل کي فرمايو تہ: تون ٻين ٤٤ ماڻهن سان گڏ حضرت قائم عليه السلام جي همراهي ۾ هوندين، تون سندن ساڃي طرف امر ۽ نهي ڪندين ۽ ان زماني جا ماڻهو اڄ جي ماڻهن کان وڌيڪ تنهنجي اطاعت ڪندا.[٢]

٧ : اصحاب ڪهف

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: اصحاب ڪهف ٻہ حضرت مهدي عليه السلام جي مدد لاءِ ايندا.[٣]

---

١. خرائج، جلد١، صفحو١٨٥؛ بحارالانوار، جلد٤١، صفحو٢٦٩.
٢. دلائل الامامہ، صفحو٢٤٨؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٧٣.
٣. الهدايہ حصيني، صفحو٣١؛ ارشاد القلوب، صفحو٢٨٦؛ حلية الابرار، جلد٢، صفحو٦٠١.

ب) سپاهين جي قوميت

١ : ايراني

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

سياھ پرچم واري فوج جيڪا خراسان کان قيام ڪندي اھا ڪوفي اچي ويندي ۽ جڏھن حضرت مهدي عليه السلام مڪي شھر ۾ ظھور ڪندا تہ اُھا فوج سندن بيعت ڪندي.[١]

جيتوڻيڪ عجم غير عرب کي چيو ويندو آھي ليڪن يقيني طور تي ايرانين کي بہ شامل آھي، ٻين روايتن جي مطابق ظھور کان پھرين ۽ قيام جي وقت قيام لاءِ راھ ھموار ڪرڻ لاءِ ايرانين جو تمام وڏو ڪردار رھندو ۽ وڏي انگ ۾ جنگ لاءِ تيار ھوندا.

حضرت علي عليه السلام جي ھڪ خطبي ۾ امام مهدي عليه السلام جي مددگارن جا نالا شھرن سان ذڪر ٿيا آھن.

قم

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام قم جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ:

قم پاڪ ۽ مقدس شھر آھي ڇا توھان کي خبر ناھي تہ اُھي ماڻھو اسان جي قائم عليه السلام جا مددگار ۽ حق جي دعوت ڏيڻ وارا آھن؟[٢]

---

١. فتن ابن حماد، صفحو٨٥؛ عقدالدرر، صفحو١٢٩؛ الحاوي للفتاوی، جلد٢، صفحو٦٩.
٢. بحارالانوار، جلد٦٠، صفحو٢١٨

خراسان

اميرالمؤمنين حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ت:

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان آهي ت خراسان ۾ اهڙا خزانا آهن جيڪي سون ۽ چانديءَ جا ناهن، بلڪ اهڙا ماڻهو آهن جن جو الله ۽ ان جي رسول صلى الله عليه وآله وسلم تي عقيدو انهن کي هڪ جڳهه تي جمع ڪندو.[1]

شايد انهيءَ منجهان مراد هي هجي ت اُهي ماڻهو خدا ۽ رسول صلى الله عليه وآله وسلم تي عقيدي ۾ ڪنديل هوندا يا هي ت الله پاڪ انهن سيني کي هڪ ڏينهن مکي ۾ هڪ ئي جڳهه تي گڏ ڪندو.

طالقان

حضرت علي عليه السلام فرمائن ٿا ت: طالقان وارن جي لاءِ خوشخبري آهي انهي لاءِ ت الله پاڪ جو اُتي سون ۽ چاندي کان علاوه خزانو آهي، يعني اُتي مؤمن آهن جيڪي الله پاڪ کي حق سان سجاڻين ٿا ۽ اُهي ئي ماڻهو آخري زماني ۾ حضرت مهدي عليه السلام جا مددگار هوندا.[2]

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٤٧؛ روضة الواعظين، صفحو٣١٠؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٠٤.

٢. كشف الغمه، جلد٣، صفحو٢٦٨؛ كنزالعمال، جلد١٤، صفحو٥٩١؛ ينابيع المودة، صفحو٩١.

٢ : عرب

حضرت مهدي عليه السلام سان قيام جي باري ۾ عربن جي متعلق بن طريقن جون روايتون آهن، ڪجهه حضرت مهدي عليه السلام جي انقلاب ۾ انهن جي شريڪ نه ٿيڻ تي دلالت ڪن ٿيون ۽ ڪجهه عرب ملڪن جي ڪجهه شهرن جو نالو ٻڌائين ٿيون ته اُتان جا ڪجهه ماڻهو حضرت قائم عليه السلام جي حمايت ۾ قيام ڪندا.

جيڪي روايتون عربن جي شرڪت نه ڪرڻ جو ثبوت پيش ڪن ٿيون، جيڪڏهن انهن جي سند صحيح به هجي تڏهن به انهن جون مختلف معنائون ٿي سگهن ٿيون، انهي لاءِ ته ممڪن آهي ته حضرت قائم عليه السلام جي شروعاتي قيام ۾ خاص سپاهين ۾ عرب شامل نه هجن جيئن ته شيخ حرّ عاملي قدس سره پنهنجي ڪتاب اثبات الهداة ۾ اهڙي ئي تشريح ڪري چُڪا آهن ۽ جيڪي عرب شهرن جا روايتن ۾ نالا ٻُڌايا ويا آهن ممڪن آهي اُتان غيرعرب سپاهي حضرت مهدي عليه السلام جي مدد لاءِ اچن نه اُهي ماڻهو جيڪي اصلي عرب آهن يا هي ته انهي مان مراد عرب حڪومتون آهن.

مختلف دينن جا پيروڪار

مفضّل بن عمر چوي ٿو ته امام جعفر صادق عليه السلام فرمايو ته: جڏهن قائم آل محمد عليه السلام قيام ڪندو ته ڪجهه ماڻهو ڪعبي جي پويان ظاهر ٿيندا جيڪي هن ريت آهن: موسىٰ عليه السلام جي قوم منجهان ١٢٧ ماڻهو

جيڪي حق جو فيصلو ڪندا، ۷ ماڻهو اصحاب ڪهف منجهان، يوشع جناب موسىٰ جو وصي ۽ مؤمن آل فرعون.[١]

امام جعفر صادق عليه السلام هن آيت (ومن الذين قالوا انا نصارى اخذنا ميثاقهم فنسوا حظاً مما ذكروا به)[٢] جي باري ۾ فرمائن ٿا ته: نصارا هن رستي ۽ طريقي کي ياد ڪندا ۽ انهن منجهان هڪ تولو حضرت قائم عليه السلام سان گڏجي ويندو.[٣]

۴ : جابلقا ۽ جابرسا

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

الله پاڪ جو اوپر ۾ "جابلقا" نالي هڪ شهر آهي، جنهن ۾ ٻارنهن هزار سونا دروازا آهن، هڪ دروازي کان ٻئي دروازي تائين جو فاصلو هڪ فرسخ آهي. هر دروازي تي هڪ مينار آهي جنهن ۾ ٻارنهن هزار سپاهين تي مشتمل هڪ لشکر رهي ٿو. اهو لشکر پنهنجي پوري جنگ جي سامان سان تيار بينل آهي، حضرت قائم عليه السلام جي ظهور جو انتظار ڪري رهيا آهن، اهڙي طرح اولهه ۾ (انهن تمام خوبين ۽ خاصيتن سان) الله پاڪ جو "جابرسا" نالي هڪ شهر آهي.[٤]

---

١. روضة الواعظين، جلد٢، صفحو٢٦٦.

٢. سورت مائده، آيت١٤.

٣. كافي، جلد٥، صفحو٣٥٢؛ التهذيب، جلد٧، صفحو٤٠٥؛ وسائل الشيعه، جلد١٤، صفحو٥٦.

٤. بحارالانوار، جلد ٥٤، صفحو٣٣٤ ۽ جلد٢٦، صفحو٤٧.

ج) سپاهين جو تعداد

حضرت مهدي عليه السلام جي لشڪر ۾ سندن ساٿين جي تعداد جي سلسلي ۾ مختلف روايتون موجود آهن، ڪجهه روايتون ٣١٣ جو تعداد ٻڌائين ٿيون، ڪجهه ڏهه هزار ۾ ڪجهه انهيءَ کان به وڌيڪ ٻُڌائين ٿيون، هتي به نُڪتا قابل غور آهن.

الف) ٣١٣ ماڻهو: هي امام عليه السلام جا خاص سپاهي هوندا جيڪي قيام جي شروعات ۾ ساڻن گڏ هوندا ۽ هي ماڻهو امام زمانه عليه السلام جي عالمي حڪومت ۾ خدمتگذارن منجهان هوندا، جيڪي حڪومت جي ڪمن جي ذميواري سنڀالينداً. (يعني وزير، ۽ سفير وغيره....)

ب) چار هزار يا ڏهه هزار: جهڙي طرح ڪجهه روايتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ هي تعداد به امام مهدي عليه السلام جي پوري فوج جو تعداد ناهي، بلڪ جهڙي طرح روايتن مان پروڙ پوي ٿي ته انهن مان هرهڪ تعداد ان فوجين جي نشاندهي ڪري رهيو آهي جيڪي ظهور جي وقت يا ڪنهن جنگ جي موقعي تي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شريڪ ٿيندڙيون، ٿي سگهي ٿو انهيءَ کان علاوه ڪو ٻيو مطلب هجي جنهن کي اسين نه ٿا سمجهون جيڪو حضرت قائم عليه السلام جي ظهور جي وقت پڌرو ٿيندو.

١ : خاص فوجي

حضرت امام زين العابدين عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جيڪي ماڻهو حضرت قائم عليه السلام جي مدد لاءِ تيار رهندا انهن جو تعداد ٣١٣ جنگ بدر وارو هوندو ۽ اُهي ٻئي ڏينهن مڪي ۾ گڏ ٿيندا.[١]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام اهل بدر جي تعداد ۾ پنهنجي ٣١٣ ساٿين سان گڏ بغير ڪنهن اطلاع ۽ واعدي جي ظاهر ٿي ويندا، جڏهن تہ اُهي بهار جي بادل وانگر آهن، اُهي ماڻهو ڏينهن جو شينهن ۽ رات جو راز و نياز ڪرڻ وارا آهن.[٢]

٢ : امام مهدي عليه السلام جي فوج

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن هزار ۽ وڌ ۾ وڌ پندرنهن هزار جي لشڪر سان گڏ ظهور ڪندو، سندن فوجي طاقت جي هيبت ۽ دٻدٻو سپاهين جي اڳيان اڳيان هوندو، ڪوبہ دشمن انهن جي سامهون اچڻ جي جرئت نہ ڪندو، جيڪڏهن سامهون آيو تہ شڪست کائيندو،

---

١. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦٥٤؛ تفسير نورالثقلين، جلد١، صفحو١٣٩؛ بحارالانوار، جلد٥٤، صفحو٣٢٣.

٢. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٦٤؛ الفتاوىٰ الحديثيہ

رسول خداﷺ ۽ حضرت قائمعليه‌السلام جا سپاهي خدا جي راھ ۾ ڪنهن جي ملامت جي پرواھ نہ ڪندا.[١]

٣ : حفاظتي گارد

ھڪ روايت جي مطابق امام مهديعليه‌السلام جي حفاظت ڪندڙن جو تعداد ٣٦ هزار آهي ۽ بيت المقدس تائين ختم ٿيڻ واري هر رستي تي ٻارنهن هزار فوجي مقرر هوندا.[٢]

و) سپاهين جو ميڙ (اجتماع)

امام مهديعليه‌السلام جو لشڪر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان وٽن اچي گڏ ٿيندو، امامعليه‌السلام جي سپاهين جو قيام ۽ مڪي ۾ انهن جي گڏ ٿيڻ جي باري ۾ مختلف روايتون آهن، ڪجھ ماڻھو رات جو بستر تي سمهندا تہ صبح جو پاڻ کي امامعليه‌السلام وٽ حاضر ڏسندا ۽ ڪجھ طيّ الارض يعني(گھٽ وقت ۾ وڏي سفر ڪرڻ) جي ذريعي امامعليه‌السلام سان وڃي ملندا ۽ ڪجھ ماڻھو قيام کان آگاھ ٿيڻ کان پوءِ بادلن جي ذريعي امامعليه‌السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا.

---

١. ابن طاؤس، ملاحم، صفحو٦٥
٢. ابن حماد، فتن، صفحو١٠٢؛ عقدالدرر، صفحو١٤٣.

حضرت امام رضاعليه‌السلام جن فرمائن ٿا ٿر:

خدا جو قسم! جڏهن اسان جو قائم (عج) قيام ڪندو تڏهن الله پاڪ تمام شهرن مان شيعن کي ان جي ويجهو ڪري چڏيندو.[١]

حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام جن فرمائن ٿا ٿر:

جنهن وقت شيعہ نوجوان چتن تي ستل هوندا ٿر اوچتو هڪ رات بغير ڪنهن ٻول، قول ۽ اطلاع جي ٿولن جي صورت ۾ امامعليه‌السلام وٽ پيش ڪيا ويندا ۽ صبح جو امامعليه‌السلام وٽ گڏ ٿيندا .[٢]

ه) سپاهين جي انتخاب جون شرطون ۽ امتحان

اميرالمؤمنين حضرت امام عليعليه‌السلام جن فرمائن ٿا ٿر:

حضرت امام مهديعليه‌السلام مڪي ۾ صفا نالي جبل جي طرف هلندا ٿر سندن انصار ٻہ ٻويان ٻويان ويندا اُتي انهن سان مخاطب ٿي فرمائيندا ٿر: آءٌ توهان سان هنن شرطن تي قول ۽ اقرار ڪيان ٿو:

١ : جنگ جي ميدان مان فرار نہ ڪندؤ.

٢ : چوري نہ ڪندؤ.

٣ : ناجائز ڪم نہ ڪندؤ.

٤ : حرام ڪم نہ ڪندؤ.

---

١. مجمع البيان، جلد١، صفحو٢٣١؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٢٤؛ نورالثقلين، جلد١، صفحو١٤٠.

٢. نعماني غيبة، صفحو٣١٦؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو١٩٨؛ بشارة الاسلام، صفحو١٩٨.

٥ : خراب ۽ نامناسب عمل انجام نہ ڏيندؤ.

٦ : ڪنهن کي ناحق نہ ماريندؤ.

٧ : سون ۽ چاندي گڏ نہ ڪندؤ.

٨ : جَوَ ۽ ڪٹڪ گڏ نہ ڪندؤ.

٩ : ڪنهن مسجد کي خراب نہ ڪندؤ.

١٠ : ناحق گواهي نہ ڏيندؤ.

١١ : ڪنهن مؤمن کي ذليل ۽ خوار نہ ڪندؤ.

١٢ : وياج نہ کائيندؤ.

١٣ : سختين ۽ مشڪلاتن ۾ ثابت قدم رهندؤ.

١٤ : خدا پرست انسان تي لعنت نہ ڪندؤ.

١٥ : شراب نہ پيئندؤ.

١٦ : سون مان ٺهيل لباس نہ پائيندؤ.

١٧ : سِٹي ۽ ريشم جو لباس نہ پائيندؤ.

١٨ : پڇي وڇڻ واري جو پيڇو نہ ڪندؤ.

١٩ : بيگناهه جو خون نہ وهائيندؤ.

٢٠ : ڪافر ۽ منافق تي خرچ نہ ڪندؤ.

٢١ : ناجائز لباس نہ پائيندؤ.

٢٢ : مٹي کي پنهنجو تڪيو بٹائيندؤ(شايد ان جي معنيٰ هي هجي تہ نوڙت ۽ خاڪسار ٿي رهندؤ)

٢٣ : ناپسند ڪمن کان پرهيز ڪندؤ.

٢٤ : نيڪي جو حڪم ڏيندؤ ۽ برائي کان روڪيندؤ.

امام عليه‌السلام کي اصحاب چوندا تہ جيڪو ڪجھ اوھان فرمايو ان تي راضي آھيون ۽ اوھان جي بيعت ڪرڻ لاءِ تيار آھيون، ان وقت امام عليه‌السلام بيعت جي طور تي ھر ھڪ سان ھٿ ملائيندو.[١]

مگر اھو خيال رکڻ گھرجي تہ امام عليه‌السلام جن ھي شرطون ۽ امتحان پنھنجي خاص فوج جي لاءِ مقرر ڪري رکيا آھن. ان ڪري جو امام عليه‌السلام جي حڪومت جي خدمتگارن ۾ اُھي ماڻھو ھوندا جيڪي پنھنجي نيڪ ڪردار سان دنيا ۾ عدالت برقرار ڪرڻ لاءِ بھترين قدم کڻندا.

مخفي نہ رھي تہ ھن روايت جي سند ۾ غور ۽ فڪر جي ضرورت آھي ان ڪري جو ھن کي "خطبة البيان" مان کنيو ويو آھي جنھن کي اڪثر علمائن ردّ ڪيو آھي جيتوڻيڪ ڪجھ علمائن ھن روايت جو دفاع بہ ڪيو آھي.[٢]

---

١. الشيعة و الرجعة، جلد١، صفحو١٥٧؛ عقدالدرر، صفحو٩٦.
٢. الشيعة و الرجعة، جلد١، صفحو١٥٧؛ طوالع الانوار، صفحو١٧٤.

و) سپاهين جون خاصيتون

١ : عبادت ۽ پرهيزگاري

امام جعفر صادق عليه السلام جن، امام مهدي عليه السلام جي اصحابن جا گُڻ بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ:

اُهي ماڻهو اهڙي طرح شب بيداري ڪن ٿا جو پوري رات قيام جي حالت ۾ عبادت ڪندا آهن، ۽ نماز جي وقت ماکي جي مک وانگر پُٽڪار ڪندا ۽ صبح جي وقت گهوڙن تي سوار ٿي پنهنجي ڏيوتي انجام ڏيڻ ويندا آهن، اُهي ماڻهو رات جا عبادت گذار، پاڪيزه نفس ۽ ڏينهن جا دلير شينهن آهن، خوف خدا ۾ هڪ خاص حالت جا مالڪ آهن، الله پاڪ انهن جي ذريعي امام برحق جي مدد ڪندو.[١]

٢ : امام سان عشق ۽ سندن اطاعت

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

صاحب امر جي لاءِ (ذي طوىٰ) ۾ غيبت آهي ظهور کان ۾ راتيون پهرين امام عليه السلام جو نزديڪي خادم امام عليه السلام جي انصارن سان ملاقات ڪندو ۽ انهن کان پڇندو تہ هتي توهان گهٽا ماڻهو آهيو؟ اُهي چوندا: چاليهہ ماڻهو، پوءِ اهو چوندو: ان وقت توهان جو ڪهڙو حال هوندو جڏهن توهان پنهنجي رهبر کي ڏسندؤ؟ اُهي جواب ڏيندا: خدا جو

---

١. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحه٣٠٨.

قسم! جيڪڏهن هو جبلن تي زندگي گذارينڊو تہ اسان بہ ان سان گڏ هوندا سين ۽ انهي وانگر زندگي گذارينڊا سين.١

٣ : طاقتوربدن ۽ نوجوان

حضرت امام سجادعليه‌السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا:

جڏهن اسان جو قائم (عج) قيام ڪندو تہ الله پاڪ اسان جي شيعن کان ڪمزوري ۽ سستي کي پري ڪري ڇڏيندو ۽ انهن جي دلين کي لوهہ وانگر مضبوط ڪري ڇڏيندو ۽ اهو پڻ تہ انهن منجهان هر هڪ کي چاليهن ماڻهن جي سگهہ عطا ڪندو، اُهي ماڻهو زمين جا حاڪم ۽ سردار هوندا.٢

عبدالملڪ بن اعين چوي ٿو تہ: هڪ ڏينهن آءٌ امام عليه‌السلام جي خدمت ۾ هئس تہ هٿن جو سهارو وني اٿيس ۽ چيم تہ اي ڪاش! امام قائم عليه‌السلام جي ظهور کي جواني ۾ درڪ ڪيان ها! انهي تي امام عليه‌السلام فرمايو تہ: ڇا تنهنجي خوشي لاءِ ايترو ڪافي ناهي آهي تہ توهان جا دشمن پاڻ ۾ هڪبئي کي ماري وجهندا، ليڪن توهان پنهنجي گهرن ۾ محفوظ رهندؤ؟ جڏهن امام عليه‌السلام ظهور ڪندو تہ توهان مان هر هڪ کي چاليهہ مَردن جي طاقت ڏني ويندي ۽ توهان جي دل لوهہ جي ٽڪڑن

---

١. عياشي تفسير، جلد٢، صفحو٥٦؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٤١.

٢.ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦٧٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣١٧ ۽ ٣٧٢؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٤٦.

وانگر مضبوط هوندي، اهڙي طرح توهان زمين جا رهبر اڳواڻ ۽ امين رهندؤ.[١]

۴ : چونڊيل سپاهي

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهديعليه‌السلام جي مددگارن کي ڏسي رهيو آهيان تہ پوري ڪائنات جو گهيرو ڪيو بينا آهن ۽ دنيا جي ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي جيڪا انهن جي فرمانبردار ۽ مطيع نہ هجي زمين جا درندا ۽ شڪاري پکي بہ انهن جي خوشنودي چاهيندا، اُهي ماڻهو ايتري محبوبيت رکندا هوندا جو هڪ زمين ٻي زمين تي فخر ڪندي ۽ چوندي تہ اڄ امام مهديعليه‌السلام جي هڪ چاهڻ واري منهنجي مٿان پنهنجا قدم رکيا آهن.[٢]

۵ : شهادت جا شوقين

حضرت امام جعفر صادقعليه‌السلام جن حضرت امام مهديعليه‌السلام جي مددگارن جي خاصيتن جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ: اُهي ماڻهو خدا جو خوف ۽ شهادت جي آرزو رکن ٿا انهن جي هيءَ خواهش آهي تہ خدا جي راه ۾ قتل ٿي وڃن انهن جو نعرو (اي خون حسين جو بدلو ونڊ

---

١. كافي، جلد٨، صفحو٢٨٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٥.

٢. كمال الدين، جلد٢، صفحو٦٧٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٧.

وارؤ) آهي جڏهن اُهي هلندا تہ هڪ مهيني جي فاصلي کان دشمنن جي دلين ۾ ڊپ ويهجي ويندو. [١]

١. مستدرڪ الوسائل، جلد١١، صفحو١١٤.

باب چوٿون

امام جون جنگيون

جڏهن امام مهدي عليه السلام جو هدف الله واري عالمي حڪومت قائم ڪري ظلم ۽ ظالمن جو خاتمو ڪرڻ آهي تہ ظاهر آهي ان هدف جي پچاڙي ۾ مختلف قسمن جي مشڪلن ۽ رڪاوٽن جو مقابلو ڪرڻو پوندو، جن کي فوجي طاقت جي زور سان ختم ڪري، عدل سان مضبوط الله واري حڪومت قائم ڪندا، ان سلسلي ۾ ڪجهہ روايتون آهن:

الف) شهيدن ۽ مجاهدن جي جزا

حضرت امام محمّد باقر عليه السلام جن پنهنجن شيعن سان مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا تہ: جيڪڏهن توهان اسان جي امر جي اطاعت ڪندا رهو ۽ فتنو ۽ فساد نہ ڪيو تہ اهڙي حال ۾ جيڪڏهن توهان منجهان ڪو ظهور کان پهريان مري وڃي تہ اهو شهيد هوندو ۽ جيڪڏهن امام عليه السلام کي ڏسي ۽ ان سان گڏجي شهادت ماڻي تہ اهو بہ شهيدن جي برابر اجر (ثواب) حاصل ڪندو ۽ جيڪڏهن اسان جي ڪنهن هڪ دشمن کي قتل ڪري تہ پوءِ ٢٠ شهيدن جو اجر حاصل ڪندو.[١]

---

١. طوسي، امالي، جلد١، صفحو٢٣٦؛ بشارة المصطفىٰ، صفحو١١٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٢٩.

حضرت اميرالمؤمنين عليه السلام جن امام مهدي عليه السلام جي شهداء ۽ انهن جي گهروارن سان سلوڪ جي سلسلي ۾ فرمائن ٿا ت: امام قائم(عج) ڪوفي روانا ٿيندا ۽ اُتي پنهنجي رهائشگاه بڻائيندا... ۽ ڪو به شهيد اهڙو نه هوندو جنهن جو قرض امام عليه السلام ادا نه ڪري ۽ ان جي خاندان کي هميشه وظيفو(اجورو) عنايت ڪندو.١

ب) جنگي هٿيار۽ سامان

يقيني طور تي امام عليه السلام جيڪو هٿيار جنگن ۾ استعمال ڪندا اهو ٻين هٿيارن کان بنيادي طور تي جدا هوندو ۽ روايت ۾ سيف لفظ جو استعمال شايد هٿيارن ڏانهن اشارو هجي فقط تلوار مراد ناهي انهيءَ لاءِ ت امام عليه السلام جا هٿيار اهڙي طرح آهن جن جي استعمال سان شهر جون پتيون ڪِري پوندیون يا خاڪ ٻڌجي دونهن ۾ تبديل ٿي ويندیون دفاع جا وسيلا اهڙا هوندا جو دشمنن جا هٿيار ناڪاره (بيڪار) ٿي ويندا.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا ت:

جيڪڏهن امام مهدي عليه السلام جا انصار انهن سپاهين جي آمهون سامهون ٿيندا جيڪي اوير ۽ اولهه ۾ پکڙيل ۽ پنهنجو قبضو جمايو

---

١. عياشي تفسير، جلد٢، صفحو٢٦١؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٢٤.

وينا آهن تہ هڪ گهڙي ۾ انهن کي ختم ڪري ڇڏيندا ۽ دشمنن جا هٿيار انهن تي اثر انداز نہ ٿيندا.١

ج) امام جو انسانيت کي نجات ڏيارڻ لاءِ دنيا تي قبضو

امام مهدي عليه السلام جا فوجي حملا ۽ شهرن ۽ ملڪن تي قبضو ڪرڻ جي باري ۾ بن قسمن جون روايتون موجود آهن ڪجهہ روايتن ۾ اوپر، اولهہ، ڏکڻ ، بلڪ پوري ڪائنات تي قبضي ڪرڻ جي خبر آهي ۽ ڪجهہ روايتون صرف مخصوص زمين تي سوپ ۽ غلبي جي خبر ڏين ٿيون.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ امام عليه السلام پوري ڪائنات کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ونندا، پر ڪجهہ شهرن جا نالا جو ذڪر ٿيا آهن شايد ان لاءِ تہ ان زماني ۾ انهن شهرن جو شمار طاقتور شهرن ۾ هجي.

پهرئين قسم جون روايتون امام مهدي عليه السلام جو پوري دنيا تي قبضي جي باري ۾ هيون جن مان ڪجهہ روايتن جي طرف اشارو ڪجي ٿو.

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

حضرت مهدي (عج) منهنجو فرزند آهي الله پاڪ ان جي ذريعي اوپر ۽ اولهہ کي فتح ڪندو.١

---

١. بصائر الدرجات، صفحو١٤١؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٢٣؛ بحارالانوار، جلد٢٧، صفحو٤١.

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

امام قائم (عج) اسان منجهان آهي سندن حڪومت اوپر ۽ اولهہ کي گهيري ۾ آڻيندي.[٢]

رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام مهديعليه‌السلام ظهور ڪندو تہ الله پاڪ دين کي ان جي اصلي جاءِ ڏانهن موٽائيندو ۽ روشن ڪاميابيون ان جي ذريعي عطا ڪندو، ان وقت زمين تي (لااله الاالله) پڙهڻ وارن مسلمانن کان سواءِ ڪو بہ نہ هوندو.[٣]

ٻئي قسم جون روايتون شهرن کي فتح ڪرڻ جي طرف اشارو ڪن ٿيون اسان ان سلسلي ۾ ڪجهہ روايتون ذڪر ڪريون ٿا:

حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام قائمعليه‌السلام قيام ڪندا تہ هڪ لشڪر کي قسطنطنيہ روانو ڪندا جڏهن اُهي ماڻهو خليج تائين پهچندا تہ پنهنجن پيرن تي هڪ جملو لکندا ۽ پاڻي مان گذري ويندا.[٤]

رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله جن فرمائن ٿا تہ:

---

١. احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢٥٩؛ ينابيع المودة، صفحو٤٨٧؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٧٨.

٢. كمال الدين، جلد١، صفحو٣٣١؛ الفصول المهم، صفحو٢٨٤؛ اسعاف الراغبين، صفحو١٤٠.

٣. عقدالدرر، صفحو٢٢٢؛ فرائد و فوائد الفكر، صفحو٩.

٤. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٥.

جيڪڏهن دنيا جو هڪ ڏينهن ۾ بچندو تہ الله پاڪ منهنجي نسل منجهان هڪ اهڙي شخص کي مبعوث ڪندو جيڪو منهنجو همنام هوندو ۽ ان جي پيشاني چمڪندي هوندي اُهو قسطنطنيہ ۽ جبل ديلم کي فتح ڪندو.[١]

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام قائم (عج) قيام ڪندو تہ قسطنطنيہ، چين.[٢] ۽ ديلم جي جبل کي فتح ڪري ستن سالن تائين حڪومت ڪندو.[٣]

فساد ڪرڻ وارن کي سزا

ڪجهہ شهرن ۽ قبيلن جا ماڻهو امام عليه‌السلام سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اُٺندا، پر سندن لشڪر جي ذريعي شڪست کائيندا ۽ ڪجهہ ذهني مريض ماڻهو امام عليه‌السلام جي ڪجهہ ڳالهين جي نافرماني ۽ بغاوت ڪندا انهن کي ۾ سندن لشڪر جي ذريعي قتل ڪيو ويندو، ان سلسلي ۾ روايتون ڪجهہ هن ريت آهن:

حضرت امام جعفرصادق عليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

---

١. احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢٢٩ ۽ جلد١٩، صفحو٦٦٠.

٢. صين (چين) مشرقي ايشياءَ کي چوندا آهن ۽ سابق سوويت يونين، هند، نيپال، برما، ويٽنام، جاپان ۽ ڪوريا جي درياءَ کي ۾ شامل هوندو آهي(المنجد).

٣. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٩؛ حقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٥٢؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٤٠٠.

تيرنهن١٣ شهر ۾ قبيلا اهڙا آهن جيڪي امام عليه السلام سان جنگ ڪندا ۽ امام عليه السلام انهن سان جنگ ڪندو، اُهي ١٣ شهر ڪجهه هن ريت آهن:

مڪو، مدينو، شام، بني اميه، بصره، دست ميسان، ڪرد، اعراب، بني ضبه، غني، باهلہ، وازد، اهل ري.[١]

رميلہ جي مقام ۾ چڙهائي،ڪاه ۽ ان جي نابودي جي باري ۾ ابن ابي يعفور چوي ٿو ته:

آءٌ امام جعفر صادق عليه السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ڏٺم ته سندن محبن جو هڪ ٽولو موجود هو، امام عليه السلام جن مونکي فرمايو ته: چا تو قرآن پڙهيو آهي؟ مون عرض ڪيو: جي ها! مگر انهي معروف قرائت جي مطابق، پاڻ فرمايائون ته: منهنجي مراد به اُهائي آهي. مون عرض ڪيو: ان سوال جو مطلب چا آهي؟ پاڻ فرمايائون: حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم جي لاءِ ڪجهه بيان ڪيو پر اُهي ان جا اهل نہ هئا ۽ ان جي خلاف مصر ۾ قيام ڪري وينا ته حضرت موسىٰ عليه السلام به انهن سان مقابلو ڪيو ۽ انهن کي قتل ڪري ڇڏيائين.

حضرت عيسىٰ عليه السلام به پنهنجي قوم کي ڪجهه فرمايو ته انهن ماڻهن ان کي برداشت نہ ڪيو ۽ ان جي خلاف تکريت شهر ۾ قيام ڪري وينا جنهن تي عيسىٰ عليه السلام به انهن جي مقابلي ۾ آيو ۽ انهن کي نابود ڪري ڇڏيائين، هي الله پاڪ جي ان قول جي معنىٰ آهي:

---

١. نعماني، غيبة، صفحو٢٩٩؛ بصائرالدرجات، صفحو٣٣٦؛ حلية الابرار، جلد٢، صفحو٦٣٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٣.

﴿فَآمَنَت طَّائِفَةٌ مِّن بَنِي إِسْرَائِيلَ وَكَفَرَت طَّائِفَةٌ فَأَيَّدْنَا الَّذِينَ آمَنُوا عَلَى عَدُوِّهِمْ فَأَصْبَحُوا ظَاهِرِينَ﴾[١] يعني بني اسرائيل جي هڪ ٽولي ايمان آندو ۽ هڪ ٽولو ڪافر ٿي ويو تہ اسان ايمان آڻڻ واري ٽولي جي مدد ڪئي ۽ دشمنن تي ڪاميابي عطا ڪئي.

امام زمان (عج) بہ جڏهن ظهور ڪندا تہ توهان کي اهڙين ڳالهين جو حڪم ڏيندو جن کي توهان برداشت ڪري نہ سگهندؤ انهيءَ ڪري رميلہ شهر ۾ امام عليه السلام جي خلاف قيام ۽ ان سان جنگ ڪندؤ تہ امام عليه السلام بہ توهان جي مقابلي ۾ اچي توهان کي قتل ڪري ڇڏيندو ۽ سندن خلاف اُها آخري چڙهائي ۽ ڪاهہ هوندي.[٢]

ھ) جنگن جو خاتمو

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت برقرار ۽ الله واري نظام جو مضبوط ٿيڻ اهڙي طرح شيطاني طاقتن جي خاتمي سان جنگيون رُڪجي ويندیون پوءِ ڪا بہ اهڙي طاقت نہ هوندي جيڪا امام مهدي عليه السلام جي فوج سان جنگ ڪري. انهي ڪري فوجي هٿيارن جو ڪو بہ خريدار نہ هوندو.

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن دجال جي فتني ۽ ان جي قتل ٿي وڃڻ کان بعد جي صورتحال کي هڪ خطبي ۾ بيان ڪندي فرمايائن ٿا تہ:

---

١. سورت صف، آيت، ١٤.

٢. بصائرالدرجات، صفحو٣٣٦؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٧٥ ۽ جلد٤٧، صفحو٨٤.

ان کان بعد هڪ گهوڙي جي قيمت چند درهم ٿي ويندي.[١]

۽ پاڻ ان کان علاوه فرمائن ٿا تہ: ڪُئون جي قيمت وڌي ويندي ۽ گهوڙي جي قيمت گهٽجي ويندي.[٢]

شايد ان روايت جي تفسير هن ريت هجي تہ جيئن ڪُئون جو گوشت ۽ کير فائديمند هُجڻ جي ڪري ان جو گهٽو استعمال هوندو جڏهن تہ گهوڙن جو استعمال جنگن ۾ گهٽو هوندو آهي ۽ جنگيون ختم ٿي چُڪيون هونديون.

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٥٢.
٢. فتن ابن حماد، صفحو١٥٩؛ ملاحم ابن طاؤس، صفحو٨٢.

باب پنجون

غيبي امداد

ڪجھ روايتن ۾ فرشتا صفت رکندڙ فوج جو ذکر ٿيو آهي تہ اُهي ماڻھو امام عليه السلام جي ظهور جا منتظر ۽ مدد لاءِ تيار آهن، انهن کي تابوت ۽ ان جي اندر موجود شين کي مدد جي ٻي وسيلي جي عنوان سان ذکر ڪيو ويو آهي، هن باب ۾ انهيءَ قسم جي ڪجھ حديثن ڏانهن اشارو ڪنداسين:

الف) ڊپ ۽ دهشت

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

اسان جي قائم عليه السلام جي مدد ڊڊبي، دهشت ۽ خوف جي ذريعي ٿيندي.[1]

۽ حضرت امام صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

اسان جي قائم عليه السلام جي مدد ٽن قسمن جي لشکر سان ٿيندي: فرشتا، مؤمن ۽ دشمنن جي دل ۾ دهشت ۽ ڊپ جو پيدا ٿيڻ.[2]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام جي قدرت جي دهشت سندن سپاهين جي اڳيان ۽ پويان هڪ مهيني جي فاصلي سان ظاهر رهندي.[1]

---

١. مستدرک الوسائل، جلد١٢، صفحو٣٣٥ ۽ جلد١٤، صفحو٣٥٤.
٢. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٢.

ب) فرشتا ۽ جِن

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ت:

الله پاڪ امام مهدي عليه السلام جي مدد فرشتن، جنن ۽ مخلص شيعن جي ذريعي ڪندو.[٢]

ابان بن تغلب نقل ڪري ٿو ت حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمايو ت:

جيئن ت هينئر آءٌ امام قائم عليه السلام کي نجف شهر جي پُڻ تي ڏسي رهيو آهيان جڏهن هو دنيا جي ان نُقطي تي پهچندو ت اچن ٽِکن واري ڪاري گهوڙي تي سوار هوندو (۽ دنيا جي باقي شهرن کي فتح ڪندو) ايستائين جو دنيا ۾ جيڪي به شهر آهن اُهي هي دعوىٰ ڪندا ت امام مهدي عليه السلام انهن جي شهر ۾ انهن جي ئي درميان آهي، ان وقت امام عليه السلام رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جي پرچم کي لهرائيندا ان وقت ڪيترن سالن کان امام عليه السلام جي مدد لاءِ منتظر تيرنهن هزار فرشتا ان پرچم جي هيٺان گڏ ٿي ويندا ۽ جنگ جي لاءِ تيار ٿيندا، هي اُهي فرشتا آهن جيڪي حضرت نوح عليه السلام سان گڏ ٻيڙي ۾، حضرت ابراهيم عليه السلام سان گڏ باهه ۾ ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام سان گڏ آسمان جي طرف اُڏامندا هئا.

اهڙي طرح اُهي چار هزار فرشتا به امام عليه السلام جي مدد لاءِ ايندا جيڪي ڪربلا جي سرزمين تي امام حسين عليه السلام جي رڪاب ۾ جنگ

---

١. ساڳيو، صفحو٣٤٣.
٢. الهدايه حصيني، صفحو٣١؛ ارشاد القلوب، صفحو٢٨٦.

جي لاءِ آيا هئا، مگر انهن کي جنگ جي اجازت نہ ملي تہ آسمان جي طرف روانا ٿي ويا ۽ جڏهن جهاد جي اجازت ونڻي موٽيا تہ امام حسين عليه السلام شهيد ٿي چُڪا هئا، ان عظيم سعادت کان محروم ٿي وڃڻ جي ڪري هميشہ غمگين آهن ۽ قيامت تائين امام حسين عليه السلام جي ضريح جو طواف ڪندي گريو ڪندا رهندا.[1]

ج) زمين جا فرشتا

محمد بن مسلم چوي ٿو تہ: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن کان علمي ميراث جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ:

الله پاڪ جا بہ شهر آهن هڪ اوير ۾ ۽ ٻيو اولهہ ۾، انهن ٻنهي شهرن ۾ رهڻ وارا نہ ابليس کي سجاڻيندا آهن ۽ نہ وري خلقت جي باري علم رکن ٿا هر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ ٻيرو آئڻ انهن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ويندو آهيان تہ اُهي روز مره جي (هر روز پيش اچڻ وارن) مسئلن ۽ دعا جي ڪيفيت جي باري ۾ سوال ڪندا آهن ۽ آئڻ کين اهي مسئلا ۽ دعائون ٻڌائيندو آهيان، اهڙي طرح اُهي ماڻهو امام قائم عليه السلام جي ظهور جي وقت جي باري ۾ بہ سوال ڪندا آهن، اُهي ماڻهو الله پاڪ جي عبادت جو تمام گهڻو شوق رکندا آهن انهن مان

---

١. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦٧٢؛ نعماني غيبة، صفحو٣٠٩؛ ڪامل الزيارات، صفحو١٢٠؛ العددالقويہ، صفحو٧٤؛ مستدرک الوسائل، جلد١٠، صفحو٢٤٥.

ڪجھ ٽولا جنھن ڏينھن ڪان امامعليه‌السلام جي ظھور جا منتظر آھن ان ڏينھن ڪان ڪڏھن ھٿيارن کي زمين تي نہ رکيو اٿن ۽ ھميشہ ڪان انھن جي اُھائي حالت رھي آھي، ھو ھميشہ الله پاڪ کي امام مھديعليه‌السلام جي ظھور جي درخواست ڪندا رھندا آھن... جڏھن امام قائمعليه‌السلام قيام ڪندو تہ اُھي ماڻھو ساڻن گڏ ھوندا ۽ امامعليه‌السلام جي ٻين سپاھين تي برتري ۽ عظمت رکندا، اُھي الله پاڪ کان دعا گھرندا آھن تہ ھو ان جي ذريعي پنھنجي دين جي مدد ڪري... امامعليه‌السلام جيڪڏھن ڪو حڪم ڏيندو اٿن تہ ان تي آخر تائين باقي رھندا آھن مگر ھي تہ پاڻ امامعليه‌السلام کو ٻيو ڪم حوالي ڪري ڇڏينِ...

لوھي ھٿيار ۽ تلوارون انھن وٽ آھن پر دستانا لوھي ناھن؛ جيڪڏھن ڪنھن جبل تي تلوار ھڻندا تہ اُھو ٻہ ٽڪرا ٿي ويندو ۽ ان کي ان جي جاء کان جدا ڪري اُڇلائي ڇڏيندا.

ڪنھن بہ مذھب کي مڃڻ وارن سان جھيڙو ۽ بحث نہ ڪندا مگر پھريان انھن کي اسلام ۽ خدا پرستي، پيغمبر جي نبوت ۽ اسان جي ولايت جي دعوت ڏيندا، پوءِ جيڪو قبول ڪندو ڪيس ڇڏي ڏيندا ۽ جيڪو انڪار ڪندو ان کي قتل ڪري ڇڏيندا، ان کا پوءِ اوپر ۽ اولھ ۾ ڪو بہ اھڙو انسان نہ رھندو جيڪو ايمان نہ آڻي.[١]

---

١. بصائر الدرجات، صفحو١٤٤؛ اثبات الھداة، جلد٣، صفحو٥٢٣؛ تبصره الولي، صفحو٩٧؛ بحارالانوار، جلد٢٧، صفحو٤١ ۽ جلد٥٤، صفحو٣٣٤.

ھ) تابوت موسىٰ عليه السلام

غاية المرام ۾ رسول اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن کان نقل ٿيو آهي تہ: امام قائم عليه السلام جي ظهور جي وقت حضرت عيسىٰ عليه السلام آسمان کان زمين تي ايندا تہ انهاکيہ مان ڪتاب گڏ ڪندا الله پاڪ ﴿ارم ذات العماد﴾.[1] جي رخ تان پردي کي هٽائيندو ۽ حضرت سليمان عليه السلام پنهنجي موت کان پهرين جيڪو محل بٹايو هو ان کي ظاهر ڪري ڇڏيندو، امام عليه السلام محل ۾ موجود سامان کي گڏ ڪري مسلمانن ۾ تقسيم ڪندا ۽ اهو تابوت جنهن لاءِ الله پاڪ (ارميا) کي حڪم ڏنو هو تہ طربستان جي دريا ۾ وجهي ان کي باهر ڪيندا، حضرت موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام جي خاندان جون يادگيريون انهيءَ تابوت ۾ آهن، ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي عصا (لٹ) هارون جي بقا، ۽ اُها غذا جيڪا بني اسرائيل جي لاءِ نازل ٿي هئي اُهي سي طعام جيڪي اڳتي جي لاءِ گڏ ڪري رکندا هئا انهيءَ تابوت ۾ آهن، وري انهي تابوت جي مدد سان شهرن کي فتح ڪندا جيئن تہ ان کان پهرين بہ انهيءَ طرح ٿيندو رهيو آهي.[2]

(ينابيع المودة) ۾ معمولي تبديلي سان گڏ امام مهدي عليه السلام سان ان ڳالهہ جي نسبت ڏني ويئي آهي تہ امام عليه السلام انهاکيہ جي غار مان ڪتاب ڪيندو ۽ حضرت داؤد عليه السلام جي ڪتاب زبور کي طربستان جي

---

١. سورت فجر، آيت٧.
٢. ابن طاؤس، ملاحم، صفحو٦٦؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٨٩ ۽ ٥٤١.

درياء مان ٻاهر ڪيندو، ان ڪتاب ۾ حضرت موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام جي خاندان جون يادگيريون آهن، فرشتا ان کي کڻي بينا هوندا جڏهن ته الواح موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي عصا (لٺ) به ان ۾ هوندي.[١]

١. ينابيع المودة، صفحو٤٠١؛ ابن حماد، فتن، صفحو٩٨؛ ابن طاؤس، ملاحم، صفحو٦٧.

باب ڇهون

دشمنن سان سلوڪ

صدين جي انتظار ۽ رنج برداشت ڪرڻ کان بعد ظلم، ستم ۽ اونداهيءَ جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي خوشحالي جي سج جو نور ظاهر ٿيندو ۽ الله پاڪ جي مدد سان ظلم ۽ ستم جي بنياد کي مٽائڻ لاءِ هڪ باعظمت هستي ظهور ڪندي. انهيءَ دوران جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو، ٽولا يا پارٽيون ان عظيم قيام ۾ مشڪل پيدا ڪن يا رڪاوٽون وجهن ته جيئن قيام جي رفتار کي روڪي سگهن ته اهڙا ماڻهو انسانيت ۽ الله جي دين جا سڀ کان وڏا دشمن شمار ٿيندا ۽ انهن جي سزا امام مهدي عليه السلام جي قدرتمند هٿن سان فنا ۽ نابودي ئي هوندي.

الف) دشمنن جي مقابلي ۾ امام عليه السلام جي ثابت قدمي

امام عليه السلام دشمنن سان رويي ۾ سستيءَ کان ڪم نه وٺندا بلڪ انهن منجهان ڪجهه ماڻهن سان جنگ ڪري نابود ڪندا، فرار ٿيڻ وارن ۽ زخمين جو به پيڇو ڪندا، ڪجهه کي قاسي ڏيندا ۽ انهن جي گهرن کي ويران ڪندا ڪجهه کي جلاوطن ۽ ڪجهه جا هٿ ڪٽي ڇڏيندا.

١ : جنگ ۽ قتل

جناب زراره حضرت امام جعفر صادقعليه‌السلام کان سوال ڪيو ته ڇا امام زمان(عج) جي اُها ئي رفتار هوندي جيڪا رفتار رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله جن جي هئي؟ امامعليه‌السلام جواب ۾ فرمايو ته: هو هرگز نبي اڪرمصلى‌الله‌عليه‌وآله جي طريقن کي دشمنن سان مقابلي ۾ اختيار نه ڪندو حضور پاکصلى‌الله‌عليه‌وآله جن نرميءَ سان پيش ايندا هئا ته جيئن انهن جي دل ڪٽي وجي ۽ ماڻهو ڏانهن رغبت پيدا ڪن مگر امام قائمعليه‌السلام جي روش قتل هوندي ۽ جيڪو دستور ڏنو ويو هوندو انهيءَ جي مطابق سلوڪ ڪندا، ڪنهن جي به توبہ قبول نہ ڪندا، بس هلاڪت آهي ان شخص جي لاءِ جيڪو ان جي مخالفت ڪري.[١]

حسن بن هارون چوي ٿو ته: آءٌ حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام جي خدمت ۾ هئس ته معلىٰ بن خنيس امامعليه‌السلام کان سوال ڪيو ته: ڇا امام قائمعليه‌السلام ظهور جي وقت دشمنن سان مقابلي ۾ حضرت اميرالمؤمنينعليه‌السلام جي روش جي خلاف سلوڪ ڪندا؟ امامعليه‌السلام فرمايو: جي ها حضرت عليعليه‌السلام جن نرم رويو اختيار ڪيو ڇاڪاڻ ته هو ڄاڻندا هئا ته ان کان بعد دشمن ان جي چاهڻ وارن ۽ شيعن تي قابض ٿي ويندا، مگر امام مهديعليه‌السلام جو رويو ان تي غلبو، قبضو ۽

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٣١؛ عقدالدرر، صفحو٢٢٦؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٣٩؛ حلية الابرار، جلد٢، صفحو٦٢٨؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٣.

انهن کي اسير ڪرڻ هوندو ان ڪري جو هو جاڻي ٿو ته ان کان بعد ڪو به شيعن تي قبضو ڄمائي نه سگهندو.[١]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا ته:

امام مهدي عليه السلام نئين پروگرام ۽ جديد قضاوت سان گڏ قيام ڪندا، عربن تي سخت زمانو ايندو تنهن ڪري ان جي لاءِ مناسب اهو آهي ته دشمنن کي قتل ڪري ڇڏي.[٢]

٢ : قاسي ۽ جلاوطني

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندا ته هڪ هڪ ناصبي کي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيندا، جيڪڏهن انهن دل سان قبول ڪيو ته کين آزاد ڪندا نه ته انهن جي گردن اُڏائي ڇڏيندا يا وري انهن کان جزيو (ٽيڪس) ونندا جهڙي طرح اڄ جي ڪافرِ ذمي کان ورتو وڃي ٿو، ۽ انهن کي ڳوٺن ۽ آبادين کان پري جلاوطن ڪري ڇڏيندا.[٣]

---

١. محاسن برقي، صفحو٣٢٠؛ ڪافي، جلد٥، صفحو٣٣؛ علل الشرائع، صفحو١٥٠؛ التهذيب، جلد٦، صفحو١٥٥؛ وسائل الشيعه، جلد١١، صفحو٥٧؛ مستدرک الوسائل، جلد١١، صفحو٥٨.

٢. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٤٩.

٣. ڪافي، جلد٨، صفحو٢٢٧؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٥٠؛ مراة العقول، جلد٢٦، صفحو١٦٠.

٣ : هٿ ڪاٽي ڇڏڻ

هروي چوي ٿو ته مون حضرت امام رضاعليه‌السلام کان پڇيو ته:

امام قائمعليه‌السلام سڀ کان پهرين ڪهڙو ڪم ڪندا؟ امامعليه‌السلام فرمايو ته: سڀ کان پهرين بنوشيبہ جو پيڇو ڪندا ۽ انهن جي هٿن کي ڪٽيندا ان ڪري ته اُهي خدا جي گهر جا چور آهن.[١]

حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام جن فرمائن ٿا ته:

امام قائمعليه‌السلام سڀ کان پهرين بنوشيبہ جو پيڇو ڪندا، انهن جي هٿن کي ڪاٽي ڪعبي تي لٽڪائي ڇڏيندا ۽ اهو اعلان ڪندا ته هي ماڻهو خدا جا چور آهن.[٢]

ب) مختلف ٽولن سان واسطا

امام مهديعليه‌السلام جڏهن قيام ڪندا ته مختلف ٽولا سندن سامهون ايندا انهن منجهان ڪجهہ خاص قوم ۽ قبيلن مان هوندا ۽ ڪجهہ ٽولا اسلام کان علاوه ڪنهن ٻئي دين ۽ آئين جا پيروڪار هوندا، اهڙي طرح ڪجهہ ٽولا جيتوڻيڪ ظاهري طور مسلمان هوندا مگر انهن جي چال منافقت واري هوندي، يا جاهل ۽ بيوقوف هوندا، جيڪي امامعليه‌السلام جي مخالفت ڪندا، يا باطل فرقي جي پيروي ڪندا هوندا، امامعليه‌السلام

---

١. عيون اخبارالرضا، جلد١، صفحو٢٧٣؛ علل الشرائع، جلد١، صفحو٢١٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣١٣.

٢. نعماني غيبة، صفحو١٦٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥١ ۽ ٣٦١.

انهن منجهان هر هڪ سان هڪ خاص روش سان پيش ايندا ان سلسلي ۾ ڪجهه حديثون نقل ڪجن ٿيون:

١ : عرب قوم

حضرت امام جعفرصادق عليه‌السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن امام قائم عليه‌السلام قيام ڪندو ته سندن ۽ قريش عربن جي وچ ۾ جنگ ۽ تلوار کان سواءِ ڪو ٻيو رستو نه هوندو.[١] وري امام عليه‌السلام جن هٿ سان گلي جي طرف اشارو ڪندي فرمايو ته: اسان جي ۽ عربن جي وچ ۾ سواءِ سر ڪاٽڻ جي ٻيو ڪوئي چارو ناهي رهيو.[٢] شايد ان مان مراد ان جي سرڪش، نافرمان ۽ ظالم حاڪم يا بين باطل مذهبن جا پيروڪار هجن.

٢ : اهل ڪتاب

رسول خدا صلى‌الله‌عليه‌وآله‌وسلم جن فرمائن ٿا ته:

قيامت برپا نه ٿيندي مگر اهو ته يهودين سان جنگ ڪريو، ان وقت شڪست کائيندڙ يهودي فرار ٿي ۽ پٿرن جي پويان لِڪي ويندا، مگر پٿر فرياد ڪندو ته: اي مسلمانؤ! اي خدا جا بندؤ! هي يهودي منهنجي پويان لِڪل آهي.[٣]

---

١. غيبة نعماني، صفحو١٢٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٥.
٢. غيبة نعماني، صفحو١٢٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٥.
٣. مسند احمد، جلد٢، صفحو٣٩٨ ۽ ٥٢٠.

ڪجھ ٻين روايتن مان خبر پوي ٿي تہ امامعليه‌السلام جي اهل ڪتاب سان جنگ هميشہ هڪ جهڙي نہ آهي پر ڪجھ مقامن تي انهن کان جزيو ونڊي ۽ انهن کي پنهنجي دين تي باقي رهڻ ڏيندا ۽ ڪجھ ٽولن سان بحث ۽ مناظرو ڪري انهن کي ان طريقي سان اسلام جي دعوت ڏيندا، ممڪن آهي تہ ابتداء ۾ انهن سان بحث ۽ مناظرو ڪري ۽ ان کان پوءِ جيڪو حق کي نظرانداز ڪندو ان سان جنگ ڪندا.

ابوبصير چوي ٿو تہ: مون حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام کي عرض ڪيو تہ: ڇا امام قائمعليه‌السلام مسجد سهلہ ۾ رهائش ڪندا؟ امامعليه‌السلام فرمايو: ها، وري سوال ڪيم: ڪافر ذمي انهن جي نظر ۾ ڪيئن هوندا؟ فرمايائون تہ: انهن سان صلح واري طريقي سان پيش ايندا جهڙي طرح رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله جن جو رويو هيو ۽ اُهي ماڻهو ذلت واري انداز ۾ جزيو (ٽيڪس) ادا ڪندا.[١]

٣ : باطل ۽ ڦِريل فرقا

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ: حيف هجي مُرجئہ لشڪر تي!(مُرجئہ هڪ فرقي جي نالو آهي) سياڻي جڏهن اسان جو قائم قيام ڪندو تہ پوءِ اُهي ڪنهن وٽ پناه وڃندا؟ راوي چيو: چوندا آهن تہ ان وقت اسان ۽ توهان ٻئي عدالت جي سامهون برابر هوندا سين؟ امامعليه‌السلام فرمايو: انهن منجهان جيڪو بہ توبہ ڪندو تہ الله پاڪ

---

١. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٧٦.

ڪيس معاف ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪو به پنهنجي اندر ۾ دغا يا مُنافقت رکندو ته الله پاڪ انهيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي جلاوطن نه ڪندو، ۽ جيڪڏهن ٿورڙي به مُنافقت کي ظاهر ڪندو ته الله پاڪ ان جو خون مباح (جائز) ڪري ڇڏيندو. ان کان پوءِ فرمايائون ته: ان ذات جو قسم جنهن جي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! اسان جو قائمعليه‌السلام انهن کي قتل ڪري ڇڏيندو، وري پنهنجي هٿ سان پنهنجي گردن جي طرف اشارو ڪيائون. يعني هن ريت انهن کي قتل ڪندو.

راوي چيو ته: جڏهن امامعليه‌السلام ظهور ڪندو ته تمام امور امامعليه‌السلام جي فائدي ۾ هوندا ۽ هو خون نه وهائيندو، امامعليه‌السلام فرمايو ته: نه خدا جو قسم (ائين نه هوندو) جيستائين اسان ۽ توهان انهن جو خون نه وهايون ۽ پنهنجي پيشانيءَ جو پگهر نه سڪايون، وري پنهنجي هٿ سان پنهنجي پيشاني مبارڪ جي طرف اشارو ڪيائون.[1]

۴ : ظاهري طور دين جو ڏيڪ ڏيندڙ ماڻهو

فضيل چوي ٿو ته امام جعفرصادقعليه‌السلام فرمايو ته:

جڏهن اسان جو قائمعليه‌السلام قيام ڪندو ته جيتري قدر جاهليت جي زماني ۾ جاهلن کان رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله‌وسلم کي تڪليف پهتي هئي ان کان وڌيڪ امامعليه‌السلام کي جاهلن کان تڪليف پهچندي.

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٨٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٧.

مون سوال ڪيو: ڇو ۽ ڪيئن؟ امام عليه السلام جواب ۾ فرمايو: رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم اهڙي زماني ۾ رسالت جي ذميواري سنيالي جڏهن ماڻهو پنهنجن هٿن سان گهڙيل بُتن، ڪانين ۽ پٿرن جي پوڄا ڪندا هئا، پر امام قائم عليه السلام هڪ اهڙي زماني ۾ ظهور ڪندو جڏهن ماڻهو سندن مقابلي ۾ قرآن جي ذريعي احتجاج ڪندا ۽ امام عليه السلام جي مخالفت ۾ قرآن جي آيتن جي معنيٰ ۾ تبديلي آڻيندا.[١]

٥ : ناصبي

حضرت امام جعفرصادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ت:

جنهن وقت امام قائم عليه السلام جن قيام ڪندا ت تمام ناصبي ۽ دشمنِ اهلبيت عليهم السلام کي اسلام جي دعوت ڏيندا، جيڪڏهن انهن اسلام قبول ڪيو ت نيڪ نه ت انهن کي قتل ڪيو ويندو، يا وري انهن کي جِزيو[٢] ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويندو جهڙي طرح اڄ جي ڪافر ذمي کان ورتو وڃي ٿو.[٣]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا ت:

جڏهن امام عليه السلام جن ظهور ڪندا ت هر هڪ ناصبي کي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيندا جيڪڏهن انهن قبول ڪيو ت انهن کي آزاد ڪري

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٨٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٧.
٢. جزيہ ڏل جو هڪ قسم آهي، اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمانن کان فوجي خدمت جي عيوض ورتي وڃي. (مترجم)
٣. تفسير فرات، صفحو١٠٠؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٧٦.

چڏيندا نہ تہ انهن جي گردن اُڏائي چڏيندا يا انهن کان جزيو ونندا جهڙي طرح ڪافر ذمي کان ورتو ويندو آهي ۽ انهن کي شهر کان پري جلاوطن ڪري چڏيندا.[١]

مرحوم مجلسي رحمه الله فرمائي ٿو تہ: شايد هيءُ حڪم آغاز جي باري ۾ هجي ان ڪري تہ ظاهري طور تي روايتون اهو بيان ڪن ٿيون تہ انهن کان صرف ايمان قبول ڪيو ويندو جيڪڏهن ايمان قبول نہ ڪندا تہ قتل ڪيا ويندا.[٢]

٦ : مُنافقُ

حضرت امام حسين عليه السلام جن پنهنجي فرزند امام سجاد عليه السلام کي فرمائن ٿا تہ: خدا جو قسم! منهنجو خون هميشہ تڙپندو رهندو مگر جڏهن الله پاڪ امام مهدي عليه السلام کي مبعوث ڪندو تہ جيئن فاسق، ڪافر ۽ منافقن کان منهنجي خون جو انتقام ونڊي ۽ ٧٠ ستر هزار ماڻهن کي قتل ڪري.[٣]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام مهدي عليه السلام قيام ڪندا...تہ پاڻ ڪوفي ايندا ۽ اُتي تمام منافقن کي (جن کي امام عليه السلام جي امامت تي يقين نہ هوندو) قتل

---

١. كافي، جلد٨، صفحه٢٢٨؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحه٤٥٠؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحه٣٧٥.
٢. مراة العقول، جلد٢٦، صفحه١٦٠.
٣. ابن شهرآشوب، مناقب، جلد٤، صفحه٨٥؛ بحارالانوار، جلد٤٥، صفحه٢٩٩.

ڪندا، ۽ انهن جي گهرن کي ويران ۽ انهن جي سپاهين سان جنگ ڪري انهن کي اهڙي طرح قتل ڪندا جو الله پاڪ راضي ۽ خوشنود ٿي ويندو.[١]

٧ : شيطان

وهب بن جميع چوي ٿو ته: مون امام جعفرصادق عليه السلام کان سوال ڪيو ته: هي جيڪو الله پاڪ شيطان کي چيو ته: ﴿فانك من المنظرين الى يوم الوقت المعلوم﴾ اي (شيطان) توکي روز معيّن ۽ وقت معلوم تائين جي لاءِ مهلت ڏني وئي آهي.[٢] اُهو وقت معلوم ڪهڑي زماني ۾ ايندو؟ امام عليه السلام جواب ۾ فرمايوته: تنهجو چا خيال آهي ته اُهو ڏينهن قيامت جو ڏينهن هوندو؟ الله پاڪ شيطان کي اسان جي قائم عليه السلام جي قيام جي ڏينهن تائين مهلت ڏني آهي الله پاڪ جڏهن ان کي مبعوث ڪري قيام جي اجازت ڏيندو ته امام عليه السلام جن مسجد ڪوفه جي طرف روانا ٿيندا، ان وقت شيطان پنهنجن گوڏن ۾ هلي اُتي ايندو ۽ چوندو ته: اڄ جي ڏينهن مون تي حيف هجي! امام مهدي عليه السلام ان جي پيشاني مان پڪڙي ان جي گردن کي اُڏائي ڇڏيندو، جيتوڻيڪ اُهو ئي وقت وقتِ معلوم هوندو جڏهن شيطان جي مهلت جو زمانو ختم ٿي ويندو.[٣]

---

١. اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٢٨؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٨.
٢. سورت حجر، آيت٣٨.
٣. تفسير عياشي، جلد٢، صفحو٢٤٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٥١؛ تفسير صافي، جلد١، صفحو٩٠٦.

باب ستون

سنت محمدي کي زنده ڪرڻ

امام مهدي عليه السلام جي قضاوت، جديد احڪام ۽ اصلاحات جي باري ۾ ڪافي روايتون موجود آهن اهڙا احڪام جيڪي موجوده فقهي متون ۽ ظاهري روايتن جي مطابق نه آهن شرابخور ۽ بي نمازي جو قتل، ڪُوڙ ڳالهائڻ واري کي ڦاسي، مؤمن کان منافعو وٺڻ حرام، مسجدن جي مينارن کي ختم ۽ مسجدن جي ڇتن کي ڀڄي وري تعمير ڪرڻ وغيره شامل آهن.

روايتن ۾ نئين سنت، نئين دعوت، نوان ڪتاب ۽ جديد فيصلن جو ذڪر ٿيو آهي. جنهن کي اسان سنتِ محمّدي کي زنده ڪرڻ جو نالو ڏنو آهي. مگر هي تبديليون ايتري قدر گهٽيون هونديون جو جڏهن ماڻهن جو انهن سان واسطو پوندو ته هو ان کي جديد دين جو نالو ڏيندا، جيڪڏهن اهڙين روايتن جو ائمہ معصومين عليهم السلام کان جاري (صادر) ٿيڻ ثابت ٿي وجي ته پوءِ چند نُڪتن تي ڏيان ڏيڻ ضروري آهي:

١: جيتوڻيڪ الله جي احڪامن جو سرچشمو الله پاڪ ئي آهي پر انهن منجهان ڪجهه احڪامن جي جاري ڪرڻ جون شرطون امام مهدي عليه السلام جي ظهور جي وقت ئي حاصل ٿيندیون ۽ امام عليه السلام پاڻ انهن احڪامن کي جاري ڪندا.

٢: زماني جي گذرڻ سان صاحب قدرت ۽ قيرقار ڪرڻ وارن جي طرفان الله جي احڪامن کي بدلايو ويو آهي، امام عليه السلام جن ظهور کان بعد انهن جي اصلاح ڪندا، ڪتاب "القول المختصر" ۾ آهي ته ڪا به اهڙي سنت نه هوندي جنهن کي ٻيهر زندهه نه ڪري ۽ ڪا به اهڙي بدعت نه هوندي جنهن کي ختم ۽ نابود نه ڪري ڇڏي.

٣: شايد ان ڪري به هجي ته فقهاء تمام مسئلن ۾ قاعدي ۽ اصول کي مدّنظر رکي ڪري استنباط ڪندا آهن ۽ ان ۾ ممڪن آهي ته اهڙو حڪم، واقعي جي مطابق نه هجي مگر امام عليه السلام حقيقي ۽ واقعي احڪامن کي بيان ڪندا.

٤: امام زمانه عليه السلام جي ظهور کان بعد تقيو نه رهندو تنهن ڪري تمام احڪامن کي بغير تقيه جي بيان ڪيو ويندو.

حضرت امام جعفرصادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو ته تقيو ختم ٿي ويندو پاڻ تلوار کي مياڻ مان ڪڍندا ۽ ماڻهن کان تلوار جي ڏي وٺ هوندي ۽ بس.[١]

۽ امام عليه السلام فرمائن ٿا ته: جڏهن اسان جو قائم عليه السلام ظهور ڪندو تڏهن ماڻهن کي نئين سر اسلام جي دعوت ڏيندو ۽ انهن جي اسلام

١. تاويل الآيات الظاهره، جلد٢، صفحو٥٤٠؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٦٤.

ڏانهن رهنمائي ڪندو جڏهن ته ماڻهو پُراڻي اسلام کان گمراهه ٿي چُڪا هوندا.[١]

ان روايت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته امام عليه السلام جن ڪنهن نئين دين جي پيشڪش نه ڪندا بلڪ چاڪاڻ ته ماڻهوحقيقي اسلام جا انڪاري ٿي چُڪا هوندا تن کي ٻيهر انهي دين جي دعوت ڏيندا، جهڙي طرح رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن دعوت ڏني هئي. هن باب ۾ اسان امام عليه السلام جي زماني ۾ اصلاحات ۽ تبديلين کي ٽن حصن ۾ بيان ڪنداسين:

الف)نوان احڪام

١ : زناڪار،زڪوات جي منڪر کي قاسي ڏيڻ

ابان بن تغلب چوي ٿو ته: امام جعفرصادق عليه السلام جن مونکي فرمايو ته: اسلام ۾ خدا جي حڪم جي مطابق ٻه خون حلال آهن مگر ان وقت تائين کو ٻه ان جو حڪم نه ڏيندو جيستائين الله پاڪ اسان جي قائم عليه السلام کي نه موڪلي، هُو خدا جي حڪم مطابق حڪم ڏيندو ۽ ڪنهن کان ٻه گواهه طلب نه ڪندو، شادي شده عورت سان زنا ڪرڻ واري شخص ۽ ان عورت ٻنهي کي قاسي ڏني ويندي ۽ زڪوات جي انڪاريءَ جي گردن اُڏائي ڇڏيندو.[٢]

---

١. ارشاد مفيد، صفحو٣٦٤؛ روضة الواعظين، جلد٢، صفحو: ٢٦٤اعلام الوري، صفحو٤٣١.

٢. اصول كافي، جلد٣، صفحو٥٠٣؛ كمال الدين، جلد٢، صفحو٦٧١؛ وسائل الشيعة، جلد٦، صفحو٩.

مجلسي اول رحمه الله ان روايت جي شرح بيان ڪندي ڪجھ سببن بابت فرمائي ٿو تہ: شايد ان منجھان مراد هيءَ هجي تہ امام عليه السلام انھن بن مقامن تي پنھنجي علم جي مطابق فيصلو ڏئي ۽ گواھ جي ضرورت نہ هجي جيئن تہ باقي فيصلن ۾ بہ سندن روش اھا ئي هوندي جيتوڻيڪ انھن ٻنھي مقامن کي مختص ڪرڻ جو راز ان جي اھميت آھي.[١]

٢ : وراثت جو قانون

الله پاڪ جسم کي خلق ڪرڻ کان ڏھ هزار سال پھريان ارواح کي خلق ڪيو، انھن مان جيڪي هڪ ٻئي جا ڄاڻو ۽ سڃاڻو رهيا آھن اُھي زمين تي بہ هڪٻئي جا واقفڪار رهندا ۽ جيڪي هڪ ٻئي کان اَڻ واقف رهيا آھن اُھي زمين تي بہ ائين ئي هوندا، جڏھن حضرت قائم عليه السلام قيام ڪندا تہ ديني ياءُ کي تہ ميراث ڏيندا مگر نسبي ياءُ کي ان کان محروم ڪري ڇڏيندا، سورت مؤمنون ۾ الله پاڪ جي ان فرمان جي اھائي معنىٰ آھي: ﴿فاذا نفخ فی الصور فلا انساب بينھم يومئذ و لايتسائلون﴾.[٢] جڏھن صور ڦوڪيو ويندو تہ ان وقت ماڻھن جي درميان ڪا بہ رشتيداري نہ هوندي ۽ نہ وري ان جي علت معلوم ڪئي ويندي.[٣]

---

١. روضة المتقين، جلد٣، صفحو١٨.
٢. سورت مومنون، آيت نمبر١٠١.
٣. دلائل الامامة، صفحو٢٦٠؛ تفسير برهان، جلد٣، صفحو١٢٠؛ الشيعة و الرجعة، جلد١، صفحو٤٠٢.

٣ : ڪوڙن جو قتل

جڏهن امام مهدي عليه السلام جن قيام ڪندا ته سڀ کان پهرين ڪوڙن شيعن جو پيڇو ڪندا ۽ انهن کي قتل ڪري ڇڏيندا.[١]

شايد ان مان مراد مهدويت جا مدعي ۽ اُهي بدعت گذار ماڻهو هجن جيڪي ماڻهن کي دين کان منحرف ڪندا آهن.

٤ : جزيه جي حڪم جو خاتمو

الله پاڪ ان وقت تائين دنيا کي ختم نه ڪندو جيستائين حضرت قائم عليه السلام قيام نه ڪري،۽ امام عليه السلام اسان جي دشمنن کي فنا ۽ نابود ڪندو، جزيو قبول نه ڪندو ۽ صليب ۽ بُتن کي ٽوڙي ڇڏيندو. جنگ جو زمانو ختم ٿي ويندو ۽ ماڻهن کي مال ۽ دولت ونڊ لاء آواز ڏيندو، انهن جي درميان مال ۽ دولت کي برابر برابر تقسيم ڪندو ۽ ماڻهن سان عدل ۽ انصاف وارو رويو اختيار ڪندو.[٢]

٥ : امام حسين عليه السلام جي قاتلن کان انتقام

هروي چوي ٿو ته: مون امام رضا عليه السلام کي عرض ڪيو ته: مولا توهان جي نظر ۾ امام جعفر صادق عليه السلام جي ان قول جو ڇا مطلب آهي جنهن ۾ پاڻ فرمائن ٿا ته: جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندو ته حضرت امام حسين عليه السلام جي قاتلن جي اولاد کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي گناهن

---

١. رجال ڪشي، صفحو٢٩٩؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٦١.
٢. اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٦.

جي سزا ملندي؟ امام رضاعليه‌السلام جواب ۾ فرمايو تہ: اها ڳالهه صحيح آهي، وري مون امام‌عليه‌السلام کي عرض ڪيو تہ: هن آيت (ولا تزر وازرة وزر اخرى).[1] ڪير ڪنهن ٻئي جي گناهن جو بار نہ کڻندو، جي ڇا معنىٰ آهي؟ امام‌عليه‌السلام فرمايو تہ: الله پاڪ جيڪو چيو آهي اُهو درست آهي مگر امام حسين‌عليه‌السلام جي قاتلن جي اولاد پنهنجن ابن ڏاڏن جي رويي سان خوش آهي ۽ ان تي فخر ڪندي آهي ۽ جيڪو ڪنهن جي عمل ۽ ڪم مان خوش هجي اُهو ان شخص وانگر آهي جنهن اُهو ڪم انجام ڏنو آهي جيڪڏهن ڪو شخص اوير ۾ قتل ڪيو وجي ۽ ٻيو اولهه ۾ رهي ڪري ان قتل تي خوشي جو اظهار ڪري تہ اُهو الله پاڪ جي نزديڪ قتل جي گناهه ۾ شريڪ آهي....[2]

٦ : رهن ۽ وثاقت جو حڪم

علي بن سالم چوي ٿو تہ: منهنجي والد امام جعفر صادق‌عليه‌السلام کان هن حديث جي باري ۾ سوال ڪيو تہ: جيڪو به رهن ۽ وثاقت نہ لکڻ تي پنهنجي مؤمن ڀاءُ کان گهٽو مطمئن هجي تہ آءٌ انهيءَ کان بيزار

---

١. سورت کهف، آيت٩.

٢. علل الشرايع، جلد١، صفحو٢١٩؛ عيون اخبار الرضا، جلد١، صفحو٢٧٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٣.

آهيان؛ امام عليه السلام جواب ۾ فرمايو تہ: هيءُ حڪم اسان اهلبيت عليهم السلام جي قائم جي زماني سان جڙيل آهي.[١]

٧ : تجارت جو فائدو

سالم چوي ٿو تہ مون حضرت امام جعفر صادق عليه السلام کي عرض ڪيو تہ: هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ مؤمن جو مؤمن ياءُ کان منافعو وٺڻ حرام ۽ وياج آهي ان جو ڇا مطلب آهي؟ امام عليه السلام فرمايو تہ: هيءُ حڪم اسان اهلبيت عليهم السلام جي قائم جي ظهور جي وقت ٿيندو مگر اڄ جي دور ۾ جائز آهي تہ ڪو شخص ڪنهن ٻئي مؤمن کي ڪا شيءِ وڪرو ڪري ۽ ان کان فائدو حاصل ڪري.[٢]

٨ : ديني ياءُ جي هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ

اسحاق چوي ٿو تہ آءٌ امام جعفر صادق عليه السلام جي خدمت ۾ هئس تہ امام عليه السلام جن ديني ياءُ جي مدد جي ڳالهہ ڪئي ۽ ان وقت فرمايائون تہ: جڏهن قائم عليه السلام ظهور ڪندو تہ ان وقت ديني ياءُ جي مدد واجب ٿي ويندي ۽ ان جي مدد ڪرڻ ۽ ان کي مالي لحاظ کان طاقتور ٻڌائڻ ضروري آهي.[٣]

---

١. من لايحضر فقيہ، جلد٣، صفحو٢٠٠؛ التهذيب، جلد٧، صفحو١٧٩؛ وسائل الشيعہ، جلد١٣، صفحو١٢٣.

٢. التهذيب، جلد٧، صفحو١٧٩؛ وسائل الشيعہ، جلد١٣، صفحو١٢٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٥٥.

٣. صدوق، مصدقہ الاخوان، صفحو٢٠؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٥.

٩ : قطائع جو حڪم

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: امام قائم عليه السلام جي قيام جي وقت قطائع فنا ۽ نابود ٿي ويندا ۽ پوءِ انهن جو وجود ئي نہ رهندو.[١]

قطائع مان مراد وڏيون وڏيون ملڪيتون آهن جيئن ڳوٺن جو پليون زمينون ۽ مشهور قلعا آهن جن کي بادشاهن ۽ طاقتور ماڻهن پنهنجن نالن سان شمار ڪري رکيو هوندو.

١٠ : خزانن جو حڪم

معاذ بن ڪثير نقل ڪري ٿو تہ حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمايو تہ: اسان جي شيعن کي اهو اختيار ڏنو ويو آهي تہ اُهي جيڪو ڪجهہ حاصل ڪن ان کي خير جي رستي ۾ خرچ ڪري ڇڏين، مگر جڏهن قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ هر خزاني واري تي خزانو گڏ ڪرڻ حرام ٿي ويندو، مگر اهو تہ ان خزاني کي امام عليه السلام جي خدمت ۾ ڪٽي اڇي تہ جيئن ان جي ذريعي دشمنن سان جنگ ڪرڻ ۾ مدد حاصل ٿئي. الله پاڪ جي هن فرمان جو اهو ئي مطلب آهي: ﴿والذين يكنزون الذهب و الفضة ولا ينفقونها فى سبيل الله بشّرهم بعذاب اليم﴾[٢]

---

١. قرب الاسناد، صفحو٥٤؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٠٩ ۽ ج٩٧، صفحو٥٨.
٢. سورت توبہ، آيت٣٦.

جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي گڏ ڪن ٿا، ليڪن ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪن انهن کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي.[١]

ب) اجتماعي اصلاح ۽ مسجدن جي عمارتن جي تجديد

١: مسجد ڪوفه جي ويراني ۽ ان جي قبلي کي درست ڪرڻ

اصبغ بن نباته چوي ٿو ته: اميرالمؤمنين حضرت علي عليه السلام جن ڪوفي ۾ داخل ٿيڻ وقت، (جڏهن ته ان وقت مسجد مٽي ۽ ڪڪر مان ٻڏيل هئي) فرمايائون ته: حيف هجي ان شخص تي جنهن توکي ويران ڪري ڇڏيو هلاڪت هجي ان شخص تي جنهن تنهنجي بربادي جي راهه هموار ڪئي! هلاڪت هجي ان تي جنهن توکي گاري ۽ پڪل مٽي سان ٻڌايو ۽ حضرت نوح عليه السلام جي قبلي جو رُخ قبرائي ڇڏيو، وري پنهنجي ڳالهه کي جاري رکندي فرمايائون ته: خوش بخت آهي اُهو شخص جيڪو اسان اهلبيت عليهم السلام جي قائم (عج) جي زماني ۾ تنهنجي ويراني جو گواه هجي، اُهي ماڻهو اُمت جا نيڪ ماڻهو آهن جيڪي اسان جي اولاد جي نيڪ ماڻهن سان گڏ هوندا.[٢]

---

١. تفسير عياشي، جلد٢، صفحو٨٧؛ تفسير صافي، جلد٢، صفحو٣٤١؛ تفسير برهان، جلد٢، صفحو١٢١.

٢. نعماني غيبة، صفحو٣١٧؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٤؛ مستدرک الوسائل، جلد٣، صفحو٣٦٩.

٢ : رستن تي واقع مسجدن جي ويراني

ابو بصير چوي ٿو ته حضرت امام محمد باقرعليه السلام فرمايو ته:

جڏهن امام قائمعليه السلام قيام ڪندو ته ڪوفي ۾ چئن مسجدن کي ويران ڪندو ۽ ڪنهن بلند مسجد کي نه ڇڏيندو مگر اهو ته انهن جي بلنديءَ کي ختم ڪري انهن کي سادي حالت ۾ ڇڏي ڏيندو. (ته جيئن انهن جي بلنديءَ تان اطراف ڏانهن جهاتي نه پائي سگهجي) اهڙي طرح جيڪا مسجد رستي ۾ واقع هوندي انهيءَ کي ڪيرائي ڇڏيندو.[١]

حضرت امام محمد باقرعليه السلام انهن مسجدن جي باري ۾ فرمائن ٿا ته:

ڪوفي ۾ امام حسينعليه السلام جي قتل جي خوشي ملهائڻ جي عنوان سان چار مسجدون بڻايون ويون، مسجد اشعث، مسجد جرير، مسجد سماڪ ۽ مسجد شبث بن ربعي.[٢]

٣ : مينارن جي ويراني

ابو جعفر هاشمي چوي ٿو ته: آءٌ امام حسن عسڪريعليه السلام جي خدمت ۾ هئس ته امامعليه السلام فرمايو: جڏهن قائمعليه السلام قيام ڪندو ته مسجدن جي مينارن ۽ محرابن کي ويران ڪندو، مون پنهنجو پاڻ کي چيو ته: آخر امامعليه السلام ائين چو ڪندا؟ ان تي امام حسن عسڪريعليه السلام

---

١. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥١٧؛ الشيعه و الرجعه، جلد٢، صفحو٤٠٠؛ ارشاد، صفحو٣٦٥؛ روضة الواعظين، صفحو٢٦٤.

٢. بحارالانوار، جلد٤٥، صفحو١٨٩.

جن منهنجي طرف رُخ ڪري فرمايو تہ: ان لاءِ جو هيءَ بدعت ۽ نئين تبديلي آهي جنهن کي نہ نبي اڪرمﷺ جن انجام ڏنو هو ۽ نہ ئي وري ڪنهن امام انجام ڏنو...[١]

۴ : مسجدن جي چتن جي تعمير ۽ منبرن جي ويراني

امام مهديؑ جن سڀ کان پهرين جنهن ڪم جو آغاز ڪندا اُهو هيءُ آهي تہ مسجدن جي چتن کي ٽوڙي عريش موسيٰؑ وانگر تنبو بڻائيندو جنهن ذريعي گرمي ۽ ٺڏ کان بچي سگهجي.[٢]

ان روايت کي استحباب تي حمل ڪيو ويو آهي ان ڪري جو مستحب هيءُ آهي تہ نمازي ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪا بہ شيءِ رندڪ نہ هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ رڪاوٽ جو نہ هجڻ دعا جي قبوليت جو سبب بڻجي ٿو.

۵ : مسجدالحرام ۽ مسجدالنبوي کي اصلي حالت ۾ آڻڻ

حضرت امام جعفر صادقؑ جن فرمائن ٿا تہ: حضرت قائمؑ مسجد الحرام ۽ مسجد النبوي کي ٽوڙي انهن کي اصلي حالت ۾ آڻيندو، اهڙي طرح ڪعبي کي بہ ان جي اصلي جاءِ تي تعمير ڪندو.[١]

---

١. غيبت طوسي، صفحو١٢٣؛ مناقب ابن شهرآشوب، جلد٤، صفحو٤٣٧؛ اعلام الوريٰ، صفحو٣٥٥؛ ڪشف الغمة، جلد٣، صفحو٢٠٨؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤١٢؛ بحارالانوار، جلد٥٠، صفحو٢١٥.

٢. من لايحضره الفقيہ، جلد١، صفحو١٥٣؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٢٥؛ وسائل الشيعة، جلد٣، صفحو٤٨٨.

ج) قضاوت

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا ت:

امام مهدي عليه السلام اهڙا فيصلا ڪندو جو سندن چاهڻ وارن منجهان ۽ ساڻي به اعتراض ڪرڻ لڳندا، هيءُ حضرت آدم عليه السلام جي قضاوت وارو انداز هوندو انهيءَ ڪري امام عليه السلام اعتراض ڪرڻ وارن جي گردن اُڏائي ڇڏيندو، پوءِ فيصلا ڪرڻ ۾ حضرت داؤد عليه السلام واري روش اختيار ڪندو ته ان تي به ڪجهه چاهڻ وارا اعتراض ڪندا ته امام عليه السلام انهن جون به گردنون اُڏائي ڇڏيندو، ۽ پوءِ پاڻ حضرت ابراهيم عليه السلام واري طريقو اختيار ڪندو ته هڪ ٽولو ان تي به اعتراض ڪندو پاڻ انهن کي به قتل ڪري ڇڏيندو، ان کان بعد رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جي طريقي مطابق فيصلا ڪندو ته ان تي ڪو به اعتراض ڪرڻ وارو نه هوندو.[٢]

---

١. ارشاد، صفحو٣٦٤؛ غيبة نعماني، صفحو١٧١؛ طوسي غيبة، صفحو٢٩٧؛ ڪشف الغمة، جلد٣، صفحو٢٥٥.

٢. اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٨٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٨٩.

حصوڻيون
حڪومت

باب پهريون

حق جي حڪومت

دنيا جي وسيع هجٽ جي ڪري ان جي تدبير (جوڙجڪ) تمام مشڪل ڪم آهي جنهن کي صرف الله جي نظام ۽ اسلامي حڪومت تي يقين رکڻ وارا ليدر، دلسوز، همدرد ۽ خدمتگذار ئي انجام ڏيئي سگهن ٿا.

جي ها! امام مهدي عليه السلام دنيا کي سنيالڻ جي لاءِ اهڙا اهڙا وزير انتخاب ڪندو جيڪي جنگي تجربي جي اعتبار سان پنهنجي مضبوطي ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪري چُڪا هوندا.

امام عليه السلام اهڙي طرح حڪومت جوڙيندو ۽ ماڻهن جي اهڙي تربيت ڪندو جو انهن جي ذهنن مان ظلم جو لفظ منجي ويندو، بلڪ روايتن جي تعبير جي مطابق پوءِ کو به ڪنهن تي ظلم نه ڪندو ايستائين جو حيوان به ظلم ۽ ستم کڻڻ کان پاسو ڪندا.

حضرت امام محمد باقر عليه السلام هن آيت: ﴿واعلموا ان الله يحى الارض بعد موتها﴾[1] (جاڻي ونو ته الله پاڪ زمين کي ان جي

---

١. سورت بقره، آيت٢٥١.

موت (غيرآباد ٿي وڃڻ) کان بعد زندھ ڪندو) جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ:

الله پاڪ زمين کي امام قائمعليه‌السلام جي ذريعي زندھ ڪندو، زمين تي عدالت قائم ڪندو ۽ ان کي عدل واري انداز سان زندھ ڪندو جڏھن ظلم ۽ ستم سان مُرده ٿي چُڪي هوندي.[١]

حضرت امام جعفر صادقعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

خدا جو قسم! يقيني طور تي امام مهديعليه‌السلام جي عدالت گهرن جي اندر بلڪ انهن جي ڪمرن ۾ اهڙي طرح داخل ٿي چُڪي هوندي جهڙي طرح سردي ۽ گرمي داخل ٿي ويندي آهي.[٢]

حضرت امام رضاعليه‌السلام انهيءَ سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ: جڏھن امام مهديعليه‌السلام ظهور ڪندو تہ معاشري ۾ اهڙي عدالت قائم ڪندو جنهن کان بعد وري ڪو ظلم نہ ڪندو.[٣] حضرت امام جعفرصادقعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

---

١. ڪمال الدين، صفحو٦٦٨؛ المحجر، صفحو٤٢٩؛ نور الثقلين، جلد٥، صفحو٢٤٢؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو٥٤؛ ينابيع المودة، صفحو٤٢٩.

٢. غيبة نعماني، صفحو١٥٩؛ اثبات الهداة، جلد٣، ص٥٤٤؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٦٢.

٣. ڪمال الدين، صفحو٣٧٢؛ ڪفاية الاثر، صفحو٢٧٠؛ اعلام الوري، صفحو٤٠٨؛ ڪشف الغمہ، جلد٣، صفحو٣١٤؛ غاية المرام، صفحو٦٩٦؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٦٤.

جيڪا شيءِ سڀ کان پهرين امام قائمعليه‌السلام جي عدالت مان ظاهر ٿيندي اُها هيءَ آهي ته پاڻ اعلان ڪندا ته جيڪي ماڻهو مستحبي حج، مناسڪ ۽ حجر اسود کي چُمڻ ۽ مستحبي طواف انجام ڏيڻ لاءِ وڃي رهيا آهن اُهي واجب حج ادا ڪرڻ وارن جي حوالي ڪري ڇڏين.[1]

الف) دلين تي حڪومت

اهو ظاهر آهي ته اهڙي حڪومت جيڪا مختصر عرصي ۾ سختين ۽ مشڪلن تي حاڪم هجي ۽ غربت جو خاتمو ۽ دلين مان مايوسي ۽ نااميدي کي ختم ڪري ۽ انهن دلين ۾ اميد جي لهر کي جاڳائي ته يقيناً ماڻهو ان جي حمايت ڪندا ۽ اهڙو نظام جيڪو جنگ جي باهه اُجهائي ڇڏي امن امان ۽ آسائش جي راهه هموار ڪري ڇڏي، ايستائين جو حيوان به ان مان فائدو حاصل ڪرڻ شروع ڪن ته يقيناً ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪري سگهي ٿو ۽ ماڻهو به اهڙي حڪومت جا خواهشمند هوندا، انهيءَ ڪري حديثن ۾ ماڻهن جو امامعليه‌السلام سان پيار ۽ واسطو بهترين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

رسول خداصلى‌الله‌عليه‌وآله‌وسلم جن فرمائن ٿا ته:

---

١. ڪافي، جلد٤، صفحو٤٢٧؛ من لايحضره الفقيه، جلد٢، صفحو٥٢٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٧٤.

توهان کي قريش جي هڪ شخص مهدي عليه السلام جي بشارت ڏيان ٿو جنهن جي خلافت سان زمين ۽ آسمان تي رهڻ وارا راضي آهن.[١]

۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن اُهو پڻ فرمايو تہ:

منهنجي امت منجهان هڪ شخص قيام ڪندو جنهن کي زمين ۽ آسمان وارا دوست رکندا.[٢]

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ايتري تہ بهترين هوندي جو مئل بہ زندھ ٿيڻ جي آرزو ڪندا.

حضرت امام علي عليه السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ:

منهنجن فرزندن منجهان هڪ فرزند ظهور ڪندو جنهن جي ظهور ۽ حڪومت جو نتيجو هيءُ هوندو تہ قبر ۾ ڪو بہ اهڙو مردو نہ هوندو جنهن کي تمام سهولتون ۽ برڪتون قبر ۾ حاصل نہ هجن اُهي ماڻهو هڪ ٻئي جي ديدار لاءِ ويندا ۽ هڪ ٻئي کي امام قائم عليه السلام جي قيام جي خوشخبري ڏيندا .[٣]

---

١. ينابيع المودة، صفحو٤٣١؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٤٤.

٢. فردوس الاخبار، جلد٤، صفحو٤٩٦؛ اسعاف الراغبين، صفحو١٢٤؛ احقاق الحق، جلد١٩، صفحو٦٦٣.

٣. ڪمال الدين، جلد٢، صفحو٦٥٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٢٨؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٢.

ب) گاديءَ جو هنڌ

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن مسجد سهلہ جو ذڪر ڪندي فرمايو تہ: اُها اسان جي صاحب امام مهدي عليه السلام جو گهر آهي جنهن وقت هو پنهنجي تمام خاندان سميت اُتي قيام پذير ٿيندو.[١]

ابوبڪر حضرمي چوي ٿو تہ: مون امام محمد باقر عليه السلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ الله ۽ رسول صلى الله عليه وآله وسلم جي حرم کان بعد ڪهڙي زمين افضل آهي؟ تہ امام عليه السلام جواب ۾ فرمايو: اي ابوبڪر! سرزمين ڪوفہ ۽ ان ۾ مسجد سهلہ پاڪيزه جڳهہ آهي اُها اهڙي مسجد آهي جنهن ۾ تمام پيغمبرن نماز ادا ڪئي، هي اُها جڳهہ آهي جتان الله واري عدالت ظاهر ٿيندي ۽ الله پاڪ جي قائم ۽ تمام قيام ڪرڻ وارا اُتي هوندا، هي پيغمبرن ۽ انهن جي صالح جانشينن جي جڳهہ آهي.[٢]

ج) حڪومت مهدي جا خدمتگذار

فطري ڳالهہ آهي تہ جنهن حڪومت جي قيادت امام مهدي عليه السلام جي هٿ ۾ هوندي ان جا عهديدار ۽ خدمتگذار بہ

---

١. ڪافي، جلد٣، صفحو٤٩٥؛ ارشاد، صفحو٣٦٢؛ التهذيب، جلد٣، صفحو٢٥٣؛ طوسي غيبة، صفحو٢٨٢.
٢. ڪامل الزيارات، صفحو٣٠؛ مستدرڪ الوسائل، جلد٣، صفحو٤١٦.

امت جا نيڪ ۽ صالح انسان هوندا جن مان ڪجهه جا نالا روايتن ۾ به ذڪر ٿيا آهن.

حضرت عيسىٰ عليه السلام، اصحاب ڪهف، يوشع وصي موسىٰ عليه السلام مؤمن آل فرعون، سلمان فارسي، ابو دجانه انصاري، مالڪ اشتر نخعي ۽ همدان قبيلو.

حضرت عيسىٰ عليه السلام امام مهدي عليه السلام کي چوندو ته: آءٌ تنهنجو وزير، جانشين ۽ ڪماندر آهيان.[١]

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندو ته سترهن ماڻهن کي ڪعبي جي پُٺ کان زنده ڪندو اُهي سترهن ماڻهو هي آهن: پنج ماڻهو حضرت موسىٰ عليه السلام جي قوم جا، اُهي ماڻهو حق جو فيصلو ڪندي عدل واري رفتار رکندا، ست ماڻهو اصحاب ڪهف جا، يوشع، حضرت موسىٰ عليه السلام جو وصي، مؤمن آل فرعون، سلمان فارسي، ابودجانه انصاري، مالڪ اشتر نخعي.[٢]

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٨٣؛ فتن ابن حماد، صفحو١٦٠.

٢. تفسير عياشي، جلد٢، صفحو٣٢؛ دلائل الامامة، صفحو٢٧٤؛ مجمع البيان، جلد٢، صفحو٤٨٩؛ ارشاد، صفحو٣٦٥؛ كشف الغمه، جلد٣، صفحو٢٥٦؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٤٦.

ڪجهه روايتن ۾ انهن جوتعداد ستاويهه ٢٧ تائين بيان ڪيو ويو آهي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي قوم منجهان چوڏنهن ماڻهن جو ذڪر ٿيو آهي.[١]

هڪ روايت جي مطابق جناب مقداد جو نالو به موجود آهي.[٢]

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

سپاهي امام مهدي عليه السلام جي اڳيان اڳيان هوندا ۽ همدان قبيلي جا ماڻهو سندن وزير هوندا.[٣]

د) حڪومت جي مدت

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي مدت جي باري ۾ شيعه ۽ اهلسنت جي ڪتابن ۾ موجود روايتن ۾ اختلاف آهي، انهن منجهان ڪجهه ۾ ست سال، ڪجهه ۾ ٩ يا ١٠ سال ۽ ڪجهه ۾ ٢٠ سال به بيان ڪئي ويئي آهي، بلڪ ڪجهه روايتون ته هڪ هزار سال تائين بيان ڪن ٿيون، پر يقيني حڪومت جي مدت ست سال کان گهٽ نه آهي، ۽ ائمه عليهم السلام کان نقل ٿيل روايتون به انهيءَ عرصي جي تاڪيد ۽ تائيد ڪري رهيون آهن.

---

١. اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٧٣.
٢. معجم رجال الحديث، جلد٨، صفحو٣٤٦.
٣. عقدالدرر، صفحو٩٧.

شايد اهو چوڻ درست هجي تہ حڪومت جي مدت ست سال ئي هوندي مگر اُن زماني جي سالن ۾ هِن زماني جي سالن ۾ فرق هوندو، جيئن تہ ڪجھ روايتن ۾ ذڪر ٿيو آهي تہ امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ست سال هوندي مگر هر سال ڏهن سالن جي برابر هوندو، تنهن ڪري سندن حڪومت جي مدت ستر سال هوندي.[١]

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام اسان منجهان آهي ۽ ستن سالن تائين حڪومت جي واڳ سنياليندو.[٢]

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام ان امت تي ست سال حڪومت ڪندو.[٣]

پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جن اهو پڻ فرمايو تہ:

امام مهدي عليه السلام منهنجي اولاد منجهان آهي ۽ ويهہ ٢٠ سال حڪومت ڪندو.[٤]

---

١. ارشاد مفيد، صفحو٣٦٣؛ غيبت طوسي، صفحو٢٨٣؛ نورالثقلين، جلد٤، صفحو١٠١؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٦٩١؛ روضة الواعظين، جلد٢، صفحو٢٦٤؛ الفصول المهمة، صفحو٣٠٢؛ الايقاظ، صفحو٢٤٩.

٢. دلائل الامامہ، صفحو٢٥٨؛ حنفي برهان، صفحو٩٩؛ شافعي بيان، صفحو٥٠.

٣. عقدالدرر، صفحو٢٠؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو٨٢.

٤. كشف الغمہ، جلد٣، صفحو٢٧١؛ ابن بطريق، عمده، صفحو٤٣٩؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو١؛ ابن طاؤس ملاحم، صفحو١٤٢؛ فردوس الاخبار، جلد٤، صفحو٦؛ دلائل الامامہ، صفحو٢٣٣.

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا تہ:

حضرت قائم عليه السلام ٣٠٩ سال تائين حڪومت ڪندو جيئن تہ اصحاب ڪهف بہ ايتري ئي مدت غار ۾ رهيا.[١]

مرحوم آيت الله طبسي انهن روايتن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ستن سالن واري روايت کي ترجيح ڏئي ٿو، مگر ائين بہ چوي ٿو تہ ان معنيٰ ۾ تہ هر سال اسان جي سالن مطابق ڏهن سالن جي برابر هوندو.[٢]

---

١. غيبت طوسي، صفحو٣٨٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٩٠.
٢. الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٢٢٥.

باب ٻيون

علمِ اسلامي تهذيب ۾ ترقي

اهڙي حڪومت جنهن جو ليدر امام مهدي عليه السلام جهڙو هجي جنهن جي لاءِ علم جا دروازا کليل آهن ۽ اُهي به نه رُڪو ان مقدار ۾ جيڪي انبياء ۽ الله جي اولياء جي لاءِ کليا هئا بلڪ ان کان به وڌيڪ علم سان مالامال هوندا، حيرت انگيز علمي ترقي هوندي ۽ دنيا، علمي ۽ ثقافتي اعتبار سان ظاهري طور تي تبديل ڏسڻ ۾ ايندي.

هنر ۽ ڪاريگري جي لحاظ کان به حيرت انگيز ترقي هوندي، جيتوڻيڪ انهن شين کي روايتن بيان ناهي ڪيو باقي مجموعي طور تي ان سلسلي ۾ بيان ٿيل روايتن مان حيرت انگيز تبديلي جي خبر پوي ٿي جيئن اُهي روايتون جيڪي هي ٻڌائين ٿيون ته هڪ شخص اوپر ۾ هجڻ جي باوجود به اولهه ۾ موجود پنهنجي پاڻ کي ڏسندو، خطاب جي وقت تمام دنيا وارا امام عليه السلام کي ڏسندا، امام عليه السلام کي چاهڻ وارا پري پري کان هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا ۽ هڪ ٻئي جون ڳالهيون ٻُڌندا، لٽ ۽ جوتا وغيره انسانن سان گفتگو ڪندا، گهر اندر موجود شيون انسانن کي خبر ڏيندیون، انسان سفر ڪرڻ لاءِ بادلن تي سوار ٿي هيڏانهن هوڏانهن پرواز ڪندا، اهڙي قسم جا تمام گهٽا

نمونا آهن جن منجهان ڪجهه جو اشارو شايد ڪرامت جي طرف هجي. امام مهدي عليه السلام ۽ اڄ جي دور ۾ بنيادي فرق هيءُ آهي ته اڄ اسان جي دور ۾ علم ۽ هنر جي ترقي انساني معاشري جي اخلاقي ۽ ثقافتي لحاظ کان پستيءَ جو ڪارڻ بڻجي رهي آهي انسان جيتري علمي ترقي ڪري رهيو آهي اوترو ئي انسانيت کان پري، تباهي، بربادي، فتنو، فساد، قتل ۽ خونريزي جي طرف وڌي رهيو آهي، مگر امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ شرطون بلڪل برعڪس هونديون، انسان علم ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ انتها تائين پهچڻ جي باوجود اخلاق ۽ انساني خاصيت جي بلند منزل جي ويجهو هوندو.

جيڪڏهن ڪلهه تائين انهن جي دلين ۾ بغض، حسد ۽ ڪينو هو ته امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ دليون هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي ويندیون، جڏ ته هڪ روح جي مثل هونديون. امام عليه السلام جي خدائي نظام ۾ انسانيت ڪامل ٿي ويندي، اخلاق ۽ فڪر، آرزو ۽ تمنا... رشد ۽ ڪمال جي حد تائين پهچي ويندیون، هي اُهوئي عظيم واعدو آهي جيڪو سنڈن حڪومت ۾ پورو ٿيندو.

الف) علم ۽ صنعت جي بهارَ

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: علم ۽ دانش جا ستاويھ ٢٧ حرف آهن هن وقت تائين جيڪو ڪجھ نبين پيش ڪيو آهي اُهي فقط ٻہ حرف آهن ۽ باقي پنجويھ حرفن کان ماڻھو واقف ناهن ليڪن جڏهن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ باقي پنجويھ حرفن کي بہ ڪٽي ايندو ۽ پوءِ پورا ستاويھ حرف ماڻھن ۾ رائج ڪندو.[١]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ:

قرآن پاڪ ۽ نبي اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي سنت جو علم اسان جي مهدي عليه السلام جي دل ۾ اهڙي طرح ظاهر ٿيندو جهڙي طرح گاھ سھٽي ۽ پرپور نموني سان ڦٽندو آهي، توهان منجهان جيڪو بہ امام عليه السلام جي ظهور جو زمانو درڪ ڪري ۽ ان سان ملاقات ڪري تہ سندن ديدار جي وقت هن ريت چئجو: سلام هجي توتي اي خاندان نبوت ۽ رحمت، علم ۽ دانش جا خزانا، اي رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جا جانشين.[٢]

---

١. خرائج، جلد٢، صفحو٨٤١؛ مختصر بصائر الدرجات، صفحو١١٧؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٢٦.

٢. كمال الدين، جلد٢، صفحو٦٥٣؛ العدد القويہ، صفحو٦٥؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩١؛ حلية الابرار، جلد٣، صفحو٦٣٩؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو٣٦ ۽ جلد٥٢، صفحو٣١٧.

نبي اڪرمﷺ جن هڪ ٻي حديث ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ:

جنهن امام وٽ قرآن جو علم ۽ اسلحو هوندو اُهو اسان منجهان آهي.[١]

هيءَ روايت انسانيت جي ڪمال ۽ ترقي جو راز بُڌائي رهي آهي ان ڪري تہ اهڙو اڳواڻ سماج کي ترقي ۽ خوشبختيءَ جي رستي تي پهچائي سگهي ٿو، جنهن ۾ هي ٽي شيون موجود هجن:

١: اهڙو الله وارو قانون جيڪو انسانيت کي ڪمال جي طرف هدايت ڪري.

٢: اهڙو علم ۽ دانش جيڪو انساني زندگي کي فلاح، بهبود ۽ آرام عطا ڪري.

٣: ۽ اهڙي قدرت ۽ اسلحو (هٿيار) جيڪو انسانيت جي ڪمال ۽ ترقي ۾ روڪاوٽن کي هٽائي سگهي.

۽ امام مهديعليه‌السلام انهن تمام خصوصيتن جو مالڪ آهي انهيءَ بنياد تي دنيا ۾ حڪومت ڪندو ۽ انسانن کي علمي ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ سان گڏ اخلاقي ۽ انساني ڪمال جي رستي تي بہ پهچائيندو.

---

١. مثالب النواصب، جلد١، صفحو٢٢٢.

هتي اسان ڪجھ اھڙين روايتن کي بيان ڪندا سين جيڪي امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ علمي ۽ صنعتي ترقي تي دلالت ڪن ٿيون.

مفضل بن عمر چوي ٿو ته: مون امام جعفر صادق عليه السلام کان سوال ڪيو ته: امام قائم عليه السلام ڪھڙي جڳھ ۽ ڪھڙي سرزمين تي ظهور ڪندو؟

پاڻ فرمايائون ته: ظهور جي وقت امام عليه السلام کي سڀ ڏسندا انهيءَ کان پهرين ڪو اھڙي دعوىٰ ڪري يعني ائين چوي ته آءٌ امام مهدي کي ڏسان ٿو ۽ توهان ان کي نڌا ڏسو انهيءَ جي اھڙي دعوىٰ کي ڪوڙو قرار ڏجو.

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن ان زماني ۾ حمل ۽ نقل جي ڪيفيت جي باري ۾ فرمائن ٿا ته:

توهان کان بعد هڪ اھڙي قوم ايندي جنهن وٽ طيّ الارض (يعني زمين ان جي قدمن هيٺان گڏجي سوڙهي ٿي ويندي) جي صلاحيت هوندي ۽ دنيا جا دروازا ان جي لاءِ کُلي ويندا زمين جو سفر اک ڇنڀ کان پهريان ختم ٿي ويندو، اھڙي طرح جو جيڪڏهن ڪو اولهه ۽ اوپر جو سير ڪرڻ چاهيندو ته هڪ ڪلاڪ ۾ اُهو ممڪن ٿي ويندو.[1]

۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جن اُهو پڻ فرمايو ته:

---

[1]. فردوس الاخبار، جلد٢، صفحه٤٤٩؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحه٣٥١.

ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! قيامت ان وقت تائين نہ ايندي جيستائين لڪ، جوتا ۽ عصا خبر نہ ڏين تہ توهان جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ گهر وارن ڇا ڪيو.[١]

ب) اسلامي تهذيب جو رواج

حضرت امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ۾ ماڻهو بي سابقہ اسلام جي طرف ايندا، ۽ پريشانين، بيقرارين، ديندارن کي چيلينج ۽ اسلامي مظاهر تي پابندي لڳائڻ جو دور ختم ٿي ڇُڪو هوندو، هر جاءِ تي اسلام جو راڳ وڄي رهيو هوندو ۽ مذهبي آثارن جو ڏيکاءُ هوندو.

اهڙي ماحول ۾ فطري طور تي مذهبي شعار ۽ اسلامي مظاهر سان ماڻهن جي دلچسپي بي سابقہ هوندي.

روايت ۾ آهي تہ هڪ مسجد ۾ ٻارنهن ١٢ دفعا نماز با جماعت ادا ٿيندي.

هتي اسان امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ۾ قرآن پاڪ جي تعليم، دين جي معرفت، مسجدون، ۽ معنوي رشد ۽ بهترين اخلاق کي روايتن جي نظر ۾ بيان ڪندا سين:

---

١. مسند احمد، جلد٣، صفحو٨٩؛ فردوس الاخبار، جلد٥، صفحو٩٨؛ جامع الاصول، جلد١١، صفحو٨١.

١ : اسلامي معارف ۽ قرآن پاڪ جي تعليم

اميرالمؤمنين حضرت امام علي عليه‌السلام جن فرمائن ٿا ت:

آءٌ پنهنجن شيعن کي ڏسي رهيو آهيان ت هو چادرون وڇائي ماڻهن کي ترتيبِ نزولي جي مطابق، قرآن پاڪ جي تعليم ڏيئي رهيا آهن.[١]

اصبغ بن نباتہ چوي ٿو ت: مون حضرت امام علي عليه‌السلام کان پڇو پاڻ عليه‌السلام فرمائي رهيا هئا ت:

آءٌ عجم کي ڏسي رهيو آهيان ت اُهي چادرون وڇائي ترتيب نزولي جي مطابق ماڻهن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيئي رهيا آهن.[٢]

هي روايت تعليم ڏيڻ وارن جي شناخت بيان ڪري رهي آهي ت اُهي سڀ عجم هوندا، لغت نويس حضرات جي مطابق هتي عجم مان مراد اهل فارس ۽ ايراني آهن.[٣]

حضرت امام محمد باقر عليه‌السلام فرمائن ٿا ت:

---

١. غيبة نعماني، صفحو٣١٨؛ بحارالانوار، جلد٥٢، ص٣٦٤.
٢. الارشاد، صفحو٣٦٥؛ كشف الغمہ، جلد٣، صفحو٢٦٥؛ نورالثقلين، جلده، صفحو٢٧.
٣. مجمع البحرين، جلد٦، صفحو١١١.

امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ توهان کي ايتري ته حڪمت، سمجهه ۽ ڄاڻ عطا ٿيندي جو هڪ عورت پنهنجي گهر ۾ ويٺي قرآن پاڪ ۽ سنت پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جي مطابق فيصلو ڪندي.[١]

٢ : مسجدن جي تعمير

مفضل چوي ٿو ته: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمايو ته: جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندو ته ڪوفي شهر کان باهر هڪ هزار دروازن واري مسجد تعمير ڪرائيندو.[٢]

شايد روايت ۾ (ظهر الكوفه) مان مراد نجف اشرف شهر هجي، ڇاڪاڻ ته دانشمندن نجف شهر کي "ظهر الكوفه" سان تعبير ڪيو آهي.

٣ : اخلاق ۽ معنويت جي ترقي

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ ماڻهو عبادت جي طرف مائل ٿيندا ۽ نماز با جماعت ادا ڪندا.[٣]

نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا ته:

---

١. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٥٢.
٢. الارشاد، صفحو٣٦٢؛ طوسي غيبة، صفحو٢٩٥؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٣٧؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٢.
٣. عقدالدرر، صفحو١٥٩.

ان زماني ۾ ماڻهن جي دلين مان بغض ۽ دشمنيون ختم ٿي ويندیون.[١]

شيعن جا ٻيا اڳواڻ اخلاقي فساد ۽ نافرماني جي باري ۾ فرمائن ٿا ته: الله پاڪ آخري زماني ۾ هڪ شخص کي ظاهر ڪندو جنهن جي ڪري ڪو به فاسد ۽ غدار نه رهندو مگر اهو ته ان جي اصلاح ٿي ويندي.[٢]

حضرت امام مهدي عليه السلام جي زماني جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي ته ماڻهن مان حرص ۽ هيڄ ختم ٿي ويندو ۽ بي نيازي پيدا ٿيندي.

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا ته: جنهن وقت امام قائم عليه السلام قيام ڪندو ته الله پاڪ ماڻهن جي دلين کي غني ۽ بي نياز ڪري ڇڏيندو ايستائين جو جڏهن امام عليه السلام اعلان ڪندو ته جنهن کي مال ۽ دولت گُهرجي اُهو اچي مون کان وٺي ته ان وقت ڪو به اڳتي نه وڌندو.[٣]

روايت ۾ (يملا قلوب اُمة محمد) استعمال ٿيو آهي جنهن تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته مال ۽ دولت جي بي

---

١. عبدالرزاق مصنف، جلد١١، صفحو٤٠٢؛ ابن حماد فتن، صفحو١٦٢؛ ابن طاؤس ملاحم، صفحو١٥٢.

٢. منن الرحمٰن، جلد٢، صفحو٤٢؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٥٢٤.

٣. ابن طاؤس ملاحم، صفحو٧١؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو١٨٦؛ الشيعه و الرجعه، جلد١، صفحو٢٧ .

نيازي جو ذڪر ناهي بلڪ روح جي بي نيازي جو ذڪر آهي ممڪن آهي تہ هڪ انسان فقير هجي مگر ان جو روح بي نياز ۽ مطمئن هجي، ان روايت ۾ (يملا قلوب اُمۃ محمد) جي جملي جو استعمال اهو ٻڌائي ٿو تہ انهن جون دليون بي نياز هونديون ان کان علاوه مالي اعتبار کان بہ حالت بهتر هوندي.[١]

امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ ماڻهن جي اخلاقي ڪمال، قلبي قوت ۽ عقلي رشد جي باري ۾ ڪجهہ روايتون ذڪر ڪجن ٿيون:

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ خدا جي بندن جي سرن تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريندو انهن جي عقل کي جمع ڪندو ۽ انهن جي اخلاق کي ڪامل ڪري ڇڏيندو.[٢]

ڇاڪاڻ تہ امام زمانہ (عج) اسلامي قانون کي مڪمل طريقي سان جاري ڪندو، تنهن ڪري ماڻهن جي فڪري رشد ۾ اضافي جو سبب ٿيندو ۽ رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جو هدف بہ حاصل ٿي ويندو جيئن پاڻ ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائيندا هئا تہ:

---

١. احمد مسند، جلد٣، صفحو٣٧ ۽ ٥٢؛ جامع احاديث، جلد١، صفحو٣٤ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو١٤٦.

٢. كافي، جلد١، صفحو٢٥؛ خرائج، جلد٢، صفحو٨٤٠؛ كمال الدين، جلد٢، صفحو٤٧٥.

آڻ ماڻهن جي اخلاق کي انتها تائين پهچائڻ جي لاءِ مبعوث ٿيو آهيان.

زيد زراد چوي ٿو ته: مون حضرت امام جعفرصادق عليه السلام کي عرض ڪيو ته: مونکي خوف آهي ته متان آڻ مؤمن نه رهان، امام عليه السلام فرمايو: چو؟ مون عرض ڪيو ته چاڪاڻ ته مان پنهنجي درميان ڪو به اهڙو شخص نه ٿو ڏسان جيڪو پنهنجي پاءُ کي درهم ۽ دينار تي مقدم ڪري، بلڪ ڏسي رهيو آهيان ته درهم ۽ دينار اسان جي نزديڪ ان برادر ديني ۽ ايماني تي اهميت رکن ٿا جن جي ۽ اسان جي درميان رابطو اميرالمؤمنين عليه السلام جي ولايت ۽ دوستي آهي.

امام عليه السلام فرمايو: نه توهان اهڙا نه آهيو بلڪ مؤمن آهيو، مگر توهان جو ايمان اسان جي قائم عليه السلام جي ظهور جي وقت ڪامل ٿيندو ان وقت الله پاڪ توهان کي صبر ۽ بردباري عطا ڪندو ۽ توهان جو ايمان ڪامل ٿي ويندو.[1]

---

١. اصول الستہ عشر، صفحو٦؛ بحارالانوار، جلد٦٨، صفحو٣٥٠.

باب ٽيون

امن ۽ امان

حضرت امام مهدي (عج) جي ظهور کان پهرين سڄي دنيا ۾ بدامني جي فضا هوندي، امام عليه السلام جو سڀ کان پهريون بنيادي مقصد معاشري ۾ امن امان قائم ڪرڻ هوندو، رستا ايتري قدر پُرامن ٿي ويندا جو جوان عورتون بغير ڪنهن محرم جي اڪيلو سفر ڪنديون ۽ هر طرح جي بري نظر کان محفوظ رهنديون.

اهڙا قانون جاري ٿيندا جو ماڻهو مالي ۽ جاني اعتبار سان مڪمل طور تي امن ۽ امان ۾ هوندا، سماج مان چوري ختم ٿي ويندي ايستائين جو جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن جي ڪيسي ۾ هٿ وجهندو تڏهن به چوري جو گُمان نه ڏنو ويندو بلڪ ان جي توجيهه ڪئي ويندي.

ريون ۽ بگهڙ گڏ زندگي گذارينداء ٻار وڇُون، نانگ ۽ بلائن سان راند ڪندا جڏهن ته اُهي زهريلا جانور انهن کي ڪوبه نقصان نه پهچائندا.

الف) عمومي امن و امان

رسول خداﷺ جن ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ:

جڏهن حضرت عيسىٰ بن مريمعليه‌السلام آسمان کان زمين تي ايندو ۽ دجال کي قتل ڪندو...ڏنار پنهنجي چوپائي مال کي چوندا تہ فلاڻي جاء تي چرڻ لاء ويو ۽ فلان وقت تي واپس اچجو، رڍن جا ڏڻ بن پوکن جي وچ ۾ چَرندا مگر اهو مال انهن جي هڪ ٻڙي کي بہ نقصان نہ پهچائيندو ۽ ان جي هڪ ٽاري کي بہ پنهنجن پيرن سان نہ لتاڙيندو.[1]

اميرالمؤمنين حضرت عليعليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام قائمعليه‌السلام قيام ڪندو تہ آسمان مان پاڻي وسندو، چوپايو مال ۽ وحشي جانور هڪ ئي دروازي کان صلح ۽ امن سان داخل ٿيندا ۽ انهن جو انسانن سان ڪو واسطو نہ هوندو، ۽ ايترو تہ امن۽ امان هوندو جو هڪ عورت عراق کان شام تائين جو سفر ڪندي مگر ڪيس نہ ڪو درندو پريشان ڪندو ۽ نہ ئي وري اُها کنهن درندي (وحشي جانور) کان ڊجندي.[2]

انهن حديثن مان امام مهديعليه‌السلام جي زماني ۾ جاني ۽ مالي اعتبار سان امن ۽ امان جو جڳي طرح اندازو لڳائي

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو٩٧.

٢. خصال صدوق، باب٤٠٠، صفحو٢٥٥؛ الامامة والتبصره، صفحو١٣١؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٤.

سگهجي ٿو انهيءَ ڪري تہ ڏنار جڏهن پنهنجي مال کي جهنگل ڏانهن موڪليندو تہ انسانن ۽ درندن جي زيادتي کان بي فڪر هوندو، جڏ تہ ٻين جي احترام واري قانون کي حيوانن ٻہ قبول ڪري ورتو هجي ۽ سيئي ان جي سامهون مطيع ۽ رضامند ٿي ويا هجن.

ب) پُرامن سفر

حضرت امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دوران رستن جي سلامتي ۽ امنيت جي باري ۾ تمام گهٽيون روايتون موجود آهن مگر اسان انهن منجهان ڪجهہ روايتن کي هن جاءِ تي ذڪر ڪريون ٿا:

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جو دور اهڙو هوندو جو ٻہ عورتون رات جي وقت سفر ڪنديون مگر کين ڪنهن ٻہ قسم جي ناانصافي ۽ ظلم جو خوف نہ هوندو.[1]

رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

يقيناً الله پاڪ ان امر (پنهنجي دين) کي پورو ڪندو اهڙي طرح سان جو هڪ شخص رات جو صنعا کان حضرموت تائين سفر ڪندو مگر ان کي الله کان سواءِ ڪنهن جو ٻہ خوف نہ

---

١. المعجم الكبير، جلد٨، صفحو١٧٩.

هوندو.[١] انهن ٻنهي جڳهن جا نالا شايد ان ڪري ورتا ويا آهن تہ اُتي خوفناڪ بيابان (برپٽ) آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن کي مفازه سان تعبير ڪيو ويندو آهي يعني اُتان ڪان ڪاميابي ۽ سلامتي سان گذري وڃڻ جي فال وجهڻ.

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام فرمائن ٿا تہ:

خدا جو قسم امام مهديعليه‌السلام جا مددگار ان حد تائين جنگ ڪندا جو صرف ۽ صرف الله پاڪ جي عبادت ڪئي وڃي ۽ ٻئي ڪنهن کي ان جو شريڪ قرار نہ ڏجي، ايستائين جو هڪ پوڙهي عورت دنيا جي هڪ طرف ڪان ٻئي طرف هلي وڃي مگر ڪوبہ ان تي تجاوز نہ ڪري.[٢]

هڪ شخص حضرت امام جعفر صادقعليه‌السلام جن ڪان سوال ڪيو تہ: اسان امام قائمعليه‌السلام جي ظهور جي تمنا ڇو ڪيون؟ ڇا غيبت جي زماني ۾ اسان جو مرتبو بلند ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون تہ: سبحان الله! ڇا تون نٿو چاهين تہ امامعليه‌السلام پنهنجي عدالت سڄي دنيا ۾ عام ڪري ڇڏي ۽ رستن کي پُر

---

١. المعجم الكبير، جلد٤، صفحو٧٢؛ جامع الاصول، جلد٧، صفحو٢٨٦؛ بيهقي سنن، جلد٩، صفحو١٨٠.

٢. عياشي تفسير، جلد٢، صفحو٦٢؛ نعماني غيبة، صفحو٢٨٣؛ تفسير برهان، جلد١، صفحو٣٦٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٤٥؛ ينابيع المودة، صفحو٤٣٣؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٣٨٠.

امن بٹائي ڇڏي ۽ پنهنجي باانصاف فيصلن سان مظلوم ماڻهن جي نصرت فرمائي؟.[١]

ج) فيصلن تي اعتماد

امام عليه السلام جي ظهور کان بعد اهڙن ماڻهن جو پيڇو، انهن جي گرفتاري ۽ انهن جو محاڪمو حتمي ۽ يقيني آهي، جن سڄي دنيا ۾ بدامني ايجاد ڪري رکي آهي ان ڪري ته الله پاڪ جي حدن کي جاري ڪرڻ اهم واجبات منجهان آهي، خاص طور تي ائمہ معصومين عليهم السلام ۽ حضرت بقية الله عليه السلام جي موجودگي ۾ جڏهن قرآن پاڪ جي مطابق ۽ نفساني خواهشن جي بغير، حدن کي جاري ڪيو ويندو.

---

١. اختصاص، صفحو٢٠؛ عياشي تفسير، جلد١، صفحو٦٤؛ نعماني غيبة، صفحو١٤٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو١٤٤؛ اثباة الهدیٰ، جلد٣، صفحو٥٥٧؛ بحارالانوار ۾ ينصرالمظلوم جي بجاء ينف المظلوم موجود آهي، الفائق، جلد٤، صفحو١٠٠.

باب چوٿون

اقتصاد

جيڪڏهن حڪومت، الله واري حڪومت هجي، قانون ۽ الله جي احڪامن کي معاشري ۾ اجراء ڪري ته ماڻهو به ان جي برڪت سان تبديل ٿي ڪري تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي رستي تي اچي ويندا جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو ته الله پاڪ جون سڀ نعمتون هر طرف انسانن تي وسنديون.

اسان قرآن پاڪ ۾ پڙهندا آهيون ته: (ولو انّ اهلَ القُرى آمنوا و اتقوا لفتحنا عليهم برکات من السّماء والارض).[1] ۽ جيڪڏهن اُنهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار بڻجن ها ته مٿن آسمانن ۽ زمين کان برڪتون ضرور کوليون ها.

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ۾ ماڻهو خدا جي طرف مائل ۽ حجت خدا جي حڪم جي سامهون تسليم هوندا، پوءِ ڪوبه زمين ۽ آسمان جي برڪتن جي درميان رندڪ نه ٿيندو، موسم جي اعتبار سان بارشون ٿيندیون، درياء پاڻيءَ سان مڪمل پرجي ويندا، مڪي ۽ مديني جهڙا صحرا جتي ڪڏهن ساوڪ جو نالو ۽ نشان نه هوندو هو اُهي اوچتو سرسبز ٿي ويندا ۽

---

١. سورت اعراف، آيت ٩٥.

چوپائي مال کي پالڻ جو رواج عام ٿي ويندو، امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ اقتصاد جي بهتر ٿيڻ جي سلسلي ۾ تمام گهڻيون روايتون آهن، اسان انهن مان ڪجهه روايتن جو هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون:

الف) اقتصاد ۽ اجتماعي بهبود ۾ رونق

١: مال ۽ دولت جي تقسيم

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا ت:

جڏهن امام قائم عليه السلام قيام ڪندو ت بيت المال کي ماڻهن جي درميان عدل سان تقسيم ڪندو، زمين تي موجود دولت (جيئن خمس ۽ زڪوات) ۽ زمين جي اندر لڪيل دولت (جيئن خزانا ۽ معادن) سڀ امام عليه السلام وٽ جمع ٿي ويندا پوء ان وقت پاڻ ماڻهن کي خطاب ڪندا ت: اچو جنهن شيءِ جي خاطر توهان پنهنجن رشتيدارن کي جدا ڪري ڇڏيو هو ۽ خون ريزي ۽ گناهن لاء تيار هئا اچو اها شيءِ کڻي وجو، امام عليه السلام جن اهڙي طرح مال کي تقسيم ڪندا جو کائنئ پهريان ڪنهن به اهڙي نموني تقسيم نه ڪيو هوندو.[١]

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٣٧؛ عقد الدرر، صفحو٣٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٩٠؛ اثبات الهداة، جلد٣، صفحو٤٩٧.

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: آخري زماني ۾ هڪ خليفو ظاهر ٿيندو جيڪو ماڻهن کي بي شمار مال عطا ڪندو.[١]

پاڻ سڳورنﷺ جن اهو پڻ فرمايو تہ:

نااميدي ۽ فساد ۽ فتني واري زماني ۾ مهدي نالي هڪ شخص ظهور ڪندو جنهن جي بخشش ماڻهن جي خوشحاليءَ جو سبب بڻجندي.[٢]

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: قريش مان هڪ شخص ظاهر ٿيندو... اهو ماڻهن جي وچ ۾ مال کي تقسيم ڪندو ۽ پنهنجي نبيﷺ جي سيرت تي عمل ڪندو.[٣]

٢ : سماج مان فقيري ۽ تنگدستي جو خاتمو

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام مهديؑ ظهور ڪندا... تہ ماڻهو مال ۽ زڪوات کي گهٽي ۽ گليءَ ۾ ڪٽي گهمائيندا مگر ان کي دريافت ڪرڻ وارو نہ ملندو.[٤]

پاڻ سڳورنﷺ جن اُهو پڻ فرمايو تہ:

---

١. ابن حماد فتن، صفحو٩٨؛ ابن ابي شيبہ مصنف، جلد١٥، صفحو١٩٦؛ احمد مسند، جلد٣، صفحو٥؛ ابن طريق عمده، صفحو٤٢٤.

٢. شافعي بيان، صفحو١٢٤؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢٤٨؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٢٠٧.

٣. ابي داؤد سنن، جلد٤، صفحو١٠٨.

٤. عقد الدرر، صفحو١٦٦؛ المستجاد، صفحو٥٨.

مهدي (عج) منهنجي اُمت ۾ هوندو ان جي حڪومت ۾ مال ۽ دولت جا ڍير لڳي ويندا.[١]

هن حديث مان خبر پوي ٿي ته معاشري جي ضرورت برطرف ٿي ويندي ڇاڪاڻ ته مال ۽ مايا ضرورت کان گھٽو هوندو، ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگھجي ٿو ته امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دور ۾ بجيٽ (سال جي اُپت ۽ کپت، سالياني آمدنيءَ ۽ خرچ جي حساب ڪتاب) ۾ گھٽتائي نه ايندي بلڪ آمدني بجيٽ کان جھجھي ۽ گھٽي هوندي.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته:

جڏهن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو... ته زمين پنهنجا خزانا ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي اهڙي طرح جو ماڻهو پنهنجن اکين سان اهي خزانا زمين تي پيل ڏسندا، صاحب زڪوات مستحق جي ڳولا ۾ هوندا ته جيئن ڪو انهن کان وصول ڪري ۽ ماڻهو الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان بي نياز ٿي ويندا.[٢]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام فرمائن ٿا ته:

حضرت مهدي عليه السلام سال ۾ ٻه ڀيرا عطا ڪندو هر مهيني ۾ ٻه ڀيرا پگھار ڏيندو، ۽ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ جھڙائي قائم ڪندو ايستائين جو وري ڪو معاشري ۾ زڪوات ونڊ وارو نه

---

١. مستدرک حاڪم، جلد٤، صفحو٥٥٨؛ الشيعه و الرجعه، جلد١، صفحو٢١٤.
٢. ارشاد مفيد، صفحو٣٦٣؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٧.

ملندو، صاحب زڪوات، فقيرن جو حصو انهن جي خدمت ۾ پيش ڪندا مگر اُهي قبول نہ ڪندا ماڻهو مجبور ٿي پئسن کي مخصوص ٿيلهي ۾ رکي شيعن جي محلن ۽ ڳوٺن ۾ ڦرندا رهندا مگر اُهي ماڻهو چوندا تہ اسان کي توهان جي پئسن جي گهرج ناهي.[١]

ذڪر ٿيل روايت مان ہ نُڪتا ملن ٿا: پهريون هيءُ تہ ماڻهو امام مهدي عليه السلام جي حڪومت ۾ اهڙي نظريي ۽ راءِ جا مالڪ هوندا جو بغير ڪنهن دٻاءُ جي پنهنجي ذميواري تي هر اعتبار سان عمل ڪندا.

انهن ذميوارين منجهان هڪ اسلامي حڪومت کي آمدني جو ٽيڪس ڏيڻ ہ آهي، جيڪڏهن تمام مسلمان پنهنجي پنهجي آمدني جو خمس ۽ دولت جي زڪوات ڏين تہ هڪ وڏي رقم گڏ ٿيندي جنهن سان حڪومت هر طرح جي اصلاحي اقدامن ۽ بهبودي خدمتن تي قادر ٿي ويندي.

ٻيو اهو تہ امام زمانہ عليه السلام جي حڪومت جي دور ۾ ماڻهو معنوي طور تي بي نياز هوندا ۽ هي اُها معنوي تبديلي آهي جيڪا امام زمانہ عليه السلام جي حڪومت جي دور ۾ ظاهر ٿيندي.

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٣٨؛ حلية الابرار، جلد٢، صفحو٦٤٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٩٠؛ ابن ابي شيبہ مصنف، جلد٣، صفحو١١١؛ احمد مسند، جلد٤، صفحو٣٠٦؛ صحيح بخاري، جلد٢، صفحو١٣٥؛ صحيح مسلم، جلد٢، صفحو٧٠.

٣ : محروم ۽ ڪمزور ماڻهن جي پشت پناهي

اميرالمؤمنين حضرت علي عليه‌السلام جن فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام مهدي عليه‌السلام ظهور ڪندو تہ ڪوبہ اهڙو مسلمان، غلام نہ رهجي ويندو جنهن کي امام عليه‌السلام خريد ڪري راه خدا ۾ آزاد نہ ڪري ڇڏي، ۽ ڪوبہ اهڙو قرضدار باقي نہ بچندو جنهن جي قرض کي امام عليه‌السلام ادا نہ ڪري ڇڏي.[١]

حضرت امام محمد باقر عليه‌السلام فرمائن ٿا تہ:

جڏهن امام مهدي عليه‌السلام ظهور ڪندو تہ سي ڪان پهرين مديني ويندو ۽ أُتي هاشمي قيدين کي آزاد ڪندو.[٢]

ب) آبادڪاري

جيڪڏهن اسان امام مهدي عليه‌السلام جي زماني ۾ آبادگاري جي اهميت ۽ عظمت جو اندازو لڳائڻ چاهيون تہ ظهور کان اڳ ويراني ۽ تباهي کي مدنظر رکڻ ضروري هوندو.

جي ها! اهڙي دنيا جيڪا جنگن جي ڪري ويراني، قدرت طلب ماڻهن جي حرص ۽ هوس جو لقمو ۽ هڪ عرصي تائين جنگ جي باه ۾ خاڪستر ٻڌجي وئي هجي ۽ جتي لاشن جا

---

١. تفسير عياشي، جلد١، صفحو٢٤؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٢٤.

٢. فتن ابن حماد، صفحو٨٣؛ الحاوي للفتاوي، جلد٢، صفحو٦٧؛ برهان متقي هندي، صفحو١١٨.

ڏير لڳي ويا هجن تہ ان کي آباد ڪرڻ جي ضرورت بہ گھٽي هوندي، امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دوران ان جي تعمير ۽ آبادڪاري ظاهري طور تي نمايان هوندي.

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: امام مهدي عليه السلام پنهنجن دوستن کي مختلف سرزمينن جي طرف روانو ڪندو، اُهي دوست جيڪي ابتداء ۾ ئي امام عليه السلام جي بيعت ڪري چُڪا هوندا انهن کي مختلف شهرن جي طرف موڪلي عدل ۽ احسان جو حڪم ڏيندو، انهن منجهان هرهڪ ڪنهن نہ ڪنهن سرزمين جو حاڪم هوندو ۽ پوءِ سڄي دنيا جا تمام شهر عدل ۽ احسان سان گڏ، شاد ۽ آباد ٿي ويندا.[١]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا تہ: امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دوران ڪابہ جاءِ غيرآباد ۽ ويران نہ هوندي مگر اهو تہ ان کي آباد ڪيو ويندو.[٢]

---

١. الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو١٦٨.

٢. ڪمال الدين، جلد١، صفحو٣٣١؛ الفصول المهمة، صفحو٢٨٤؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٣٤٢؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٢؛ نورالثقلين، جلد٢، صفحو٢١٢؛ اسعاف الراغبين، صفحو١٥٢.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جڏهن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ ڪوفي جا مڪان ڪربلا ۽ حيره سان گڏجي ويندا.[١]

هيءَ روايت ڪوفي شهر جي وسعت جي خبر ڏيئي رهي آهي، ڪوفو هڪ طرف حيره سان گڏجي ويندو جيڪو هن وقت ڪوفي کان سڌ ٦٠ ڪيلو ميٽر جي فاصلي تي آهي ۽ ٻئي طرف ڪربلا سان گڏجي ويندو ۽ ان جو فاصلو بہ انهيءَ جيترو آهي.

ج) زراعت

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دوران هڪ شعبو جنهن ۾ تمام گهٽي تبديلي ايندي اُهو ٻني ٻارو ڪرڻ ۽ چوپايو مال پالڻ آهي جڏهن ماڻهو بارشن جي گهٽتائي، مسلسل خشڪ سالي، ڪاڏي پيتي جي شين جي گهٽتائي ۽ فصلن جي تباهي جو مزو چکي وينا هوندا، انهي ڪري جو امام زمانہ عليه السلام جي ظهور کان پهرين جيڪڏهن بارش ٿي تہ اها بہ اهڙي موسم ۾ ٿيندي جڏهن زمين کي ان جي ضرورت نہ هوندي جنهن جي ڪري فصل تباه ٿي ويندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اوچتي بارش

---

١. غيبة نعماني، صفحو٢٩٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣ ۽ ٣٣٧؛ اعلام الوري، صفحو٤٣٤؛ خرائج، جلد٣، صفحو١١٦٧؛ روضة الواعظين، جلد٢، صفحو٢٦٤؛ المحجر، صفحو١٨٤.

سان فصل برباد ٿي ويندا. روايتن اهڙي زماني ۾ چوويهه (٢٤) بارشن جي خبرڏني وئي آهي، جيڪي ظهور کان بعد وسنديون ۽ ان جي نتيجي ۾ تمام گهٽيون برڪتون ماڻهن ۾ شامل هونديون، خشڪ صحرائن ۾ خشڪيءَ جو نالو نشان نه رهندو نعمتون ايتري قدر وڌي ويندیون جو ماڻهو پنهنجي مري ويلن جي لاءِ زندگي جي تمنا ڪندا.

١ : بارشن جي ڪثرت

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا ت: آسمان انهن تي ڪثرت سان بارش وسائيندو.[١]

حضرت امام جعفر صادقؑ جن فرمائن ٿا ت: جڏهن حضرت قائمؑ جو زمانو ايندو تڏهن جمادي الثاني ۽ رجب جي مهيني ۾ ڏهه ڏينهن اهڙيون بارشون ٿيندیون جهڙيون ڪنهن به نه ڏٺيون هونديون.[٢]

٢ : فصلن جي پيداوار جي گهٽائي

رسول خداﷺ جن امام مهديؑ جي زماني ۾ زمين جي آمادگي جي باري ۾ فرمائن ٿا ت: زمين اُن چاندي جيان نرم ٿي ويندي جيڪا اُوبارو ڪائڻ کان پوءِ ٿيندي آهي اها پوک لاءِ تيار

---

١. مجمع الزوائد، جلد٧، صفحو٣١٧؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو١٣٩.
٢. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٧؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٣.

هوندي ۽ گاهه ڦُٽندو، جهڙي طرح حضرت آدمعليه السلام جي زماني ۾ هئي.[١]

رسول خداصلى الله عليه وآله وسلم جن پيداوار جي برڪت جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ: ڏاڙهونءَ جي هڪ داڻي مان ڪيترائي ماڻهو ڍؤ ڪري سگهندا.[٢]

انگور جو هڪ ڇُڇُو ڪيترائي ماڻهو کائيندا ۽ انهن جو ان هڪ ڇُڇُي مان ڍؤ ٿي ويندو.[٣]

رسول خداصلى الله عليه وآله وسلم جن ان سلسلي ۾فرمائن ٿا تہ:جڏهن امام مهدعليه السلام منهنجي امت جي درميان ظاهر ٿيندو تہ زمين مان پيداوار، ميوا ۽ گل ڦُٽندا ۽ آسمان بارش وسائيندو.[٤]

---

١. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٥٢؛ سنن ابن ماجہ، جلد٢، صفحو١٣٥٩؛ فتن ابن حماد، صفحو١٦٢.

٢. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٥٢؛ الدرالمنثور، جلد٤، صفحو٢٥٥؛ عبدالرزاق مصنف، جلد١١، صفحو٤٠١.

٣. ملاحم ابن طاؤس، صفحو١٥٢؛ الدرالمنثور، جلد٤، صفحو٢٥٥.

٤. المناقب و المثالب، صفحو٤٤؛ احقاق الحق، جلد١٩، صفحو٦٧٧؛ سنن ابن ماجہ، جلد٢، صفحو١٣٥٦.

٣ : حيوانن کي پالڻ جورواج

رسول خداﷺ جن فرمائن ٿا تہ: منهنجي امت جي زندگيءَ جي آخري دور ۾ امام مهديعليه‌السلام ظهور ڪندو... ۽ جانورن ۾ واڌارو ٿيندو.[١]

پاڻ سڳورنﷺ جن اهو پڻ فرمايو تہ: ان زماني ۾ جانورن جا وڻاڻ پنهنجي زندگيءَ کي هميشگي بخشيندا.[٢]

هن حديث مبارڪ مان هيءُ نُڪتو ملي ٿو تہ امام زمانہ (عج) جن جي ظهور کان پهرين پاڻي ۽ گاهہ جي گهٽتائي ۽ بيمارين جي گهڙائي جي ڪري چوپايو مال پنهنجي زندگيءَ کي بقا نہ ڏيئي سگهندو.

٤ : تجارت

ڪنهن بہ ملڪ ۽ معاشري ۾ وسيع تجارت ان ملڪ جي اقتصادي رونق ۽ ان جي دولتمند هجڻ جي دليل هوندي آهي.

رسول خداﷺ جن ان باري ۾ فرمائن ٿا تہ: قيامت (کان پهريان) جي هڪ علامت هيءَ آهي تہ دولت ۽ مال ماڻهن جي

---

١. مستدرک حاڪم، جلد٤، صفحو٥٥٨؛ عقدالدرر، صفحو١٤٤؛ ڪشف الغمہ، جلد٣، صفحو٢٦٠؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢١٥؛ بحارالانوار، جلد٥١، صفحو٨١؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو٢١٤.

٢. جامع الاحاديث، جلد٨، صفحو٧٧؛ احقاق الحق، جلد١٣، صفحو٢١٥ ۽ جلد١٩، صفحو٦٨١.

درميان سيلاب وانگر جاري ٿيندو، علم ۽ دانش ظاهر ٿيندو، تجارت عام ٿيندي ۽ بازارن جي رونق وڌي ويندي.[١]

١. عيون الاخبار، ابن قتيبه، جلد١، صفحو١٢.

باب پنجون

صحت ۽ علاج

امام مهدي(عليه السلام) جي ظهور کان پهريان معاشري جي هڪ مشڪل تندرستي ۽ علاج جي گهٽتائي آهي جنهن جي نتيجي ۾ وبائي مرضن ۽ ناگهاني (اتفاقي ۽ اچانڪي) موت ۾ اضافو ٿيندو.

هي دل ڏارينڌڙ ۽ دردناڪ حالت زندگي جي فضا جي آلودگي ۽ ايٽمي ڪيميائي ۽ زهريلي هٿيارن جي استعمال جي ڪري ٿيندي يا ان جو سبب اُهي ڇڇريل لاشون هونديون جن کي دفن نه ڪيو ويو هوندو، يا ته وري ذهني يا روحاني بيماريون به ٿي سگهن ٿيون جيڪي بدامني ۽ عزيزن ۽ رشتيدارن جي موت جي نتيجي ۾ پيدا ٿين ٿيون، شايد انهن تمام سببن يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري وجود ۾ ايندڙ جنهن کي اسان نٿا ڄاڻون.

اهڙين حالتن ۾ امام مهدي(عليه السلام) جي حڪومت ستايل ۽ ڏُکويل ماڻهن جي دلين ۾ اميد جي لهر وانگر ايرندي ۽ ناخوشگوار حالتن جو خاتمو ۽ انساني سماج کي تندرستيءَ جي خوشخبري ملندي، اسان هتي ظهور کان پهرين تندرستي ۽ علاج جي باري ۾ ڪجهه روايتون نقل ڪندا سين ۽ ان کان

پوءِ انهيءَ باري ۾ امام عليه السلام جي ڪوششن کي بيان ڪندا سين.

الف) بيمارين جورواج ۾ ناگهاني موت ۾ اضافو

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

قيامت جي قريب ٿيڻ جي هڪ علامت هيءَ آهي تہ هڪ شخص بغير ڪنهن بيماري جي مري ويندو.[١]

رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن هڪ بي حديث ۾ فرمائن ٿا تہ: قيامت جي نزديڪ ٿيڻ جي علامت، موت ۾ اضافو ۽ لڳاتار زلزلن جو اچڻ آهي.[٢]

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: حضرت قائم عليه السلام جي ظهور کان پهرين بن طرحن جو موت گهٽو ٿيندو سرخ موت (قتل) ۽ سفيد موت يعني وبا.[٣]

حضرت امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جن رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن کان نقل ڪن ٿا تہ: ناگهاني موت، ڪوڙهہ ۽ بواسير قيامت جي علامتن منجهان آهن.[٤]

---

١. فردوس الاخبار، جلد٤، صفحو٢٩٨.
٢. المعجم الكبير، جلد٧، صفحو٩٥.
٣. ارشاد مفيد، صفحو٣٥٩؛ غيبة نعماني، صفحو٢٧٧؛ غيبة طوسي، صفحو٢٦٧؛ خرائج، جلد٣، صفحو٥٢.
٤. بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٢٦٩؛ الزام الناصب، جلد٢، صفحو١٢٥ ۽ ١٤٧.

ب) صحت ۽ تندرستي

امام مهدي عليه السلام جي حڪومت جي دوران علم، دانش ۽ خاص طور تي علم ۽ صحت جي حيرت انگيز ترقي ۽ صحتمند معاشري جي لاءِ اُن مان فائدو، جنگ جي باھ جو وسامڻ، ٻني ٻاري جي رونق، ڪاڏي پيتي جي شين کي فراھم ڪرڻ ھي اھي سبب آھن جن جي ڪري صحت ۽ تندرستي ايتري حدّ تائين پھچي ويندي جو ھڪ شخص پنھنجي ھڪ ھزار اولاد کي ڏسڻ کان پوءِ ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪندو.

حضرت امام علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: حضرت مهدي عليه السلام جي حڪومت ۾ ماڻھن جي وڏي عمر ٿيندي.[1]

مفضل بن عمر حضرت امام جعفر صادق عليه السلام کان نقل ڪري ٿو تہ: جڏھن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ ماڻھو سندن حڪمراني جي ڇانوَ ۾ وڏي عمر ڪندا... ايستائين جو ھرھڪ ماڻھوءَ جو ھڪ ھزار اولاد ھوندو.[2]

حضرت امام سجاد عليه السلام ان باري ۾ فرمائن ٿا تہ: جڏھن اسان جو قائم عليه السلام قيام ڪندو تہ الله پاڪ اسان جي شيعن کان بيمارين کي پري ڪري ڇڏيندو ۽ انھن جي دلين کي فولاد

---

١. عقدالدرر، ص١٥٩، القول المختصر، ص٢٠ .

٢. ارشاد مفيد، صفحو٣٦٣؛ المستجاد، صفحو٥٠٩؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٧؛ وافي، جلد٢، صفحو١١٣.

وانگر مضبوط بٹائي ڇڏيندو ۽ انهن منجهان هرهڪ شخص کي چاليهن مردن جي طاقت عطا ڪئي ويندي، اُهي ماڻهو زمين جا مالڪ ۽ سربراه هوندا .[١]

حضرت امام محمد باقرعليه‌السلام جن امام زمانہ (عج) جي حڪومت ۾ موجود زندگي جي باري فرمائن ٿا تہ: جڏهن اسان جو قائمعليه‌السلام ظهور ڪندو... تہ رستن تي واقع گندي پاڻيءَ جا کوهہ (گٽر) ۽ نالیون ٽوڙي ڇڏيندو.[٢]

ج)علاج

امام مهديعليه‌السلام جي حڪومت جي دوران ضرورت جي حد تائين علاج موجود هوندو، حضرت امام حسينعليه‌السلام جن امام مهديعليه‌السلام جي حڪومت جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ: ڪو بہ نابينا، مفلوج ۽ دردمند انسان زمين تي باقي نہ رهندو مگر اهو تہ الله پاڪ ان جي درد کي ختم ڪري ڇڏيندو.[٣]

---

١. غيبة نعماني، صفحو٣١٧؛ خصال صدوق، جلد٢، صفحو٥٤١؛ روضة الواعظين، جلد٢، صفحو٢٩٥؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣١٧؛ الصراط المستقيم، جلد٢، صفحو٢٦٠.

٢. مفيد ارشاد، صفحو٣٦٥؛ طوسي غيبة، صفحو٢٨٣؛ اثباة الهداى، جلد٣، صفحو٤٥٢؛ بحارالانوار، جلد٥٢، صفحو٣٣٣؛ الفصول المهمہ، صفحو٣٠٢؛ روضة الوعظين، جلد٢، صفحو٢٦٤.

٣. خرائج، جلد٢، صفحو٤٨٩؛ بحارالانوار، جلد٥٣، صفحو٦٢.

اميرالمؤمنين حضرت علي عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: جنهن وقت قائم عليه السلام غيبت کان بعد ظاهر ٿيندو تہ جبرائيل عليه السلام سندن اڳيان اڳيان هوندو ۽ الله جو ڪتاب سندن چهري جي سامهون هوندو جنهن سان امام عليه السلام ڪوڙهہ ۽ برص جي مريضن کي شفا ڏيندو.[١]

انهن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام زمانہ عليه السلام جن پاڻ لاعلاج بيمارين جي علاج ڪرڻ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪندا.

امام عليه السلام جي شهادت

حضرت امام مهدي (عج) جي شهادت يا رحلت جي باري ۾ روايتن ۾ اختلاف موجود آهي. حضرت امام حسن مجتبىٰ عليه السلام جن فرمائن ٿا تہ: اسان امامن منجهان هرهڪ زهر سان يا تلوار سان شهيد ٿيندو.[٢]

اهڙيون روايتون جيڪي امام عليه السلام جي شهادت جو اُهجاڻ ڏيئي رهيون آهن اُنهن منجهان ڪجهہ کي بين روايتن تي ترجيح ڏيئي سگهجي ٿي. هتي اسان انهن منجهان ڪجهہ کي بيان ڪري رهيا آهيون:

---

١. دوحة الانوار، صفحو١٣٣؛ الشيعہ و الرجعہ، جلد١، صفحو١٧١.
٢. ڪفاية الاثر، صفحو٢٢٦؛ بحارالانوار، جلد٢٧، صفحو٢١٧.

١: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام هن آيت (ثم رددنالكم الكرة عليهم).[١] جي باري ۾ فرمائن ٿا ته: ان مان مراد امام حسين عليه السلام ۽ سندن ستر اصحابن جو امام مهدي عليه السلام جي زماني ۾ ٻيهر زندھ ٿيڻ آهي جڏھن ته کين سر تي جنگي ٽوپي پاتل هوندي ۽ ماڻھن کي امام حسين عليه السلام جي ٻيهر زندھ ٿيڻ جي خبر ڏيندو ته جيئن مؤمن شڪ ۾ نه پون.

ائين انهيءَ وقت ٿيندو جڏھن امام عليه السلام ماڻھن جي درميان هوندو ڇاڪاڻ ته سندن معرفت ۽ ايمان ماڻھن جي دلين ۾ مضبوط ٿي ويو هوندو، ۽ جڏھن امام مهدي عليه السلام جي شهادت ٿيندي ته امام حسين عليه السلام کين غسل کفن ڏيندا ۽ حنوط ڪرڻ کان پوءِ کين دفن کندا، ڇاڪاڻ ته کنهن به وصي کي وصي کان سواءِ ڪو ٻيو مٿي حوالي نٿو ڪري سگھي.[٢]

ارطات چوي ٿو ته: مون پڌو آهي ته امام مهدي عليه السلام کي چاليهه سال گذارڻ کان پوءِ طبيعي موت اچي ويندو.[٣]

---

١. سورت اسراء، آيت٦.

٢. اصول کافي، جلد٨، صفحو٢٠٦؛ تاويل ال آيات الظاهره، جلد١، صفحو٢٧٨؛ تفسير برهان، جلد٢، صفحو٤٠١؛ بحارالانوار، جلد٥٣، صفحو١٣ ۽ جلد٥١، صفحو٥٦؛ مختصرالبصائر، صفحو٤٨.

٣. فتن ابن حماد، صفحو٩٩؛ عقدالدرر، صفحو١٤٧؛ برهان متقي هندي، صفحو١٥٧.

جيتوٽيڪ ارطات اسان جي لاءِ معتبر ناهي مگر هن ۾ سچائي جو امڪان به موجود آهي.

ڪتاب الزام الناصب ۾ آهي ته جڏهن ستر سال پورا ٿي ويندا ته تميم قبيلي مان سعيده نالي عورت امام عليه السلام کي شهيد ڪندي، ان عورت جي خصوصيتن منجهان هڪ هيءَ آهي ته ان کي مردن وانگر ڏاڙهي هوندي جڏهن امام عليه السلام گذري رهيا هوندا ته اُها عورت چت تان هڪ پٿر مٿن اُڇلائيندي جنهن سان سندن شهادت واقع ٿيندي ۽ جڏهن پاڻ شهيد ٿي ويندا ته امام حسين عليه السلام سندن غسل ڪفن جو فريضو انجام ڏيندا.[١]

باقي هن ڪتاب ۽ احسائي متوفّي١٢٤١ ھ جي جي ڪتاب "شرح زيارت جامعه" کان سواءِ مون هيءَ عبارت ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ ناهي ڏٺي.

حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن فرمائن ٿا ته: حضرت امام حسين عليه السلام پاڻ سان گڏ شهيد ٿيڻ وارن صحابين سان ايندا.[٢] ته ستر نبي ساٽن گڏ هوندا جهڙي طرح حضرت موسىٰ عليه السلام سان ستر ماڻهو موڪليا ويا هئا. ان وقت قائم عليه السلام

---

١. الزام الناصب، صفحو١٩٠؛ تاريخ ما بعد الظهور، صفحو٨٨١.

٢. امام حسين عليه السلام جي رجعت جي باري ۾ بزرگوار آيت الله محمد رضا طبسي جي ڪتاب ستاره درخشان جو مطالعو ڪريو.

پنهنجي مُنڊي ان جي حوالي ڪندا ۽ امام حسين عليه السلام سندن غسل، ڪفن، حنوط ۽ دفن جا فرائض انجام ڏيندا.

سلام عليه يوم ولد و يوم يظهر و يوم يموت و يوم يبعث حيّا.

ابوطالبؑ انٹرنیشنل اسلامک انسٹی ٹیوٹ کے اہداف و مقاصد

١۔ تعلیمات محمد وآل محمدؐ کی نشر واشاعت

٢۔ مبلغّین کی تربیت

٣۔ دین مبین اسلام اور مذہب شیعہ پر ہونے والے اعتراضات کے مدلل جوابات

٤۔ فن ترجمہ و تحقیق سے آشنائی

٥۔ غریب مومنین کی مدد

ابوطالبؑ انٹرنیشنل اسلامک انسٹی ٹیوٹ کی مطبوعات

١۔ الصّواعق الالھیّۃ فی الرّد علی الوھابیۃ

٢۔ وہابیت عقل وشریعت کی نگاہ میں

٣۔ وہابی افکار کی ردّ (اردو/سندھی)

٤۔ نظریہ عدالت صحابہ

٥۔ سلف اور سلفی

٦۔ نماز تراویح سنت یا بدعت ؟

٧۔ نماز میں ہاتھ کھولیں یا باندھیں؟ (اردو/سندھی)

٨۔ مذہب شیعہ پر ہونے والے اعتراضات کے جوابات (اردو/سندھی)

٩۔ آگ اور خانہ زہراء سلام اللہ علیہا

١٠۔ ندائے ولایت (اشھد انّ علیّا ولی اللہ)

١١۔ گریہ و عزاداری

۱۲۔ ماتم اور عزاداری کیوں؟

۱۳۔ امام حسینؑ کے مکی ایام

۱۴۔ عقد ام کلثوم

۱۵۔ گنہگار عورتیں

۱۶۔ شیعیان علیؑ کا مقام

۱۷۔ حق پر کون؟ (اسلامی مذاہب کا وہابیوں سے مناظرہ)

۱۸۔ پیغمبرؐ کے پہلے یار کون؟

۱۹۔ شرح چہل حدیث امام مہدی علیہ السلام

۲۰۔ اعمال ماہ مبارک رمضان (ترجمہ کامل)

۲۱۔ ہدیہ مبلغین

۲۲۔ وہابیت فرقہ برائے تفرقہ

۲۳۔ ردّ الشبہات

۲۴۔ ولادت امام مہدی علیہ السلام اور عصر غیبت میں وجود امام کے فوائد

۲۵۔ ندائے اسلام (شش ماہی رسالہ)

۲۶۔ وہابیت اور توسل

۲۷۔ متعہ صحابہ کرام، تابعین اور فقہاء کی نظر میں

۲۸۔ رجال مقارن

۲۹۔ جمع بین الصلاتین (دو نمازوں کو ایک ساتھ پڑھنے کا حکم)

٣٠۔ نماز جمعہ کو مت ترک کریں؟

٣١۔ شناخت صحابہ

٣٢۔ وہابیت اور امویت

٣٣۔ وہابیت کا تنقیدی جائزہ

٣٤۔ وہابیت اور عزاداری

٣٥۔ رجعت اسلام کی نگاہ میں

٣٦۔ واقعہ کربلا پر ہونے والے اعتراضات کے جوابات

٣٧۔ علامہ اقبالؒ اور فلسفہ ولایت

٣٨۔ اہل سنت منابع کا تحقیقی جائزہ

٣٩۔ پاکستان کے دینی مدارس کو بہتر بنانے کی تجاویز

٤٠۔ چہلم امام حسین علیہ السّلام کی فضیلت